# آدِيسين اَدَبُ، آهي اَڪثرِينِ ۾

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي بيتن مان چونديل
عنوانن تي مشتمل ڪتابن جو موضوع وارا تفصيل

(تحقيق)

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا ليکڪا وٽ محفوظ آهن



| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | آديسين ادب آهي اڪڙين ۾ |
| موضوع | : | لطيفيات |
| تحقيق ۽ ترتيب | : | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ |
| ڇاپو پهريون | : | 2008ع |
| ڇاپو ٻيون | : | 2009ع |
| ڇاپو ٽيون | : | 2021ع ڊجيٽل ايڊيشن |
| ڪمپوزر | : | معاذ صديقي |
| ڇپائيندڙ | : | محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي |
| آن لائين سنڌ سلامت | : | محمد سليمان وساڻ |

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ



**آديسِيَن اَدَبُ، آهي اَڪڙِيَنِ ۾،**
**نَسبُ تَن جو ناهه ڪو، ڪونهي اُنِ حَسَبُ،**
**سامِيَن ڪي سَپين پرين، رُوحَ ۾ رهيو رَبُ،**
**رِيءَ لانگوٽِيءَ لَبُ، پاڇي ڪَن نه پاڻَ سين.**
(سَر رامڪلي ٧-١٢)

# ارپنا

ارپيان ٿي، انهن آديسين جي عقيدتمنديءَ ادب ۽ احترام کي جيڪي لطيفي فن ۽ فڪر جو ذوق و شوق رکندڙ ۽ هن ڏِسَ ۾ راهون روشن ڪندڙ آهن.

نئين ڇاپي جو انتساب، ”سنڌ سلامت، آن لائين ڪتاب گهر“، جي نانءُ ٿي ڪريان. ادا محمد سليمان وساڻ کي جَسُ هجي جو ڪيترائي سنڌي ادب جا ڪتاب هن ڪتاب گهر وسيلي پوريءَ دنيا جي مطالعي لاءِ ممڪن بنايا اٿس، جن ۾ اڄ منهنجو هيءَ لطيف شناسيءَ جي تحقيق ۽ ترتيب جو ٽيون ڇاپو ڊجيٽل ڪتاب طور شامل ٿي رهيو آهي.

نوٽ: ڪتاب ۾ ڏنل بيت غلام محمد شاهواڻيءَ جي ترتيب ڪيل ”شاهه جو رسالو“ مان ورتا ويا آهن. ڏنگين ۾ آيل پهريون انگ ان سُر جي داستان، ۽ ٻيوانگ بيت جي نمبر کي ظاهر ڪري ٿو. ڪجهه بيت پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، ڊاڪٽر هه.م گربخشاڻي ۽ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي رسالن مان چونڊيل آهن جنهن بابت ان بيت جي هيٺ چاڻ ڏني وئي آهي.

# ڪتاب جو تعارف

هن ڪتاب ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمته الله عليه جي بيتن مان چونڊيل عنوانن تي مشتمل سنڌي ادب جي ڪتابن جو موضوع وار تفصيل آهي گڏ اهي بيت مڪمل طور پيش ڪيا ويا آهن. جن ۾ شاعريءَ سان گڏ ناٽڪن، ناولن، افسانوي مجموعن، سفرنامن، آتم ڪهاڻين، سوانح عمرين ۽ متفرقه موضوعن جي ساڍا ٽي سئو کن ڪتابن جا عنوان آهن.

لطيف شناسيءِ تي ”آديسين ادب آهي اڪثرين ۾“ پنهنجي نوعيت جو هڪ الڳ، نئون، انوکو ۽ منفرد ڪتاب آهي. اڄ تائين هن لطيفي موضوع تي ڪنهن به قلم نه کنيو آهي انهيءَ ڪري هن ڪتاب جي ڇپجڻ جي ڏينهن کان وٺي اڄ تائين خاص اهميت رهي آهي. هر ڇاپي ۾ بيتن جو تعداد وڌايو ويو آهي. موجوده هي 2021ع جو آن لائين ايڊيشن 350 لطيفي بيتن تي مشتمل آهي.

# سنّاءُ

| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | |
| ٻئي ڇاپي جو مهاڳ | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ | |
| ٻه اکر | ڊاڪٽر فهميده حسين | |
| آديسين ادب آهي اکڙين ۾ | ڊاڪٽر نور افروز خواجه | |
| مقدمو | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ | |
| ڪجھ ڪتاب جي باري ۾ | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ | |
| ڊجيٽل ڇاپي لاءِ چند لفظ | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ | |
| ٿورا | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ | |

<u>شاعريءَ جي موضوعن تي ڪتاب</u>


| | | |
|---|---|---|
| 1. آچيندي لڄ مران | نارائڻ شيام | 45 |
| 2. پؤنر پري آڪاس | شيخ اياز | 45 |
| 3. ڪلهي پاتم ڪينرو | شيخ اياز | 45 |
| 4. وڇون وسڻ آئيون | شيخ اياز | 45 |
| 5. وڏا وڻ وٽڪار جا | شيخ اياز | 46 |
| 6. تون ڇپر تون ڇانوَ | شيخ اياز | 46 |
| 7. هينئڙو ڏاڙهون گل جِئن | شيخ اياز | 46 |
| 8. ڪي جو ٻيجل ٻوليو | شيخ اياز | 47 |
| 9. ڪپر ٿو ڪن ڪري | شيخ اياز | 47 |
| 10.لڙيو سج لڪن ۾ | شيخ اياز | 47 |
| 11.پٽڙِ ٿو پور ڪري | شيخ اياز | 48 |
| 12.جُهڙ نيٽؤن نه لهي | شيخ اياز | 48 |
| 13.اُپر چنڊ پس پرين | شيخ اياز | 48 |

| | | |
|---|---|---|
| 14.اُٺي اور الله سين (نثري نظم) | شيخ اياز | 49 |
| 15.اکڙيون ميگهه مَلار | بردو سنڌي | 49 |
| 16.بوندون بس نه ڪن | بردو سنڌي | 49 |
| 17.آڏي ڍال مَ ڍار | رشيد ڀٽي | 49 |
| 18.رڳون ٿيون رباب | ڊاڪٽر تنوير عباسي | 50 |
| 19.ساڃن سونهن سرت | ڊاڪٽر تنوير عباسي | 50 |
| 20.سڄڻ سفر هليا | شيخ عبدالرزاق "راز" | 50 |
| 21.پيهي منجهه پاتار | شيخ عبدالرزاق "راز" | 50 |
| 22.ڪڪر منجهه ڪپار | بشير مورياڻي | 51 |
| 23.آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه | ترتيب: نياز همايوني | 51 |
| 24.گهڙيا سي چڙهيا | استاد بخاري | 51 |
| 25.ماندي ٿي نه مارئي | استاد بخاري | 51 |
| 26.ولولو ۽ ووڪ | استاد بخاري | 52 |
| 27.ڪاري ڪڪر هيٺ | استاد بخاري | 52 |
| 28.ڏکندو ڏور ٿئي | عبدالقيوم "صائب" | 52 |
| 29.سڄڻ نت سوجهرو | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 52 |
| 30.جوتيون جواهرن جون | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد | 53 |
| 31.رُس ۾ رُسڻ گهوريو | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد | 53 |
| 32.تند تنوار | نثار حسيني | 53 |
| 33.روح رهاڻ | حاجي اميد علي لغاري | 54 |
| 34.تند ڪٿارو ڪنڌ | عنايت بلوچ | 54 |
| 35.ڏوريان ڏوريان مَ لهان | تاجل بيوَس | 54 |
| 36.ڪنڌيءَ ڪوئنر ترن | تاجل بيوَس | 54 |
| 37.ڪنڌيءَ اَڪَ ڦلاريا | تاجل بيوَس | 55 |
| 38.آءُ ڏُکن ڏڌي | نثار بزمي | 55 |
| 39.ڏاهيون ڏک ڏسن | ڊاڪٽر ارجن شاد | 55 |
| 40.اُنا مينهن ملير تي | گورڌن ڀارتي | 55 |
| 41.وڻجارن وايُون | ترتيب: عبدالڪريم پلي | 56 |
| 42.ڪائو ڪمايوم | معمور يوسفاڻي | 56 |

| | | |
|---|---|---|
| 43.پکن منجھ پساھ | معمور يوسفاڻي | 56 |
| 44.سُتا اُٿي جاڳ | معمور يوسفاڻي | 57 |
| 45.آڏي ڏِالَ مَ ڏار | معمور يوسفاڻي | 57 |
| 46.ماڻڪ موتي لال | ايوب انصاري | 57 |
| 47.باهيون بيراڳين جون | ترتيب: تاج جويو | 57 |
| 48.ڪنول پاڙون پاتال ۾ | فتاح ملڪ | 58 |
| 49.جي تو بيت پانيان | نورالدين سرڪي | 58 |
| 50.اچن پؤنر پنپوليا | علي دوست عاجز | 58 |
| 51.پرچن شال پهنوار | شفيع انور هالائي | 58 |
| 52.وليون وڻ ڦلاريا | ڊاڪٽر ادل سومرو | 59 |
| 53.اندر رت ريلا | سيد اظهر گيلاني | 59 |
| 54.ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي3 | منصور ويراڳي | 59 |
| 55.پرچن شال پنهوار | عبدالقادر منور ابڙو | 59 |
| 56.تند تنوار | نور احمد پٿي | 60 |
| 57.آڏيسي اسور وچائي واٽ ٿيا | شرمانند لال پرپوننڊن | 60 |
| 58.آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ | شرمانند لال پرپوننڊن | 60 |
| 59.ڪوٺن ڪُني آهيان | ترتيب: ادبي محفل بدين | 60 |
| 60.سِي لاهوتي لڏي ويا | يار محمد ٿانوري | 61 |
| 61.پن پوڙين پاتال ۾ | جمال الدين هوت | 61 |
| 62.سورج شاخون ڪيڍيون | علي محمد پٿي | 61 |
| 63.درد جون دانهون | پنهل فقير مهر | 61 |
| 64.سورن جو ثمر | پنهل فقير مهر | 62 |
| 65.رُس مَ رُسڻ گهوريو | نور شاهين | 62 |
| 66.اکين ۾ ٿي ويھ | ميمڻ روشن تبسم | 62 |
| 67.مون ۾ آهين تون | اڪبر ساگر | 62 |
| 68.تندون جي طلب جون | رحيم بخش "قمر" لاکو | 63 |
| 69.ڳاڙ هيندين ڳوڙها | رحيم بخش "قمر" لاکو | 63 |
| 70.چنڊ تنهنجي ذات | رحيم بخش "قمر" لاکو | 63 |
| 71.آءُ نه گڏي پرينءَ کي | رحيم بخش "قمر" لاکو | 63 |

| | | |
|---|---|---|
| 72.ڪٽي نيڻ خمار مان | رحيم بخش "قمر" لاکو | 64 |
| 73.روضي پاڪ رسول جي | رحيم بخش "قمر" لاکو | 64 |
| 74.محبت جي ميدان ۾ | رحيم بخش "قمر" لاکو | 64 |
| 75.ماڻڪ موتي | رحيم بخش "قمر" لاکو | 64 |
| 76.سپ ۾ پنهون پاڻ | سڪندر خان کوسو | 65 |
| 77.پن ٻوڙين پاتال ۾ | جمال الدين مؤمن | 65 |
| 78.موکيءَ مٿ اُپٽيا (ترتيب) | ذوالفقار گاڏهي | 65 |
| 79.سدا سائر سيرَ ۾ | مزمل "سائز" هاليپوٽو | 65 |
| 80.آديسين ادب آهي اکٿرين ۾ | پروين موسيٰ ميمڻ | 66 |


<u>ناول</u>


| | | |
|---|---|---|
| 81.سسي نيزي پاند | محمد عثمان ڏيپلائي | 67 |
| 82.ڏکن پٺيان سک | ٺهلرام آسودو مل | 67 |
| 83.عشق ناهي راند | گوبند مالهي | 67 |
| 84.ديسي سيڻ ڪجن | گوبند مالهي | 67 |
| 85.سوريءَ آهه سينگار | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 68 |
| 86.سوريءَ جِنين سيج | منصور ويراڳي | 68 |
| 87.رُنَم رَتَ ڦڙا | بادام ناتوان | 68 |
| 88.پڙاڏو سو ئي سڏ | سراج الحق ميمڻ | 68 |
| 89.مرڻ مون سين آءُ | سراج الحق ميمڻ | 69 |
| 90.ڪاهوڙي ڪجن | چام ساقي | 69 |
| 91.هڪ سسئي سؤ سور | سندري اُتم چنداڻي | 69 |
| 92.حياتي هوتن ريءَ | ڪلا پرڪاش | 69 |
| 93.سورن سانديياس | فضل احمد بچاڻي | 70 |
| 94.پرين پگهه چوڙيا | غلام نبي ناشاد | 70 |
| 95.وساريان نه وسرن | عمرالدين بيدار | 70 |
| 96.موٽي ماڳ نه آيا | لعل بخش جهرڪائي | 70 |


<u>ناٽڪ</u>

| | | |
|---|---|---|
| 97.عاشق زهر پياڪ | رشيد ڀٽي | 71 |
| 98.پڙاڏو سوئي سڏ | مراد علي مرزا | 71 |
| 99.لهرين لڪ لباس | مراد علي مرزا | 71 |
| 100. مڙيا مڇ هزار | نثار حسيني | 72 |
| 101. ڪاڪ ڪڙهي وڻ ٻريا | نثار حسيني | 72 |
| 102. ڪي جو ٻيجل ٻوليو | نثار حسيني | 72 |
| 103. ساموندين سڙه سنباپا | نثار حسيني | 73 |
| 104. ويئي رات وهامي | چنا شبير ناز | 73 |
| 105. ٻو چا ڏنم ٻير | سراج الحق ميمڻ | 73 |
| 106. گهاتو گهر نه آيا | سراج الحق ميمڻ | 73 |
| 107. جَرَ ۾ ڦوٽو جئن | سراج الحق ميمڻ | 74 |
| 108. دنگيءَ منجھ درياھ | علي بابا | 74 |
| 109. درياھ تو تي دانهن | امر جليل | 74 |
| 110. ڪي ڏور به اوڏا سپرين | ممتاز مرزا | 74 |
| 111. سي ئي جوين ڏينهن | ممتاز مرزا | 75 |
| 112. بوءِ بهار جي | شوڪت حسين شورو | 75 |
| 113. تند ڪنارو ڪنڌ | محمد قاسم بلوچ | 75 |
| 114. سوريءَ سڏ ٿيو | ڪيرت ٻاٻاڻي | 75 |
| 115. سڪن واري سڏ | تنوير جوڻيجو | 76 |
| 116. جوڳي ڏاڍي ذات | عبدالغفار سومرو | 76 |
| 117. روئي ڏنو رات | ماهتاب محبوب | 76 |


<u>ڪهاڻين جا مجموعا</u>


| | | |
|---|---|---|
| 118. جي تند برابر توريان | شيخ اياز | 77 |
| 119. مٽيءَ لڌو مان | اياز قادري | 77 |
| 120. پن ٻوڙين پاتال ۾ | حفيظ شيخ | 77 |
| 121. اڄ پڻ آڳڙيا آيا | رسول بخش پليجو | 77 |
| 122. راڻا جي رجپوت | حميد سنڌي | 78 |
| 123. سو مون سپ چمار | حميد سنڌي | 78 |

| | | |
|---|---|---|
| .124 جن جهونا ڳَڙھ جلايو | ظهور انصاري | 78 |
| .125 ماڻڪ مٺ سندوم | ترتيب: ناز سنائي | 79 |
| .126 رات منهنجي روح ۾ | غلام نبي مغل | 79 |
| .127 ايڏو سور سهي | نجم عباسي | 79 |
| .128 ڪنهن ساڻ سور سليان | سهڙيندڙ: فيروز ميمڻ | 79 |
| .129 مٺي سنڌ سُڪار | نجم عباسي | 80 |
| .130 پينر هن پنپور ۾ | فتاح ملڪ | 80 |
| .131 پاڙي ناھ پروڙ | بادل جمالي | 80 |
| .132 جتي نينهن اچل | ڊاڪٽر غفور ميمڻ | 80 |
| .133 موتي مهراڻ جا | ترتيب: فيروز احمد ميمڻ | 81 |
| .134 تو جَنِين تات | سندري اُتم چنداڻي | 81 |
| .135 پڇڻ کي پڇاءِ | ريٽا شاهاڻي | 81 |
| .136 سورج شاخون ڪيدون | محمد علي پٺي | 81 |
| .137 ڪانڌي ڪنگ ٿياس | علي گل عباسي | 82 |
| .138 ڪنيس ڪُويچن | محمد شريف ڪوسو | 82 |
| .139 سندي سِڪ سپرين | غالب لطيف | 82 |
| .140 اکيون ميگھ ملهار | اڪبر اديب | 82 |
| .141 وَر وطن چائي | شعبان بخت | 83 |
| .142 کِھ ڪٺوري | ع.ق. شيخ | 83 |
| .143 اکيون ميگھ ملهار | خديجه شيخ | 83 |
| .144 توکي ساري ساھ | ابن حيات پنهور | 83 |
| .145 پيئي جن نه پروڙ | ابن حيات پنهور | 84 |
| .146 رچي جي ريٺو ٿيا | ناز سنائي | 84 |
| .147 ڪڙيا ڪنٺهار | طارق اشرف | 84 |
| .148 رڻ گجيو راڙو ٿيو | ميمڻ روشن تبسم | 85 |
| .149 سامائي ته سک ويا | نيلوفر جويو | 85 |
| .150 سون ورنيون سوڊيون | ترتيب: پروين موسيٰ ميمڻ | 85 |


سفرناما

| | | |
|---|---|---|
| .151 پرينءَ جي پار | حڪيم محمد احسن | 86 |
| .152 ماٺيءَ منجھ مهي | هري موٽواڻي | 86 |
| .153 جيڪي ڏٺو هو مون | ڪيرت ٻاٻاڻي | 86 |
| .154 هينئڙي منجھ هُرن | ڪلا پرڪاش | 86 |
| .155 پکا ۽ پنهوار ڏٺي مون ڏينهن ٿيا | وينا شرنگي | 87 |
| .156 ڏوري ڏوري ڏيھ | ڊاڪٽر تنوير عباسي | 87 |
| .157 سامي سفر هليا | مخدوم غوث بخش مهر | 87 |
| .158 ويھ مَ وساريج | ڊاڪٽر سليمان شيخ | 87 |
| .159 وايون وڻجارن جون | الطاف شيخ | 88 |
| .160 سي ئي جوڀن ڏينهن | الطاف شيخ | 88 |
| .161 بندر ديسان ديس | الطاف شيخ | 88 |
| .162 سمنڊ جن ساڻيھ | الطاف شيخ | 88 |
| .163 بندر بازاريون | الطاف شيخ | 89 |
| .164 جاني ته جهاز ۾ | الطاف شيخ | 89 |
| .165 جوڀن ٻه ٽي ڏينهڙا | الطاف شيخ | 89 |
| .166 جاني آيو جوءَ ۾ | الطاف شيخ | 89 |
| .167 سي ٻيڙيون رکين ٻاجھ سين | الطاف شيخ | 90 |
| .168 سمنڊ جي سيوين | الطاف شيخ | 90 |
| .169 جت جر وهي ٿو جال | الطاف شيخ | 90 |
| .170 دنگيءَ منجھ درياھ | الطاف شيخ | 90 |
| .171 موج نه سهي مڪڙي | الطاف شيخ | 91 |
| .172 سمنڊ سيويو جَن | الطاف شيخ | 91 |
| .173 ڪنواريون ۽ ڪَنول | عبدالحئي پليجو | 91 |
| .174 هو جي وڻ ولات جا | عبدالحئي پليجو | 92 |
| .175 ووڙيم سڀ وٿاڻ | عبدالحئي پليجو | 92 |
| .176 پِريان سندي پار ڏي | عبدالحئي پليجو | 92 |
| .177 بَندرَ مُون ڏور ٿيا | عبدالحئي پليجو | 92 |
| .178 ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون | عبدالحئي پليجو | 93 |
| .179 ڪَجلَ پِنَل نيڻ | عبدالحئي پليجو | 93 |

| | | |
|---|---|---|
| 180. اندر جَنين اُڃ | ماهتاب محبوب | 93 |
| 181. پرين جي پرديس | عنايت بلوچ | 93 |
| 182. سهسين ٿيا سارنگ | عنايت بلوچ | 94 |
| 183. پرديسي ڪهڙا پرين | عنايت بلوچ | 94 |
| 184. قدم ڪاپڙين جا | حسين بخش مرتضائي | 94 |
| 185. خيما ڪاهوڙين | اشتياق انصاري | 94 |
| 186. ڏور به اوڏا سپرين | تاجل بيوَس | 95 |
| 187. اکيون پسي آئيون | رفيق جعفري | 95 |


<u>سوانح عمريون-آتم ڪهاڻيون ۽ خاڪا</u>


| | | |
|---|---|---|
| 188. هو ڏوٿي هو ڏينهن | پير حسام الدين راشدي | 96 |
| 189. جنب گذاريم جن سين | جي. ايم. سيد | 96 |
| 190. ويا سي وينجهار | غلام محمد گرامي | 96 |
| 191. ڳالهيون پيٽ ورن ۾ (آتم ڪٿا) | ڊاڪٽر شمس عباسي | 96 |
| 192. جهڙا گل گلاب جا (آتم ڪهاڻي) | غلام رباني آگرو | 97 |
| 193. سامي سفر هليا | مخدوم غوث محمد مهر | 97 |
| 194. آڌيسي اُٺي ويا (سوانح) | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 97 |
| 195. ٻري جن ٻاري | ڊاڪٽر خان محمد پنهور | 97 |
| 196. اڳي ايئن هياس | فضل احمد بچاڻي | 98 |
| 197. مارو جي ملير جا | خادم حسين چانڊيو | 98 |
| 198. سپريان سندي ڳالهڙي | ممتاز مرزا | 98 |
| 199. سدا سوئيتا ڪاپڙي | ممتاز مرزا | 98 |
| 200. وساريان نه وسرن | ممتاز مرزا | 99 |
| 201. ماءُ ڪاهوڙي هليا | ناز سنائي | 99 |
| 202. رڃي جي ريٽو ٿيا | ناز سنائي | 99 |
| 203. ڏونگر جن ڏوريا | ناز سنائي | 99 |
| 204. ڏکيون جان نه مڙن (انٽرويو) | ناز سنائي | 100 |
| 205. موهيا ڪنهن نه مال | حبيب الله ڏيرو | 100 |
| 206. حاصل جنين حال (جي.ايم.سيد) | آزاد قاضي | 100 |

| | | |
|---|---|---|
| .207 هوندا سي حيات | خان محمد پنهور | 100 |
| .208 ڪارون وس ڪيام | سوز هالائي | 101 |
| .209 هوندا سي حيات (سوانح) | ڪٿياڻ موليٰ بخش | 101 |
| .210 پرين جي پچار | محمد موسيٰ پٿو | 101 |
| .211 سکر سي ئي ڏينهن (آتم ڪهاڻي) | محمد اسماعيل عرساڻي | 101 |
| .212 ڏسي ڏوهه اکين سان (آتم ڪهاڻي) | جمال ابڙو | 102 |
| .213 اونهي ڳالهه اسرار جي (آتم ڪهاڻي) | جمال ابڙو | 102 |
| .214 ڍولي ڍڪي آهيان (آتم ڪهاڻي) | جمال ابڙو | 102 |
| .215 سيئي سڪان ساريان (آتم ڪهاڻي) | اظهر گيلاني | 102 |
| .216 ڏک سکن جي سونهن (آتم ڪهاڻي) | تاجل بيوَس | 103 |
| .217 تان ڪي ڏونگر ڏوريان (آتم ڪٿا) | محمد صادق ميمڻ | 103 |
| .218 الا! ڏاهي مَ ٿيان | فتاح هاليپوٽو | 103 |

متفرقه موضوعن تي ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| .219 ماڻڪ موتي لعل (مضمون) | لعل چند امرڏنو مل | 104 |
| .220 روح رهاڻ | ڊاڪٽر ايچ. ايم. گربخشاڻي | 104 |
| .221 ساهڙ جا سينگار (خط) | علامه آءِ. آءِ. قاضي | 104 |
| .222 اڄ پڻ چڪيم چاڪ (خط) | جي. ايم. سيد | 105 |
| .223 ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون (مضمون) | پير حسام الدين راشدي | 105 |
| .224 ايڏو شان شعور (مضمون) | علامه غلام مصطفيٰ قاسمي | 105 |
| .225 ڪتين ڪَرَ موڙيا | شيخ اياز | 105 |
| .226 سر لوهيڙا ڳيپيا | شيخ اياز | 106 |
| .227 جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي | شيخ اياز | 106 |
| .228 ڳچين سندا ڳچ (مضمون) | ڊاڪٽر حميده کهڙو | 106 |
| .229 ڏيئي ڏنپ ڏڏن | دادا سنڌي | 106 |
| .230 تن سپون سوجهي ڪيون پاتاران | ڊاڪٽر سنتنداس جهانگياڻي | 107 |

پيهي

| | | |
|---|---|---|
| .231 الا ڏاهي مَ ٿيان | پوپٽي هيراننداڻي | 107 |
| .232 ڄُرڻ ڄُٽڪن چت ۾ | پوپٽي هيراننداڻي | 107 |
| .233 جيڪي ڏٺو مون | دادا گرداس واڌواڻي | 107 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 234. | ڪوئر پاڙون پاتار ۾ | ڊاڪٽر هرو مل سدارنگاڻي | 108 |
| 235. | نرتي تند نياز سين<br>ترتيب: | (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو<br>ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو) | 108 |
| 236. | انڌا اونڌا ويچ (تنقيد) | رسول بخش پليجو | 108 |
| 237. | وهڻ مون نه وڙاءُ | رسول بخش پليجو | 109 |
| 238. | رتيءَ جي رهاڻ (ترتيب) | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 109 |
| 239. | منهنجي وَس واڪا | ڪريم ڏنو راڄپر | 109 |
| 240. | جانب جو جمال (لطيفيات) | اطلاعات کاتو سنڌ حڪومت | 109 |
| 241. | سڏن مٿي سڏڙا | علي احمد بروهي | 110 |
| 242. | ڳجھ ڳجھاندر ڳالهيون | علي احمد بروهي | 110 |
| 243. | ڏيا تيل قليل جا | علي احمد بروهي | 110 |
| 244. | امُلھ اڻ توريا | فقير امداد علي سرائي | 110 |
| 245. | وڏي وٺ هيام | سوڀو گيانچنداڻي | 111 |
| 246. | ڏونگر سي ڏوريندين (خط) | ڊاڪٽر درِ شهوار سيد | 111 |
| 247. | قدم ڪاپڙين جا | فقير امداد علي سرائي | 111 |
| 248. | پلئه پايو سچ (مضمون) | علي نواز وفائي | 111 |
| 249. | رتيءَ جي رهاڻ (مضمون) | علي نواز وفائي | 112 |
| 250. | نظارو نينهن جو | ڪريم بخش خالد | 112 |
| 251. | وکر سو وهاءِ | محبوب علي جوکيو | 112 |
| 252. | آڏو ٺَڪَرَ ٺَر | عبدالواحد آريسر | 112 |
| 253. | نائي نيڻ نهار | عبدالواحد آريسر | 113 |
| 254. | ڳچيءَ ڳانا لوھ | عبدالواحد آريسر | 113 |
| 255. | سر جي صدا سُر ۾ | عبدالواحد آريسر | 113 |
| 256. | هٿين هٿڪڙول (جيل ڊائري) | طارق اشرف | 114 |
| 257. | ڪنڌيءَ ڪوئر ترن | محمد حسين ڪاشف | 114 |
| 258. | اندر تون اُجار | ترجمو: ديني ڪتاب | 114 |
| 259. | آديسي اُٿي ويا | ڪامريڊ مير محمد ٽالپر | 114 |
| 260. | حقيقت هن حال جي | سليم پڻو | 115 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 261. | هھڙا سيڻ سڌير (لطيفيات) | سليم پٽو | 115 |
| 262. | جيڪي منجھ جھان | يوسف سنڌي | 115 |
| 263. | توکي ساري ساھ | ابن حيات پنهور | 115 |
| 264. | جھڙا گل گلاب جا | ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ | 116 |
| 265. | اوجاڳي اجاريا (لطيفيات) | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | 116 |
| 266. | پائي پَٽَ ڪٺا | ڊاڪٽر نور افروز خواجه | 116 |
| 267. | اگھيا سُٽ سندا (لطيفيات) | ترتيب: ڊاڪٽر نور افروز | 117 |
| 268. | سون برابر سگڙا | ترتيب: ڊاڪٽر انور فگار | 117 |
| 269. | لامون تنهن وڻ سنديون | ترتيب: آزاد قاضي | 117 |
| 270. | آيو چام تماچي (خط) | ترتيب: آزاد قاضي | 118 |
| 271. | حاصل جَنين حال | ترتيب: آزاد قاضي | 118 |
| 272. | ديسي سيڻ ڪجن | ترتيب: تاج جويو | 118 |
| 273. | حسينيءَ جي هاڪ | ترتيب: تاج جويو | 118 |
| 274. | واچڻ ويراڳين جا (خط) | ترتيب: تاج جويو | 119 |
| 275. | ڏاهيون ڏک ڏسن | ترتيب: ڊاڪٽر گل | 119 |
| 276. | مڙيا مٿي مڇ | ترتيب: فقير محمد نظاماڻي | 119 |
| 277. | ڏيهاڻي ڏنپ ڏين | ڪريم بخش خالد | 119 |
| 278. | جر ٿر تک تنوار (لطيفيات) | ترتيب: شمشير الحيدري | 120 |
| 279. | هو جي پهڻ پپ جا | مشتاق باگاڻي | 120 |
| 280. | ڪڙيا ڪنٺهار | غلام مرتضيٰ پٺي | 120 |
| 281. | واٺون ويھ ٺيون | اضعف هالائي | 120 |
| 282. | پرچن شال پنهوار | سهڙيندڙ: عرفان مهدي | 121 |
| 283. | فائق هليا فردوس ۾ | حڪيم عبدالعزيز سرهندي | 121 |
| 284. | اندر تون اجار | صاحبزاده علامه نعمت الله | 121 |
| 285. | سي آيتون آهن | تقوي نعيم | 121 |
| 286. | جي منهنجو جن سين (خط) | حڪيم خليفو عبدالحميد خان | 122 |
| 287. | سبحان تنهنجي صاحبي | عبدالهادي ٿيبو | 122 |
| 288. | نيئر منهنجو نينهن (ڊائري) | اعجاز علي خواجه | 122 |
| 289. | جوڳيئڙا جهان ۾ (مقالا) | جڳديش لچاڻي | 122 |

.290 تنهن پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا — جامي چانديو — 123
.291 وکُر سو وهاءِ (مضمون) — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 123
.292 مُلھ مهانگا سپرين (ادبي تاريخ) — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 123
.293 سونهان سڏيون ڏين (سوانح) — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 123
.294 جي پارکو پارس جا (لطيفيات) — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 124
.295 پلئه پايو سچ (مضمون) — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 124

**متفرقه موضوعن تي مشتمل پيا لطيفي بيت**

.296 عالم سڀ آباد ڪرين (لطيفيات) — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 125
.297 اٿي رائو ريل (تحقيق ۽ تنقيد) — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 125
.298 درد جو دارون (اڻ ڇپيل) — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 125
.299 پورائيءَ ۾ پال ٿيا (مضمون مقالا) — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 126
.300 سدا وسين تون (مضمون) — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 126
.301 ڪوڙين ڪايائون — منظور قناصرو — 126
.302 آچيندي لڄ مران — لڇمڻ ڪومل — 126
.303 لهرن لک لباس — نذير ناز — 127
.304 اديون عبدالطيف چي — نذير ناز — 127
.305 پئي پراڻو نه ٿئي — احسان لغاري — 127
.306 ڪوڙيين ڪن سلام — رکيل مورائي — 127
.307 واجهائي وطن کي — ناصر مورائي — 128
.308 جي گهاريا بند ۾ — استاد نظاماڻي — 128
.309 محبت پائي من ۾ — مخدوم جميل زمان — 128
.310 اُتر لڳا آءُ پرين — مخدوم جميل زمان — 128
.311 رُوحَ رَچنديون — مخدوم جميل زمان — 129
.312 پيهي منجھ پاتار — ڊاڪٽر بشير احمد شاد — 129
.313 ڪيچان آيو قافلو — وينا شرنگي — 129
.314 ماندي ٿي نه مارئي — استاد بخاري — 129
.315 تون جنين جي تات — محمد طالب پهنور — 130
.316 سَمنُڊ سُوجهيائون — آزاد قاضي — 130
.317 سندي سِڪَ سپرين، (ناول) — غلام رسول پرهياڙ — 130

| | | | |
|---|---|---|---|
| .318 | ڏونگر جن ڏوريا | عبدالواحد آريسر | 130 |
| .319 | اک اُلٽي ڏار | ايوب گاد | 131 |
| .320 | ٿيندو تن طبيب | نذير ناز | 131 |
| .321 | تون ڇپر تون چانءُ | وينا شرنگي | 131 |
| .322 | پاڻ سڃاڻج سپرين | وينا شرنگي | 131 |
| .323 | وايون وڻجارن جون | وينا شرنگي | 132 |
| .324 | سارنگ سار لهيج | وينا شرنگي | 132 |
| .325 | جيڪي ڏنو مون | آغا سليم | 132 |
| .326 | دوست ڪهائي دادلا | اظهر گيلاني | 132 |
| .327 | اندر جنين اڏ | علي گوهر کهاوڙ | 133 |
| .328 | ڪپر ٿو ڪن ڪري | علي گوهر کهاوڙ | 133 |
| .329 | گل چنو گرنار جو | تاجل بيوس | 133 |
| .330 | جوڀن به ٿي ڏينهڙا | نواز زنئور | 133 |
| .331 | سنها پانءِ مَ سپ | حافظ اِن سبيل | 134 |
| .332 | چوٽا تيل چنبيليا | مارو جمالي | 134 |
| .333 | تن سپون سوجهي ڪيون | عبدالحئي پليجو | 134 |
| .334 | تنهن عشق کي شاباس | ڪوثر پرڙو | 134 |
| .335 | سهائي سپرين جي | ايوب گاد | 135 |
| .336 | مارو منهنجي مَنَ ۾ | فقير غلام علي | 135 |
| .337 | جن جهونا ڳڙه جلايو | رسول بخش پليجو | 135 |
| .338 | ڪهڙي منجه حساب | ج.ع منگهاڻي | 135 |
| .339 | ڪُنيس ڪُويچن | مبارڪ علي لاشاري | 136 |
| .340 | آهين تون ئي تون | ناصر بلوچ | 136 |
| .341 | بهادر گڏيا بهادرين | جي.ايم سيد | 136 |
| .342 | آئون جي اهائي ذات | فاطمه الزهره | 136 |
| .343 | پردا سپ پاسي ٿيا | پروفيسر نورالصباح قاضي | 137 |
| .344 | قلم جنين جي هٿ ۾ (خاڪا) | علي محمد درد سولنگي | 137 |
| .345 | آگم ڪيو اچن | ڊاڪٽر نور افروز خواجه | 137 |
| .346 | مشڪ ڪٿوريءَ مڻ | ڊاڪٽر نور افروز خواجه | 137 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 347. | اجهاميون پران (ناول) | ظفر جوڻيجو | 138 |
| 348. | منهنجا ولڙين واس | محمد علي دائود پوٽو | 138 |
| 349. | بري هن پنپور ۾ | ڊاڪٽر نسيمان | 138 |
| 350. | مون سي ڏٺا ماڻُ | کيمچند شرما | 138 |
| 351. | جيڪي منجھ جهان | عبدالحئي پليجو | 139 |
| 352. | اندر جنين اڏ (مائي جندو بابت) | شمس جعفراڻي | 139 |
| 353. | سامِيَن سَمَرُ سُورَ (ڊراما) | محمد علي پٺاڻ | 139 |

حڪايتن سان منسوب شاھ صاحب جا بيت 140

اهي عنوان جن جا بيت دستياب ٿي نه سگهيا آهن 151

شاھ جي بيتن مان منتخب نوان عنوان 154

ببليو گرافي 156

تبصرو مور ساگر

تبصورو آفاق صديقي (اردو)

سي.وي

# مُهاڳ

ڪتاب دوستي، انسان جي زندگيءَ جو اهم شغل آهي. هن ۾ فائدو ئي فائدو آهي. ڪتابن جو مطالعو انسان ۾ شعور کي وڌيڪ پختو ڪري ٿو. محترمه پروين موسى پنهنجي مطالعي مان هڪ هي نڪتو به پرايو ته شاهه جي رسالي جي بيتن مان ليڪڪن پنهنجن نالن کي وڌيڪ بامعنى بنايو آهي، اِهو اسين چاڻون ٿا ته شاهه جي رسالي جي هڪ هڪ ٽُڪَ بامعنى، موزون ۽ مترنم آهي. هن ڳالهه جو ليڪڪن پرپور فائدو ورتو آهي ۽ ايئن هنن پنهنجن ڪتابن کي معنوي لحاظ کان پُرڪشش بنايو آهي.

موجوده ڪتاب اِن لحاظ کان پُر معنى آهي ته هن ۾ سنڌي ادب جي اُنهن ڪتابن جي نشاندهي ڪيل آهي، جن جا عنوان شاهه جي رسالي مان چونڊيل آهن. انهن ڪتابن ۾ شيخ اياز، جي.ايم سيد، الطاف شيخ ۽ ٻين جا ڪتاب شامل آهن. هن ڪتاب جي علمي افاديت ان ڪري به آهي ته رسالي جي بيتن جي عام پڙهندڙن کي پروڙ پوي ٿي ته ليڪڪن طرفان ڪيل چونڊ کي به داد ڏيڻو پوي ٿو. انهن تڪن ۽ بيتن جو تذڪرو ۽ ترتيب محترمه پروين موسى پنهنجي ذوق جي تسڪين لاءِ ڪري اسان کان داد وصول ڪري رهي آهي. منهنجي خيال ۾ هوءَ داد جي هر طرح اهل آهي. پلان پليءَ جو چيهه ڪونهي، شاهه جو رسالو اهڙي علمي پالوٺ ۽ بيحد عميق آهي جو ان جي لهرن جا لک لباس آهن. موجوده ڪتاب جي اهميت اها آهي جو اهو پڙهندڙن سان گڏ سهيڙيندڙ جي ذهن جا گوشا به روشن ڪندو. آءٌ هن ڪاوش لاءِ کيس مبارڪون ڏيان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته هوءَ سنڌي ادب جي مختلف پهلوئن جو اجان به وڌيڪ اپياس ڪندي.

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو**

**بدين**

# ٻه اکر

محترمه پروين موسىٰ ميمڻ جو هي ڪتاب ”آدِيسيَن اَدَبُ، آهي اَڪرِيَنِ ۾“، هڪ بنهه منفرد، نئين ۽ انوکي موضوع تي تيار ڪيل آهي، جنهن ڏانهن اڳ شايد ئي ڪنهن جو ڌيان ويو هجي. مون پاڻ به جڏهن پهرين اهو ڏٺو ته سوچيم ته اها کهڙي ريسرچ آهي ۽ ان جو پڙهندڙن کي کهڙو فائدو ٿيندو! پر پوءِ جيئن جيئن ڪتاب پڙهندي ويس ته محسوس ڪيم ته ان ڪم کي ليکڪا ڪيترن ئي پهلوئن کان هٿ ۾ کنيو آهي. هن سنڌي تخليقڪارن جي تخليقي ڪاوش پٺيان ڪنهن نه ڪنهن ريت شاهه جو اثر محسوس ڪرايو آهي، پوءِ اهو عنوان جي صورت ۾ هجي، موضوع جي صورت ۾ يا بيتن جي سٽن جو جمالياتي استعمال هجي. شاهه صاحب هونءَ ئي سنڌ جي عام ماڻهن، مردن ۽ عورتن، ۾ مقبول آهي، سندن دلين ۾ رهي ٿو، جذبن، احساسن جي ترجماني ڪري ٿو ۽ سندن روزمره جي محاوري ۾ هن جا خلقيل ٻول چوٽين ۽ اصطلاحن جي صورت ۾ استعمال ٿيندا رهن ٿا، جيڪا ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته شاهه سنڌين جي سائيڪيءَ جو حصو بنجي چڪو آهي. اها ڳالهه ته ٿي عام ماڻهن جي پر، جيڪي اديب آهن، عالم، دانشور ۽ فنڪار آهن، انهن وٽ شاهه جي اهميت اڃا ئي ٻي آهي. عام ماڻهو جيڪڏهن شاهه جي عوامي محاوري ۾ پيش ڪيل زندگيءَ جا معاملا ۽ مسئلا پڙهن، ٻڌن ٿا، سندن عشقيه داستانن تي ٻڌل شاعريءَ مان حظ حاصل ڪن ٿا يا نصيحت، ڪو درس حاصل ڪن ٿا ته عقل ۽ ڏاهپ وارا تخليقڪار ساڳئي ڪلام ۾ موجود علامتن، استعارن، تمثيلن ۽ علم ۽ عقل وارن نڪتن مان ڪيئي معنى جا املهه ماڻڪ حاصل ڪن ٿا. مون کي ته ايئن لڳندو آهي ته سنڌ ۾ ٿيندڙ هر قسم جي تخليقي ڪاوش جو سرچشمو شاهه آهي. سندس ڪلام انهن ڏاهن ڏات ڌڻين جي لاءِ وڏو اتساهه (Inspiration) آهي، جنهن جي ڇاپ هر قسم جي شاعريءَ تي آهي. هر ناول هر ڪهاڻيءَ ۾ سندس ڪانه ڪا ڳالهه ضرور شامل آهي. شاهه جو رسالو محض هڪ ڪتاب ڪونهي، محض بيت، شاعري يا محض خوبصورت ٻول ڪونهي، بلڪه اهو سنڌين جي رت ۾ تحليل

ٿيل هڪ اهڙو دستاويز آهي، جيڪو نه صرف پاڻ سنڌي ٻوليءَ کي ٻيهر جيارڻ جو سبب بڻيو بلڪه ڪائنس پوءِ وارن نسلن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪڻ جو باعث بڻيو... شاه جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جي عظمت جو نشانبر آهي.

جيڪڏهن ڪنهن مضمون، شعر يا ڪتاب ۾ سنڌس بيت ڪنهن ڳالهه جي وضاحت لا استعمال ٿيل آهي، ته اهو به ثابت ڪري ٿو ته لکندڙ جي ذهن ۾ جيڪو خيال آهي، اهو ڪنهن نه ڪنهن لحاظ کان پٺائيءَ جي حوالي جو محتاج آهي ۽ جيڪڏهن مضمون يا ڪتاب ۾ ڪٿي به ڪو حوالو ڪونهي، ڪو بيت ڪونهي ۽ صرف عنوان شاه جي رسالي مان کنيل آهي ته به چئبو ته ليکڪَ جي ذهن ۾ جيڪو Concept سندس تخليق جو سبب بڻيو سو سمورو شاه کان متاثر ٿيل آهي، چاڪاڻ جو عنوان دراصل لکڻيءَ جي جسم مٿان ان جو چهرو هوندو آهي، جنهن جي آئيني ۾ ان جو اندر پيو بکندو آهي... سو مختلف ليکڪن جي عنوانن ۾ سندن لکڻيءَ جو عڪس ڏسي سگهبو آهي.

انهيءَ لحاظ کان هي ڪتاب ڪارائتو آهي ته هن ۾ ٽِن سؤ ڪتابن جي عنوانن جي ببليوگرافي به آهي. انهن جي اندر موجود موضوعن ۽ مواد جي به ڏسڻي آهي ته گڏوگڏ شاه جي بيتن کي سمجهڻ ۽ ڪنهن مناسب موقعي تي استعمال ڪرڻ جو ڏس به ڏنل آهي. هيءَ هڪ سٺي ڪاوش آهي، جنهن سان شاه جي شاعريءَ جو هڪ نئون رخ ظاهر ٿئي ٿو.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

٢٨-١١-٢٠٠٧

# آدِيسيَن اَدَبُ، آهي اَڪڙِينِ ۾

پروين، محمد موسىٰ ميمڻ جي گھر ٢٠ نومبر ١٩٥٨ع تي ڏيپلي ۾ پيدا ٿي، هن ١٩٨٨ع ۾ سنڌي ادب ۾ ايم.اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ حاصل ڪيو. هوءَ ١٩٩١ع ۾ ڪاليج ۾ ليڪچرر مقرر ٿي، هن وقت ايم.بي اينڊ جي.ايف گرلس ڪاليج حيدرآباد ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت ۾ پڑهائي رهي آهي.

پروين هڪ ذهين عورت آهي هوءَ تدريسي ڪم ڪرڻ سان گڏ لکڻ پڑهڻ جو ڪم به جاري رکندي اچي. اسان وٽ اڪثر عورتون شادي ڪرڻ، ٻارن کي پالڻ ۽ گھر جي ڪم ڪار ۾ ايتريون مصروف ٿي ويندين آهن، جو انهن کان لکڻ پڑهڻ وسري ويندو آهي. هن وقت به چند آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون عورتون بچيون آهن، جيڪي پنهنجي تدريسي ڪم سان گڏ لکڻ پڑهڻ جو شوق رکن ٿيون، اُنهن ۾ پروين به شامل آهي. آئون پروين کي چوندي آهيان ته، ”تون تڪڙي آهين“، پر هوءَ واقعي تڙ تڪڙ ۾ سٺا ڪم ڪري ٿي وڃي، هن کي شابس آهي، جو هن وقت تائين ڇهه ڪتاب لکيا اٿس ۽ ٻيا لکي رهي آهي. سندس تيار ٿيل ڪتابن ۾ ”سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات“ ٢٠٠٤ع ۾ روشني پبليڪيشن، ”سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس“ ٢٠٠٨ع ۾ هائر ايجوڪيشن ڪميشن شايع ڪيا آهن ۽ ”آديسين ادب، آهي اکڙين ۾“ هن وقت توهان جي هٿن ۾ آهي. ”وکر سو وهاءِ“ (مضمون نويسي) هائر ايجوڪيشن ڪميشن مان بي.اي جي نصاب لاءِ منظور ٿي چڪو آهي جو ٢٠٠٩ع ڌاري شايع ٿيندو.

”جي پارکو پارس جا“ لطيفيات جي موضوع تي ۽ ”سونهان سُڌيون ڏين“ (محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون نثري ادب ۾ خدمتون“ ڪمپوزنگ تي آهن، جيڪي به جلد ئي پريس ۾ ڇپائيءَ لاءِ ويندا. انهيءَ کان علاوه هوءَ ”سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ ليکڪائن جو حصو“، جي موضوع تي، سنڌي شعبي ۾، پي.ايڇ.ڊي ڪري رهي آهي. سندس پهريون سيمينار ڪامياب ٿي چڪو آهي، هن تحقيق ۾ هوءَ سنڌي ادب جي نثري صنفن ناول، ڊراما، افسانا، سفرناما، مضمون،

مقالا، سوانح عمريون، آتم ڪهاڻيون، خط، ڊائريون ۽ ڪالم وغيره ۾ عورتن جي لکڻين جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو پيش ڪندي، سنڌيءَ ۾ انهيءَ موضوع تي اڳ ۾ ڪنهن به ڪم مڪمل نه ڪيو آهي. انشاءَالله هيءَ انهيءَ موضوع تي پي.ايچ.ڊي جي ڊگري حاصل ڪندي.

پروين پنهنجين لکڻين جا ڏکيا موضوع چونڊي ٿي ۽ سندس لکڻين مان محسوس ٿئي ٿو ته هن کي شاهه لطيف سان خاص عقيدت آهي، جنهنڪري هوءَ لطيف سائين جي رسالي مان ڪونه ڪو موضوع چونڊي کڻي ٿي.

پروين جي هن ڪتاب ”آديسين ادب، آهي اکڙين ۾“ جو ٽائيٽل سندس ٻين ڪتابن وانگر شاهه جي بيت مان چونڊي رکيل آهي. هن ڪتاب ۾ هن جو خاص ۽ اهم ڪم جيڪو جاکوڙ وارو ۽ محنت وارو آهي، سو اهو ته هن سنڌي ادب جي لکيل مختلف ڪتابن، جيڪي شاعري، ناول، افسانن، ڊراما، ڪهاڻيون، سفرنامن، سوانح عمرين، آتم ڪهاڻين، مضمونن، مقالن، ڪالمن، ڊائرين، تحقيقي، تنقيدي، تاثر، اخلاقيات، لطيفيات، انٽرويوز ۽ ٻين موضوعن تي لکيل آهن، انهن ڪتابن جي عنوان کي فوڪس ڪيو آهي. جن ۾ شاهه جي ڪلام جي ڪانه ڪا سٽ کڻي عنوان رکيا ويا آهن، کي پيش ڪندي انهيءَ ۾ هن ٽائيٽل سان گڏ شاهه جي رسالي مان اهو بيت، ان جو داستان ۽ بيت نمبر رسالو وغيره به ڏنا آهن، اهڙيءَ ريت ٿي سؤ کان مٿي ڪتابن جو وچور ڏنو اٿس. ان کان سواءِ ڪجهه حڪايتون به پيش ڪيون اٿس، اهو ڪم تمام ڏکيو آهي، جو پهرين انهيءَ صنف جا اهي ڪتاب جن جا ٽائيٽل شاهه جي بيتن مان چونڊيل آهن، اُهي ڳولهي هٿ ڪيا وڃن ۽ ٻيو ته شاهه جي ڪلام مان اهي بيت چونڊي پيش ڪجن، اهو وڏيءَ همت ۽ جاکوڙ جو ڪم آهي. ان کان سواءِ سندس وڏو ڪم جنهن ۾ هن شاهه جي ڪلام جي سٽن مان ڪجهه اهڙا عنوان چونڊي ڏيا آهن، جن سان لکندڙ فائدو وٺي پنهنجي لکيل ڪتابن جي موضوع مطابق اهي نالا رکي سگهن ٿا ۽ آخر ۾ ببليوگرافي به ڏني آهي، جيڪا به نئين تحقيق جي اصولن مطابق الفابيٽيڪل تيار ڪئي اٿس.

پروين جي ايترن ڪتابن لکڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هوءَ ادب سان ڪيترو چاهه رکندڙ، محنتي ۽ ذهين آهي. منهنجي دعا آهي ته خدا پاڪ کيس سندس انهيءَ مقصد ۾ ڪاميابي عطا ڪري، انشاءَالله سندس جاکوڙ هلندي رهندي ۽ هوءَ لکندي رهندي. (آمين)

**پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه**

شعبو سنڌي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

10-11-2008

خوشي ٿي اٿم ته پروين هن ڪتاب ۾ واڌارا ڪري ٿيون ڊجيٽل ڇاپو آندو آهي. هن 2012ع ۾ منهنجي نگرانيءَ ۾ PhD مڪمل ڪئي ۽ 2018ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ڪاليج ايجوڪيشن مان رٽائر ٿي آهي. پر هوءَ ورچي ويهڻ وارن مان نه آهي. مون کي پنهنجي هن شاگرديائيءَ جي ڪم تي خوشي ۽ فخر آهي هيستائين سندس 14 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ته 8 ڪتاب اڻ ڇپيل ۽ مڪمل ٿيڻ جي مرحلن ۾ آهن. هوءَ سنڌي ادب جي مستقل ۽ مسلسل ڪم ڪندڙ استاد ۽ ليکڪا آهي. خدا پاڪ کيس صحت ۽ ڪم ڪرڻ جي توفيق ڏي. آمين.

**ڊاڪٽر نور افروز خواجه**

4-11-2020

## مقدمو

سنڌي ٻوليءَ جو شمار دنيا جي انهن سدا حيات ٻولين جي گروهه مان ٿئي ٿو جيڪي صدين کان قائم ۽ دائم رهنديون اچن. سنڌ صوبي ۾ سنڌ واسين جي صحيانپ ۽ هن مٿيءَ ۾ سلوٽي ٻوليءَ جي ڪري آهي. هن عظيم ٻوليءَ جا سڄاڻ ۽ ساڃهاوند ئي سنڌي قوم جا محسن آهن. جن هن ٻوليءَ کي جيئاريو ۽ اجاريو آهي. بخاري صاحب جي چواڻيءَ ته،

**جو قوم جياري، اهو جيئندو رهندو،**
**جو عام اجاري، اهو جيئندو رهندو،**
**مون کي تاريخ ۾ تقدير ڏني پڪ آهي،**
**جو سنڌ سنواري، اهو جيئندو رهندو.** (1)

سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ۽ سوڀيا کي عام ۽ خاص تائين پهچائڻ ۾ جيڪو ساٿ هن ڌرتيءَ جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن ڏنو آهي، انهيءَ جو قرض هن ڌرتيءَ جا واسي ڪڏهن به لاهي نه سگهندا. جنهن ۾ ڪجھ شخصيتون اهڙيون غير معمولي رهيون آهن. جن جي چاڻ، فهم، فن ۽ فڪر جي ادراڪ جي خوشبوءَ سان هيءُ خطو سالن کان واسيل آهي ۽ واسبو رهندو اچي.

سنڌ ادب جي نظمي حصي جي پرک ڪبي ته معلوم ٿيندو ته حضرت شاهه عبداطيف ڀٽائيؒ هن سرزمين جو اهو سپوت هو، جنهن نه فقط سنڌي شاعريءَ کي مثالي سونهن ڏني، بلڪه ان کي هڪ اهڙي مستقل حيثيت عطا ڪئي جو سندس نالو ڏيهه ۽ پرڏيهه وڏي فخر، مان ۽ شان سان ورتو وڃي ٿو. حقيقت ۾ هو شعر جي ذات جو شهنشاهه هئڻ سان گڏ سنڌ واسين جو ساهه ۽ ويساهه آهي، جنهن سان هن قوم کي تمام گهڻي عقيدت آهي، جنهن جو اظهار هو وقت به وقت ڪندا رهندا آهن.

سندس نينهن پرئي نياپي ڪي، ساهه سان سانديندي، نسل در نسل سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن ۽ سمجهندڙن کي شاهه جي ڪلام جو گهڻو ڀاڱو ياد آهي ۽ اهو پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ انهيءَ جو عام جام استعمال ڪندا آهن. اسان ڏسنداسين ته ڪيترائي شاهه جا بيت يا ڪجهه سٽون، ماڻهو موقعي محل تي محفلن ۾ جهونگاريندا ۽ بيان ڪندا آهن. شاهه صاحب جي ڪيترن ئي بيتن جون سٽون سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪن يا ضرب المثل طور هلندڙ آهن. جيئن مثال طور: ”ڪي اوڏا به ڏور، ڪي ڏور اوڏا سپرين“، ”وَڪَرِ سو وِهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي“، ”ايءَ نه مارون ريت جيئن سيڻ مٽائين سون سين“، ”ڏاتار تون ٻيا مڙيئي مڱڻا“، ”اگهيو ڪائو ڪچ ماڻڪن موٽ ٿي“، ”ٻُڏيءَ جا ٻيڙا ٿيا“، ”جي گهڙيا سي چڙهيا“، ”لکيو لوح قلم“ ۽ ٻيا مثال آهن. جن مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه جي ڪلام جي سٽن مان ڪيترائي اصطلاح ۽ چوڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج آهن.

”شاهه عبداللطيف جي ڪلام جو سنڌ وارن جي زندگيءَ تي گهرو اثر آهي. سنڌ ۾ قرآن شريف کان پوءِ ٻئي نمبر تي، شاهه جو رسالو پڙهيو وڃي ٿو ۽ سنڌ واسين کي شاهه جو ڪلام قرآن شريف جي آيتن وانگر ياد آهي. مسجد جو پيش امام نماز پوري ڪرڻ کان پوءِ دعا ۾ شاهه جا بيت جهونگاريندو آهي ماڻهو شاديءَ جي دعوت نامن ۾ شاهه جا بيت لکندا آهن، قبرن جا ڪتبا شاهه جي بيتن سان سينگاريا ويندا آهن، اديب ۽ شاعر پنهنجي ڪتابن جا نالا شاهه جي ڪلام مان چونڊيندا آهن.“ (٣) ”انهيءَ پيار ۽ عقيدت جو بنيادي سبب اهو آهي ته شاهه جي رسالي جي هر سر ۾ سنڌ جي چاڻ، اُٿي ويٺي، مجاز، همت ۽ مڙسيءَ جا سبق سمايل آهن. اهو گنج ڏٺي پنهنجي ڪلام مان هر پڙهئي لکئي، سالڪ ۽ صوفي توڙي عام ٻهراڙيءَ جي ماڻهوءَ کي، پنهنجي مقدار ۽ فهم آهر پيو نوازي“. (٤)

اهڙي حاصل ٿيل روحاني ۽ ذهني وابستگيءَ ۽ حُب جو علمي ثبوت اديبن، شاعرن، عالمن ۽ دانشورن پنهنجين لکڻين ۾ ڏنو آهي. انهن سڄاڻن ۽ سمجهوڻن شاهه صاحب جي ڪلام کي پرکيو پڙهيو ۽ هينئين سين هنڊايو ته آهي پر گڏوگڏ پنهنجي عقيدت جو اظهار طور ڪيترن ئي ليکڪن پنهنجي تخليقي سرچشمن ۽ تحقيقي ڪاوشن ۾ سندس ڪلام جي اثرانگيزي کي قلم معرفت عام تائين آڻڻ لاءِ پنهنجين لکڻين جي عنوان ۾ آندو آهي ته، جيئن هُو انهيءَ عنوان وسيلي پنهنجو مدعا ۽ مقصد ماڻهن ڏي منتقل ڪن جنهن ۾ سندن شعوري ڪوشش مطابق انهيءَ عنوان جومعنوي طور تحرير سان لاڳاپو ظاهر ڪرڻ پڻ آهي. يعني هو سڏيءَ طرح جيڪي بيان ڪرڻ چاهين ٿا انهيءَ کي شاهه صاحب جي بيتن جي استعمال سان وڌيڪ پُر اثر ڪري پيش ڪن ٿا جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سندن تحرير جي مقصديت شاهه صاحب جي پيغام سان لاڳاپيل آهي. انهيءَ اظهار لاءِ هُنن پنهنجي مقالن، مضمونن، ناولن، افسانن، افسانوي مجموعن، سفرنامن، ناٽڪن، سوانح عمرين، آتم ڪهاڻين، شاعريءَ جي مجموعن ۽ ٻين انيڪ ڪتابن جا عنوان شاهه جي بيتن مان چونڊيا آهن. جيڪڏهن سنڌي نثر و نظم جي هيل تائين جي ڇپيل ڪتابن جو جائزو ورتو وڃي ٿو ته معلوم ٿيئي ٿو لطيفيات جي عنوانن تي مشتمل ڪتابن جو تعداد لڳ ڀڳ پنج سئو جي قريب ٿي ويندو يا انهيءَ کان به مٿي. شاهه صاحب جي بيتن مان سرجيل عنوانن وارا اهي ادبي فن پارا نه فقط مقبول ٿيا. پر اهي ڪتاب لطيفيات جي عنوانن جي حوالي سان هڪ خاص حيثيت به رکن ٿا.

سنڌي ادب جي ڪتابن جي هِنَ مَدَ ۾ پرک ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وقت (١٦٨٩-١٧٥٢) کي ڏسنداسين ته خبر پوندي ته انهيءَ دور جا ڪتاب گهڻي ڀاڱي تاريخ، مضمون نويسي، تفسير، قرآن شريف، نظم، ديوان، مثنوي ۽ موضوعن

تي ملن ٿا جن جا موضوع مضمون جي مناسبت سان رٿيل آهن. جيئن: ”فرائض الاسلام“، ”زادالفقير“، ”آئينِ اڪبري“، ”تاريخِ طاهري“، ”تحفته الڪرام“، ”تاريخِ معصومي“، ”روضته السلاطين“، ”فتح نامو“، ”تفسير شيخ رحمته الله“، ”شرح مشڪواته“، ”مثنوي نازو نياز“، ”انشاي ابو الفضل“، ”انشاي فيض“، ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب عربي ۽ فارسيءَ ۾ آهن. جن جا عنوان به عربي ۽ فارسيءَ ۾ آهن. هن دور ۾ سنڌي نظم ۾ ”نظم نما نثر“ جي ڪتابن جا عنوان به موضوعن مطابق رٿيل آهن.

سنڌي نثر جي باقائده طور شروعات قرآن پاڪ سنڌي تحت الفظ ترجمي سان شمار ٿئي ٿي. ”جيڪو ٽالپورن جي دور جي وڏي عالم استاد آخوند عزيزالله (بن قاضي محمد ذاڪر بن حافظ محمد صديق) ڪيو. هيءُ ترجمو نثر جي سٽاءُ ۽ معنىٰ جي لحاظ سان ڪافي سليس نظر اچي ٿو“ (۵). انهيءَ کان پوءِ ئي سنڌي نثر جا ڪتاب جهوني سنڌي صورتخطي ۾ ليٿو ۾ لکيل ملن ٿا. جن جا عنوان پڻ عربي ۽ فارسيءَ ۾ آهن ۽ انهن ۾ گهڻا تڻا ڪتاب عربي ۽ فارسيءَ مان سنڌي ترجمي تي مشتمل آهن ته ڪجھ طبعزاد پڻ آهن.

برطانوي حڪومت جي سنڌي آئيويٽا مقرر ڪرڻ کان پوءِ سرڪار طرفان هڪدم سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ طرف ڌيان ڏريو ويو. مختلف ٻولين جي ڪتابن جا ترجما ڪرايا ويا. جن ۾ خاص طور انگريزي، عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين مان ترجما ٿيا. مجموعي طور سنڌي نثر جي ڪتابن ۾ مضمونن ۽ عنوانن جي لحاظ کان وڏي وسعت آئي. پر هن دور جي ڪتابن جا عنوان موضوع مطابق رهيا يا جيڪڏهن ترجما ٿيا ته ساڳئي ئي عنوان سان جيئن ”راسيلاس“، ”گليور جو سير ۽ سفر“ وغيره.

انگريز دور جي عالمن ۽ اديبن ۾ مسلمان توڙي هندو ليکڪن جي

گهڻن ڪتابن جا عنوان عربي ۽ فارسي نموني تي رکيل آهن. معنىٰ ته جيڪو پراڻو رواج (TREND) هلندو پئي آيو، انهيءَ ڪي ئي پنهنجو ڪيو ويو ۽ ڪجھ ڪتابن جا هندي نموني سان به عنوان آهن. هيٺ هن دور جي چند ڪتابن جا عنوان ڏجن ٿا.

## عربي ۽ فارسي طرز جا عنوان

”مفيد الطالبين“، ”مفتاح القلب“، ”ڪاشف الغموض“، ”جواهر الغات“، ”طوطي نامو“، ”سوداءِ خيام“، ”رمل مفتاح الرمل“، ”منتخب المعلومات“، ”مجمع المذهب“، ”ڪشفِ اعجاز“، ”مطلع الانوار“، ”مثنوي مخزن الاسرار“، ”خزينه زرينه فارسي“، ”ضمنان الفردوس“، ”ردِ تثليث“، ”اشعار القرآن“، ”مقالات الانبياء“، ”مقالات الحڪمت“، ”حقائق الارواح“، ”تهذيب الاخلاق“، ”حشرات الارض“، ”اسرارِ حڪمت“، ”ابڪارالافڪار“، ”مخزن الاقوامي“، ”اڪسيرالاحمر في اسرالجفر“، ”تحفته السلام“، ”فرهنگ طب“، ”دووايو“، ”انشاي خادمي“، ”فوائد المبتدي“، ”شمس الغات“، ”حرزالبنياد“، ”شرح قانون“، ”جامِ جم“، ”رباعيات عمر خيام“، ”تذڪرته الايمان“، ”حيات النبي“، ”آفتاب ادب“، ”مقدمهءِ لطف“، ”حيدرِ ڪرار“، ”فتوح الغيب“، ”لطف الطيف“، ”گلشن بهار“، ”غريب الغات“، ”منهاج المومنين“، ”سيدتهِ النساء“، ”مهناج العاشقين“، ”شرح الطيفي“، ”گلزار چنبيلي“، ”اخلاق محسٰني“، ”منازلِ مسافر“، ”منتخب المضامين“، ”درسِ عمل“، ”جرمِ وفا“، ”صراط المستقيم“، ”ارشاد الامام“، ”آئينهءِ مخزن“، ”گل شڪر“، ”تفسير فاتح الڪتاب“ ۽ ٻيا شامل آهن.

**هندي نموني جا عنوان**

”آڪاس نروار“، ”سنساري نروار“، ”هري درشن“، ”ڦول مالا“، ”پچن مالا“، ”ساوتري“، ”رتناولي“، ”آريه ناري“، ”گيتا جو سار“، ”آتمڪ امرت“، ”ستگر جي چرنن ۾“، ”اپنشو گيان“، ”پرلوڪ مان پيغام“، ”ٻال هشيار“، ”پورب جوتي“، ”سناتن ڌرن“، ”درو پڳت“، ”ڪشنيءَ جا ڪشٽ“، ”جيئري تي جيئري يا دڪايل ديوي“، ”چرتر سينگار“، ”ودوان ناريون“، ”سماجڪ بلوو“، ”سورجن راڌا“، ”ڪوڙو ڪلنڪ“، ”پاپ جو ڪيتو“، ”گيتانجلي“، ”پورب سنديش“، ”پريمي پتنگ“، ”دورنگي دنيا“، ”جيون چرتر“، ”هندو سنسار“ ۽ ٻيا هن نموني جا عنوان شامل آهن.

انهيءَ ڪان سواءِ سنڌ جا ڏيهي لوڪ قصا ۽ ڪهاڻيون ساڳين ئي عنوانن سان ڇاپيا ويا. جيئن ”ڪاسمين ڪامروپ جو قصو“، ”سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال“، ”عمر مارئي“، ”مهر منير“، ”قصو دلو راءِ“، ”قصو سسئي پنهون“ وغيره.

١٩٣٨ ڪان اڳ پرڏيهي ادب مان ڪجھ نيون صنفون سنڌي ادب ۾ داخل ٿيون، جيئن ناول، افسانو، مضمون وغيره. آهستي آهستي جڏهن سنڌيءَ ۾ گهڻا ڪتاب نون موضوعن تي لکجڻ لڳا تڏهن ڏيهي ٻوليءَ جي عنوانن جڳهه حاصل ڪئي. جيئن ”غلاميءَ ڪان مٿي چاڙهو“، ”سون ورنيون دليون“، ”سهاڳڻ“، ”غريبن جو ورثو“، ”جهان آرا“، ”زينت“، ”پاپ ۽ پاڪيزگي“، ”هيرا جواهر“، ”ماڻڪ موتي“، ”سرد آهون“، ”پره ڦٽي“، ”مرڪندڙ اکيون“، ”پوڙهي جو پرڻو“، ”بد نصيب ٿري“، ”لوپي لاڪيٽا“، ”خوني“، ”پنهل ڪان پوءِ“، ”سفيد وحشي“، ”گمراهه دوست“، ”گلدستو“، ”گل ڦل“، ”گلن مٺ“، ”سدا گلاب“، ”ڏاڙهياري جبل جو سير“، ”مسافريءَ جو مزو“، ”شاهاڻو شاهه“ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. مٿئين تهميد مان اهو نتيجو

نڪري ٿو ته سنڌي ادب ۾ ورهاڱي کان اڳ جي لکيل ڪتابن جا عنوان لطيفي بيتن مان ڪجهه قدر گهٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا بلڪ نه هئڻ جي برابر آهن، پر خاص طور ورهاڱي کان پوءِ اهو رجحان وڏيڪ اهميت حاصل ڪري ويو آهي. جيڪو موجوده وقت ۾ پنهنجي ڪمال تي آهي.

شاهه صاحب جي بيتن مان عنوان چونڊڻ جو رواج افسانن، مضمونن، مقالن، ڪالمن، ايڊيٽوريلن، تاثر ۽ اوسار جي ليکن مان پيو. جيڪي گهٽي تعداد ۾ ملندا انهن مان چند جو وچور هن ريت آهي.

**شاهه لطيف جي بيتن مان چونڊيل افسانن جا عنوان:**

”پؤئرپري آڪاس“ عبيد راشدي، ”هينئڙو ڪچيءَ تند جيئن“ مدد علي سنڌي، ”پن پوڙين پاتال ۾“ حفيظ شيخ، ”گل چنو گرنارجو“ آغا سليم، ”نوري ۽ ناري جوڳيئڙا جهان ۾“ مراد علي مرزا، ”تون جنين جي تانگهه“ مس مهتاب چنا، ”چوري چڏ مَ چپرين“، ”راڻا جي رجپوت“، ”جت جر وهي ٿو جال“، ”آئي ڏنائون هيرو لعل هٿن سين“، ”ٿيس ڏهاڳڻ ڏيهه ۾“، ”دردونديءَ جو ديس“، ”پاڙي ناهه پروڙ“ حميد سنڌي، ”ڏوريان ڏوريان مَ لهان“ شعبان بخت، ”ڪنهن سان سور سليان“ الاهي بخش دودا پوري، ”سکر سي ئي ڏينهن“، ”تنهنجي تند تنوار“ سراج ميمڻ، ”هوندا سي حيات“، ”پن پوڙين پاتال ۾“ غلام رباني آگرو، ”سڌ نه سورن جي“ بيدل مسرور بدوي، ”پينر آئون پلياس“ محمد جي ابڙو، ”منڌ پوڙيو مهراڻ“ منصور ويراڳي، ”پنهون ٿيس پاڻ“ الهچايو لغاري، ”عاشق زهر پياڪ“ علي بابا، ”تون پارس آئون لوهه“ بيگم زينت عبدالله، ”توڙي حب نه هوءِ“، ”ڪتيم ڪين ڪي“، ”پلئه پايو سچ“، ”جوين به تي ڏينهڙا“، ”پتنگ چايين پاڻ کي“ ثميره زرين، ”جيئڻ ڪاڻ جيڏيون“ ماهتاب محبوب، ”مُڪي رو مَ رڙڪي“، ”هڪ سسئي پيا سور“ رشيده حجاب، ”جڙ جنين جي جان

۾“ جيجي زرينه بلوچ، ”سڙي سارو ڏينهن“ نذير ناز، ”مٺ مٺ سورن جي“ فريده مغل ۽ ٻيا ڪيترائي افسانا شامل آهن.

## لطيفيات مان چونڊيل عنوانن تي مشتمل
## مضمون، مقالا، ڪالم، اوسار، تاثر ۽ ايڊيٽوريلز

”هھڙا هاڃا ٿين“ لطف الله بدوي، ”تون هين تون“ نور احمد پرويز پٽي، ”ٿڌي مٺي ٿر جي“ لجپت راءِ آرجگرو، ”جي تو بيت پانيا سي آيتون آهن“ پير سعيد حسن، ”سسئي جا سور“ حافظ محمد احسن، ”ڏوريان ڏوريان مَ لهان“، ”ڏک سکن جي سونهن“، ”جيئن سو هرڻ هُماءُ سرگردان سنسار ۾“، ”سسئي سڄي سڪ ته پڻ سڪ سسئي“ ڪشنچند عزيز، ”وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي“ پير حسام الدين راشدي، ”سر سوري ڌڙ ڪنگرين“ ضياءالدين بلبل، ”عاشق عزازيل ٻيا سڀ سڌڙيا“ علامه غلام مصطفىٰ قاسمي، ”ڪوڙين ڪن سلام“ ڪريم بخش خالد، ”ويا سي وينجهار“ منگهارام ملڪاڻي، ”جي تو بيت پانيان“ ڪلياڻ آڏواڻي، ”تون ڪا ڪاني پاءِ“ ڊاڪٽر قاضي نبي بخش، ”تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه“ سائين جي.ايم سيد، ”جيڪس ويا جبروت“ محمد ابراهيم جويو، ”تو جي بيت پانيان“ ڊاڪٽر ابراهيم خليل، ”ماڻهو سيئي نه سهڻا“ دادا رام پنجواڻي، ”ابر ۾ اهاءُ ٿيو“ شيخ اياز، ”سامور نه مرڪي ماڙئين“ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ”تون پارس آئون لوهه“، ”رتيءَ جي رهاڻ“ ڊاڪٽر غلام علي الانا، حامي هادي هاشمي“، ”آهينم ڳالهڙيون ماءِ“، ”هيري هٿ وڌائين“، ”تهڙو ڪينجهر ۾ ڪو ڪين ٻيو جهڙي سونهن سندياس“ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ”تن جي تنوار“ ميان گلزار احمد، ”وهڻ مون نه وڙاء“، ”اڄ پڻ آڳڙيا آيا“ رسول بخش پليجو، ”ڇڄ مَ قطاران“، ”سکر سي ئي ڏينهن“ عبدالواحد آريسر، ”اکڙيون پرينءَ ريءَ“ عنايت بلوچ، نظارو

نينهن جو“ ڪريم بخش خالد، ”منڌ ٻوڙيو مهراڻ“ لعل بخش ٿالپر، ”واڪو هڏ مَ لاهه“ احمد خان مسڪين، ”مفتي منجهه ويهار“ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ”متو آهين مچ“، ”جي پانيين جوڳي ٿيان“ ڊاڪٽر اياز قادري، ”هو چونئي تون مَ چئو“ شيخ عبدالحليم جوش، ”ساڄن سپنئان سهڻو“ فقير امداد علي سرائي، ”سڙي سارو ڏينهن“ شمس الدين سرڪي، ”آديسي اٿي ويا“ غلام رباني آگرو، ”هلو هلو ڪاڪ تڙين“ ابن الياس سومرو، ”من اندر جا لوچ“ ظفر حسن، ”وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي“، ”جي پانئين جوڳي ٿيان“، ”نيومن لائين پريان سندي پار ڏي“ نياز همايوني، ”اکڙين پرينءَ ڏي“ محمد علي حداد، ”آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين“ مولانا غلام محمد گرامي، ”جيڪي منجهه جهان“ طارق اشرف (سهڻي مخزن)، ”وساريان نه وسرن“ ممتاز مرزا، ”ريکون ٿي رهيا، سڄڻ سونيءَ تند جيئن“، هري موٽواڻي، ”ڇپرڇاتون مُڪيون“ انور ساگر ڪانڌڙو، ”نئون نياپو آيو“ غلام حسين مشتاق سچاروي، ”جي ليلائي نه لهين ته پڻ ليلائيج“ پروفيسر درگاهي ميراڻي، ”وڃين ڇو وٽڪار“ ڊاڪٽر بشير احمد شاد، ”ڪي ڏور به اوڏا سپرين“ طارق عالم، ”الا اڇن اوءِ“ وسيم سومرو، ”وکر سو وهاءِ“ امداد حسيني، ”سونهان سڏيون ڏين“ مهدي شاهه، ”هتان ڪٽي هُت جن رکيو سي رسيون“ شازيه سفير پتافي، ”سون ساريڪا هٿڙا“ رابيلا حميد، ”ماڻهو سپ نه سهڻا“، ”هڪ سسئي ٻيا سور“، ”هوندا سي حيات“، ”ويا جي هنگلور“ ماهتاب محبوب، ”ستا اٿي جاڳ“ علي احمد بروهي، ”ڏٺي ڏياري ساموندين سڙهه سنپايا“ پريتم پياسي، ”لاهوتي لنگهي ويا“ اياز لطيف دايو، ”تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه“ اياز علي زنئور، ”ڪانڌي ڪنگ ٿياس“علي مير شاهه، ، ”ڪاڄ جنين جو ڪکيون“ شيخ نياز، ”سامي سڄ وڙا“ مراد علي مرزا، ”نئون نياپو آيو راڻي ملان رات“، ”سورن ساڻ مَ چن“، ”ڪنڌيءَ ڪوئنرترن“، ويٺي

ويچن وٽ“، ”ليلا چڱ ليهور“، ”ڪٿيءَ وٺيون ڪٿيون“ محمد حسين ڪاشف، ”وڃڻ تت پيوم جت هلڻ ناھ حُسن ريءَ“ غلام شبير، ”اچيو آتڻ ان جي“ نصرالله خان، ”ڳاڙهيندين ڳوڙها“ رحيم بخش قمر. ”حيف تنين هوءِ جن وطن وساريو“، ”هو چونئي تون مَ چئو“، ”مفتي منجھ ويهار ته قاضيءَ ڪاٽيارو نه ٿيين“، ”اسين سڪون جن ڪي سي تان اسين پاڻ“، پورهئي هٿ سڪار تو وس آهن هٿڙا“، ”پنهون ٿيس پاڻ تان سسئيءَ تان سورهئا“، ”ڏوريندیون ڏسن اگهڻ عجيبن جا“، ”جو وڙ جڙي جن سين سو وڙ سي ئي ڪن“، ”مرٽا اڳي جي مئا سي مري ٿين نه مات“، ”ڪنهن ڪنهن ماٺهوءَ منجھ بوءِ اچي بهار جي“ پروين موسیٰ ميمڻ، ”هي ليک نئين زندگي، ته ماهي مهراڻ، سهڻي مخزن، روح رهاڻ، لطيف ڊائجسٽ، ڦليلي مخزن، ڪينجهر، ڪلاچي ۽ ٻين مخزنن ڪان علاوه ليڪڪن جي ذاتي ڪتابن ۾ آيل آهن، ٻيا ڪيترائي مضمون ۽ مقالا، تاثر، اوسار، ڊائرين جا ورق، افسانن جا عنوان، هن ڏس ۾ ڏَسي سگهجن ٿا، (هتي طوالت ڪان بچاءُ سبب چند جي ذڪر تي اڪتفا ڪئي وئي آهي).

## حوالا


١) استاد بخاري، ”پير نه هٿن پوئتي“، صہ-١٣٠، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٢ع.

٢) قادري، اياز ڊاڪٽر، ”مون مطالع سپرين“، صہ-٢٠، شاھ عبدالطيف ڪلچرل سوسائٽي، ١٩٩٥ع.

٣) مرزا ممتاز، (گنج جو مهاڳ) ”سهڻو پاڻ سڏائي ويا“، صہ-٢٤٣، روشني پبليڪيشن.

۴) بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“، صہ-٣٢٨، ٣٢٩، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو، ١٩٩٩ع.

# ڪجھ ڪتاب جي باري ۾

هيءُ ڪتاب لطيفيات جي فن ۽ فڪر جي واڌاري لاءِ هڪ ادنيٰ ڪوشش آهي. جنهن جو خاص مقصد آهي ته نئين نسل کي شاھ صاحب جي بيتن سان واقفيت ٿئي ۽ ايندڙ ليکڪن لاءِ لطيفيات مان ڪتابن جي عنوان چونڊڻ جو رواج وڌيڪ عمل ۾ اچي. مون کي اميد آهي ته هن ڪتاب جي ڇپجڻ کان پوءِ سنڌي ادب جا شوقين شاھ جي رسالي جو وڌيڪ مطالعو ڪري نوان نوان عنوان پيش ڪندا ۽ عنوانن جو ورجاءُ نه ٿيندو ۽ هن فن ۾ وسعت ايندي.

جيئن ته ڪيترن ئي نثر ۽ نظم جي ڪتابن جا عنوان پنهنجي موضوع جي مناسبت سان شاھ صاحب جي ڪلام جي سٽن تان سرجيل آهن. جن جو تعداد منهنجي ناقص راءِ موجب پنج سؤ کان مٿي ٿي سگهي ٿو. پر هيستائين مون تمام گهٽي محنت سان مختلف ادبي تاريخن، ببليوگرافين ۽ موضوع سان لاڳاپيل ڪتابن ۽ مختلف ادارن جي ڇپيل فهرستن مان اهڙن ٽن سؤ کن ڪتابن جو وچور ڳاهيو آهي ۽ مونکي خوشي انهيءَ ڳالھ جي آهي ته هن ڪم جي حوالي سان مون کي شاھ صاحب جي ڪلام کي ويجهي کان پڙهڻ ۽ پروڙڻ جو موقعو مليو.

ڪتابن جي ترتيب موضوع وارو رکڻ جو خاص طور ڌيان ڏريو ويو آهي. ترتيب مطابق شاعريءَ جي مجموعن، ناولن، ناٽڪن، ڪهاڻين جي مجموعن، سفرنامن، سوانح عمرين ۽ آتم ڪهاڻين جي عنوانن تي مشتمل جيڪي بيت آهن انهن کي الڳ الڳ پيش ڪيو ويو آهي ۽ هڪ حصو متفرقه موضوعن تي مشتمل ڪتابن جو رکيو ويو آهي. جنهن ۾ تنقيد، تحقيق، مضمون نويسي مقالا نگاري، ساروڻيون، خط، انٽرويو ڪالم، ڊائريون، اخلاقيات ۽ لطيفيات جي موضوعن تي

مبني ڪتابن جا عنوان ۽ بيت شامل آهن.

اهي عنوان جن ۾ گمان غالب آهي ته اهي شاهه جي رسالي مان چونديل آهن پر فاالوقت مون کي اهي بيت دستياب ٿي نه سگهيا آهن انهن جي فهرست موضوع وارا الڳ ڏنل آهي، انهن جي لاءِ آئون پڙهندڙن کي گذارش ٿي ڪيان ته جيڪڏهن وٽن ڪنهن عنوان سان لاڳاپيل بيت هجن ته مون کي منهنجي نمبر تي اطلاع ڏين آئون سندن ٿورائتي هونديس. منهنجي خواهش آهي ته هن ڪتاب جو ايندڙ ڇاپو پنج سؤ بيتن تي مشتمل هجي. ڪجهه اهڙا عنوان آهن جيڪي ”شاهه جو رسالو“ پڙهندي مونکي ذاتي طور پسند آيا. انهن کي آخر ۾ ”نوان عنوان“ جي موضوع سان پيش ڪيو اٿم ته جيئن پنهنجي ڪتاب جو عنوان رکڻ لاءِ ليکڪن کي سهنجائي ٿئي.

بيتن جي هن چونڊ ۾ ڪٿي ڪٿي ڪي بيت اهڙا به شامل آهن جيڪي ورجاءُ ۾ شمار ٿين ٿا. جنهن جا ڪجهه سبب آهن. هڪ ته ڪي عنوان اهڙا آهن جيڪي هڪ ئي بيت مان به يا ٽي ڪتاب چونديل آهن، جنهن جي ڪري اهو بيت به دفعا ڏيٺو پيو آهي. جيئن مثال طور:

**<u>عشق نه آهي راند</u>، ته ڪي ڪنس ڳپرو**
**جي، جسي ۾ جان جي، پڇي جو هيڪاند،**
**<u>سسي نيزي پاند</u>، اڇل ته اڌ ٿئي،**
(يمن ڪلياڻ، 6-19)

هن ۾ ”**عشق ناهي راند**“ گوبند مالهيءَ جو ناول آهي ته ”**سسي نيزي پاند**“ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو ناول آهي.

**<u>ڪنول پاڙون پاتال ۾، پونر پري آڪاس،</u>**
**ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،**
**تنهن عشق کي شاباش، جنهن محبتي ميڙيا.**
(سر ڪارايل، 1-9)

”**ڪنول پاڙون پاتار ۾**“ فتاح ملڪ جو افسانوي مجموعو آهي ته ”**پؤنر پري آڪاس**“ شيخ اياز جو شاعريءَ جو مجموعو آهي. اهڙي حوالي سبب اهو ساڳيو بيت ورجائڻو پيو آهي. ٻيو ته ڪجھ بيت اهڙا آهن جن مان چونڊيل عنوان مختلف موضوعن سان واسطو رکن ٿا ۽ ليڪڪ به الڳ آهن انهيءَ حوالي سان بيت ڪي دهرايو ويو آهي. جيئن: ”**وساريان نه وسرن**“ (خاڪا ۽ سوانح - ممتاز مرزا) ۽ **وساريان نه وسرن**“ (ناول - عمرالدين بيدار) پر هن ڏس ۾ به ڪوشش اها رهي آهي ته بيت الڳ الڳ چونديا وڃن ته جيئن وڌيڪ ۽ مختلف بيت ساڳئي عنوان جي لاءِ هجن پر ڪٿي ڪٿي هڪ بيت هٿ ٿيو آهي جيئن ”**اکيون ميگھ ملار**“ بردو سنڌي (شاعري) ۽ ”**اکيون ميگھ ملار**“ اڪبر اديب جو (افسانوي مجموعو) ته هڪ ئي بيت مليو آهي. يا ”**ماڻڪ موتي لعل**“ لعل چند امر ڏنو مل (مضمون)، ”**ماڻڪ موتي لعل**“ ايوب انصاري (شاعري) ته پوءِانهيءَ ساڳئي بيت ڪي ورجايو ويو آهي. صرف انهيءَ سبب جي ڪري ته هيءُ عنوان ٻن الڳ ادبي صنفن ۾ استعمال ٿيو آهي. مواد ۽ موضوع بلڪل مختلف آهن ۽ ٻن الڳ ليڪڪن لکيو آهي. پر اهڙن بيتن جو ڳاڻيٽو تقريبا ڏھ تائين آهي.

چند ڪتاب اهڙا به آهن جن جا عنوان شاھ جي رسالي مان ئي کنيا ويا آهن. پر اهي بلڪل اهڙيءَ طرح نه آهن جهڙيءَ ريت رسالي ۾ آيل آهن، تمام معمولي فرق آهي. اهڙن بيتن جو ڳاڻيٽو به ڏهن تائين آهي جيئن؛

| **كتاب جو عنوان** | **رسالي ۾ هن ريت آيل آهي** |
|---|---|
| **آيو چام تماچي** | **چام تماچي آئيو** |
| **آءُ ڪانگاڪر ڳالھ** | **آءُ ڪانگا لنئه لات** |
| **ڪوڙن ڪُني آهيان** | **ڪوڙين ڪني آهيان** |
| **هڪ سسئي سؤ سور** | **هڪ سسئي ٻيا سور** |

**جيڪي ڏنو هو مون جيڪي ڏنو مان**

منهنجي خيال ۾ مٿين ڪتابن ۾ بيتن جو ذڪر نه ڪرڻ نا انصافي ٿيندي، پر بيت انهيءَ ريت ئي ڏنا ويا آهن جهڙيءَ ريت شاهواڻي صاحب جي رسالي ۾ آهن، ته جيئن بيت جي صحت ۾ سالميت قائم رهي سگهي.

هر بيت سان لاڳاپيل سر، داستان ۾ بيت جو ترتيب نمبر ڄاڻايو ويو آهي ته جيئن نه فقط شاگردن، محققن ۾ ليڪڪن لاءِ سهوليت ٿئي پر عام پڙهندڙ به هِنَ طريقي مان فائدو وٺن.

منهنجو هن ڪتاب جي حوالي سان سنڌي ادب جي قلمڪارن کي عرض آهي ته جڏهن هو پنهنجي ڪتاب جو عنوان شاهه صاحب جي بيتن مان چونڊين ٿا ته مٿن واجب ٿئي ٿو ته هو هڪ الڳ صفحي تي ڪتاب جي شروع ۾ اهو بيت مڪمل ڏين جنهن ۾ گڏ سُر جو نالو، داستان نمبر ۾ بيت نمبر لکيل هجي گڏوگڏ اهو به ڄاڻائين ته ڪهڙي ترتيب ڏنل رسالي مان اهو بيت ورتل آهي (ڪجه ڪتابن ۾ اهڙيءَ ريت بيت آيل به آهن پر انهن جو تعداد تمام ٿورو آهي). منهنجي نظر ۾ مٿيون طريقو لطيف شناسيءَ لاءِ ڪارائتو ٿيندو.

آخر ۾ هڪ باب شاهه صاحب سان منسوب حڪايتن وارن بيتن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ آيل بيت ۾ روايتون گهڻي ڀاڱي "لطائف لطيفي" مير عبدالحسين خان سانگي ۾ "احوال شاهه عبداللطيف"، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، "شاهه عبداللطيف رحه" (تحقيقي مضمون) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتابن مان ورتل آهن. هتي انهيءَ باب ڏيڻ جو مقصد آهي ته شاهه صاحب جي ڪلام ۾ انيڪ اهڙا بيت ملندا، جيڪي سنڌ جي سياسي، سماجي، تاريخي، ديني ۾ علمي ماحول جي حوالي سان مختلف واقعن جي نشاندهي ڪن. واقعه نگاريءَ جي لحاظ کان به سندن ذاتي طبع جي باري ۾ هن باب ۾ پيش ڪيل بيتن

مان ڪافي چاڻ ملي ٿي. اهڙيءَ ريت واقعات نگاريءِ موقعي مهل مطابق چيل بيتن تي مشتمل هڪ الڳ ڪتاب ترتيب ڏيڻ جي پڻ ضرورت آهي، جنهن مان خبر پوي ته شاھ صاحب گوشه نشين صوفي بزرگ نه هو ۽ نه ئي سندس سچي ڪلام کي مڪمل طور تصوف تي مبني قرار ڏئي سگهجي ٿو. هُو ته عام سان حياتي گهاريندڙ سنڌ سرزمين جي عوام جو عوامي شاعر هو. جنهن کي سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ، هر وستيءَ ۽ وڳر واهڻ جي چپي چپي ۽ ذري ذري سان محبت هئي. انهيءَ ڪري ئي هن پنهنجي ڪلام جي معرفت سنڌ جي هڪ وڏي دؤر جي تاريخ کي پيش ڪيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ فلسفي جي نڪتن، تصوف ۽ رومانوي لاڙن سان گڏ مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دؤر جي سياسي ڪشمڪش ۽ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جون دل ڏاريندڙ داستانون آهن ته سنڌي سماج جا ڏک، سک، اٿيون، ويٺيون، خوشيون، غميون ۽ روزمره جي زندگيءَ جا عڪس آهن.

آئون اميد ٿي ڪريان ته منهنجي هيءَ ننڍڙي ڪوشش يقينا علم ۽ ادب جي قدر ڪرڻ وارن وٽ قبول پوندي. پنهنجي هن جاکوڙ ۾ آئون ڪيتري قدر سڦل ۽ ڪامياب ٿي آهيان. اهو فيصلو مون پڙهندڙن تي ڇڏيو آهي، پر مون کي اهو اطمينان آهي ته ڪنهن به نيڪ ڪم ۾ دل ۽ جان سان ڪيل محنت ڪڏهن به رائيگان نه ويندي آهي.

**پروين موسيٰ ميمڻ**

4-4-2008

# ٿورا

پنهنجي ڪتاب ”وکر سو وِهاءِ“ (مضمون نوَيسي) ۾ لطيف شناسائيءَ تي لکندي، ڪيترائي دفعا شاه جي رسالي جي ورق گرداني ڪيم. انهيءَ وچ ۾ ئي مون کي مَنَ ۾ مذڪوره ڪتاب کي جوڙڻ جو خيال آيو. همت ڪري ڪم جي شروعات ڪيم. شروع ۾ ته سمجهيم ته جلد ئي مڪمل ڪنديس پر جيئن جيئن لطيفي عنوانن جا ڪتاب ۽ لاڳاپيل بيت ڳولهيندي ويس، ته چاڻ پيم ته هي ته چڱو محنت طلب ڪم آهي، پر شڪر الحمد الله سچيءَ لگن سان اُڪري پارپيس.

هن ڪتاب کي مون پنهنجي ذاتي شوق ۽ مرضيءَ مطابق ترتيب ڏئي، ڪمپوز ٿيل مسودو جنهن جنهن کي به ڏيکاريو، تن تمام گهڻو پسند ڪيو انهيءَ پسنديدگيءَ همت افزائي ۽ ڏنل اعتماد تي آئون سڀني سڄڻن جي تمام گهڻي ٿورائتي آهيان. خاص طور محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر نور افروز خواجه، حميد سنڌي، وليرام ولڀ، ناز سنائي، علي نواز گهانگهرو ۽ ٻين سڀني جي وڏي مهرباني مجيان ٿي. ڊاڪٽر عبدالجبار، مئڊم فهميده حسين ۽ ڊاڪٽر نور افروز خواجه جا وڏا وڙ آهن جو ”ٻه اکر“ ۽ مهاڳ“ لکي ڏنا اٿن، فون تي ۽ روبرو به همٿايائون.

سنڌ جي سڄاڻ، علم دوست ۽ محبتي شخص محمد ابراهيم جويو وٽ جڏهن مسودو کڻي ويس تڏهن کين تمام گهڻو پسند آيو ۽ هڪدم چيائون ته:

Baba! You are a creative writer, I am proud of you; I am very pleased to meet you. One can not imagine such a different and inventive ideas that

you have.

ڪين ٻين ڪتابن جا مسودا پڻ پسند آيا. هيڏي وڏي دانشور سان ملاقات ڪرڻ ئي وڏو اعزاز هئي ۽ وري ايتري appreciation منهنجي لاءِ وڏو قيمتي سرمايو آهي. آئون تمام ٿورائتي آهيان سائينءَ جويو صاحب جي جو پاڻ پنهنجي طبعيت جي ناسازيءَ جي هوندي به مون کي ڪافي وقت ڏنائون. هن ملاقات ۾ جويو سائينءَ مونکي منهنجي ڪتابن جي باري ۾ مفيد مشورا ڏنا ۽ گڏ هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ، خاص طور بيتن تي لڳل اعرابن ۽ ترتيب تي اطمينان جو اظهار ڪيائون.

ان ڪانسواءِ پنهنجي گهر ڀاتين جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿي، منهنجي وَرَ انور خان، پٽ ڊاڪٽر ياسر رضا ۽ نياڻيءَ ڊاڪٽر ثمر رفيق پڻ سٺو تعاون ڪيو.

پروين موسىٰ ميمڻ

30-12-2008

# ڊجيٽل ڇاپي لاءِ چند لفظ

منهنجي لکيل ٻاويهن ڪتابن ۾ هيءُ ڪتاب منهنجو دلپسند ڪتاب آهي جنهن جو ٻيو ڇاپو پڻ ترت ئي کپي ويو ۽ ڪيترن ئي مون کان هيءُ ڪتاب گهريو آئون ڏيئي نه سگهيس مون وٽ به فقط ٻه ڪاپيون بچيون. ادا گل محمد عمراڻيءَ جڏهن هن ڪتاب جي گهڻي تعريف ڪئي ۽ چيو ته مون وٽ هڪ ڪاپي اڳ جي ورتل موجود آهي جنهن کي آئون شوق سان اڪثر مطالعو ڪندو آهيان تڏهن پڪو ارادو ڪيم ته آديسين جي ڪتاب ۾ ٻيا بيت پڻ شامل ڪري هن ڪتاب کي آن لائين ڪتاب گهر تي رکايان ته ڪيترائي لطيفي فن جا قدردان انهيءَ مان فائدو وٺي سگهن. سو هاڻي 50 بيتن جي واڌاري سان ڪل ساڍا ٽي سئو بيتن سان هيءُ ڪتاب توهان جي مطالعي ۽ تحقيق جي لاءِ آن لائين حاضر آهي اميد ته پسند ايندو. مون کي پنهنجي راءِ سان ضرور آگاهه ڪجو. هن کان سواءِ منهنجا 5 ڪتاب سنڌ سلامت تي آن لائين ڪتاب گهر تي اڳ ۾ موجو آهن. موجود آهن. مطالعو ضرور ڪجو مهرباني.

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

14-1-2021

Mob: 03332766564

## شاهه صاحب جي بيتن مان چونڊيل عنوان تي مشتمل شاعريءَ جا ڪتاب

### آچيندي لج مران-نارائڻ شيام

اَگهِيو ڪائو ڪَچُ، مَاڻِڪَن موٽَ ٿِي،
پَلَئَه پايو سَچُ، آچِيندي لَجَ مَران
(سر سريراڳ، ۴-۱۴)

### پوئنر پري آڪاس-شيخ اياز

ڪوئنرَ پاڙون پاتارَ ۾، پَوئنُر پري آڪاس،
بنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.
(سرڪارايل، ۱-۲۲)

### ڪلهي پاتم ڪينرو- شيخ اياز

تُون سَپَڙ آئون سيڪڙو، تُون ڏاتار آئون ڏَڌِ،
سُٽي تنهنجو سَڏُ، ڪلهي پاتُم ڪِينَرو.
(سرپرڀاتي، ۱-۲۴)

### وچون وسڻ آيون-شيخ اياز

آج پُڻ اُتَر پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَر ڪَيس،
وجُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪري لالَ لَبيسَ،
پِرين جي پرديِسَ سي مُونکي مينهنَ ميڙيا.
(سرسارنگ، ۱-۱۰)

**وڏا وَڻَ وڻِڪارَجا-شيخ اياز**

**رِڏا وَڻَ وڻِڪارَ جا، جت نانگ سُجَنِ نِيلا،**
**اُتي عبداللطيف چي، ڪيا هيڪَلِين حِيلا،**
**جِتِ ڪُڙَم نه قَبِيلا، اُت رَسج رَهبَر راهه ۾.**
(سر سسئي آبري، ٢-٩)

**تون چپر تون چانوَ-شيخ اياز**

**جيڏو تنهنجو نانءُ، پاجهه به اوڏيائي مَگان،**
**ري ٿَپين ريءَ ٿُوٽيين، تون چپر تون چانءُ،**
**ڪُڄاڙو ڪهانءُ، توکي معلوم سَپڪا.**
(سر ڏهر، ٢-٢٣)

**هِينئَڙو ڏاڙهونءَ گُل جئَن-شيخ اياز**

**جي هُوند ڏنائون، ووجيڏيون! حال منهنجو هڙو جهڙو،**
**چَڙهي نَه سگهان، چوٽيين مارِڳ مٿانهون،**
**حال منهنجو هڙو جهڙو،**
**هينئڙو ڏندڻ پاڙجئن، چڪي چِنائون،**
**هينئڙو ڏاڙهونءَ گُل جيئن، ريهي رتائون،**
**حالُ منهنجو هڙو جهڙو.**
(وائي، سرحسيني، داستان پهريون)

**ڪي جو ٻيجَلَ ٻوليو-شيخ اياز**

**<u>ڪِي جو ٻيجَلَ ٻوليو،</u> پِنيءَ وِيهي پانِ،**
**راجا رتولن ۾، سِيباٽو سلطان،**
**آءُ مٿانهون مڱٽا! مقابل ميدان،**
**گهوريان لَکَ لطيفُ چي، تنهنجي قَدَمن تان قُربان،**
**مٿوهي مزمان! هلي آءُ ته هِتِ ڏينئين.**
(سرسورٺ، ٣-١)

**ڪَپَرٿو ڪُن ڪري-شيخ اياز**

**بَندَر جان پَئِي، ته سڪاٽيا! مَ سُمَهو،**
**<u>ڪَپَرُ ٿو ڪُنَ ڪري،</u> جئن ماٺيءَ منجھ مَهي،**
**ايڏو سُوُر سَهِي، نِندَ نه ڪِجي ناڪئا،**
(سر سريراڳ، ٣-١٨)

**لڙيو سج لڪن ۾-شيخ اياز**

**<u>لڙيو سج لڪن،</u> تان راسيون رتائين،**
**مون ڪي ماريائين، اديون اونداهي ڪري.**
(سر حسيني ، ١-۴ رسالو، آءِ آءِ قاضي)

**پتڻ ٿو پور ڪري-شيخ اياز**

**<u>ساٿين ننڍا يار وو!</u> تَن پانڌين ننڍا بار،**
**توکي آرس اکڙين ۾.**
**پاتا پاڙي واريئن، پَڳھ مَنجھ پاتار،**
**<u>پَتَڻ ٿو پُور ڪري،</u> آئي تنهنجڙي وار.**
**توکي آرس اکڙين ۾.**
(وائي داستان ٿيون- سر سريراڳ)

**جُهڙ نيٽان نه لَهي-شيخ اياز**

**<u>جُهڙ نيٽوُن نه لَهي،</u> ڪَڪَرهُون نه هُون،**
**ساريون سپرين کي، لُڙُک ڳَلن تي پُون،**
**سي مَرِرويو رُون، جَنِ مُسافر سُپرين.**
(سر سارنگ، ١-٢٢)

**اُپر چَندَ پَسُ پرين-شيخ اياز**

**<u>اُپُر چَندَ پَس پرين،</u> تو اوڏا، مون ڏُور،**
**سجڻ سُتا ولِھ ۾، چوٽا پري ڪَپور،**
**پيرين آءُ نه پُڄٽي، بَابَل ڏي نه بُور،**
**جنهن تي چڙهي اَسُورِ، سنجهي سَجَڻَ سيٽيان.**
(سر کنڀات، ٢-٧)

**اُٺي اور الله سين - دعائيه نثري نظم - شيخ اياز**

**ڪُوڙ ڪماءِ مَ ڪَجُ، اُٺي اور اللهَ سين،**
**ڪِي تون دغا دِل مان، صاحبَ وَٽي سَچُ،**
**مَحبتَ سَندو مَنَ ۾، ماڻِڪَ! ٻارج مَچُ،**
**اِنَ پَر اُٺي اَچُ، ته سَودو ٿيئي سَڦَرو.**
(سر سريراڳ، ١-٩)

**اکيون ميگهه مَلهار - بردو سنڌي**

**اَکيون ميگهه ملهارُ، صُورت تنهنجي سَپُ جَڳُ موهيو،**
**سَجِدو فيلَ في الحالُ ڪيو، پَسي، مطلب نُور نِراڙَ،**
**جَاپَڻ وقت جامَ جي ڪِريا ڪُنگرا ڪوٽ ڪفار،**
**صورت تنهنجي سپ جَڳ موهيو.**
(سرسارنگ، وائي، - داستان ٿيون)

**ٻُوندوُن ٻَس نَه ڪَن - بردو سنڌي**

**اَج پُڻ اَکڙين، سَچَڻَ پَنهنجا سارِيا،**
**ڳَلَنِ تان ڳوڙهن جُون، ٻُوندُون ٻَس نَه ڪَن،**
**سَندِي سِڪَ پِريَن، لوڪ ڏنيئي نه لَهي.**
(سر بروو سنڌي، ١-١٠)

**آڏي ڍال مَ ڍار - رشيد ڀٽي**

**سُورهيه مرين سوپ ڪي دل جا وَهَم وِسَارِ،**
**هَڻُ ڀالا، وڙهه ڀاڪُرين، آڏِي ڍالَ مَ ڍار،**
**مٿان تيغُ تَرارِ، مارِ ته متارو ٿيين.**
(سر ڪيڏارو، ٥-٥)

**رَڳُون ٿيون رَبابُ - ڊاڪٽر تنوير عباسي**

**رَڳون ٿيون رَبابُ، وَڄن ويلَ سپڪنهين،**
**لُڇَڻُ ڪُڇَڻُ نه ٿِئو، جانبُ ريءَ جَبَابُ،**
**سوئي سَنڌيندُم سُپرين، ڪِيَس جنهن ڪبابُ،**
**سوئي عين عذابُ، سوئي راحتَ رُوحَ جي.**
(سر ڪلياڻ، ٣-٦)

**ساڃَن سُونهن سُرت - ڊاڪٽر تنوير عباسي**

**هِتان ڪٿي هُت، جَن رَڪيوسي رَسيُون،**
**ساڃَن سُونهَن سُرتِ، وِڪان ئي ويجهو گَهٽُو.**
(سر سسئي آبري، ٢-٢)

**سڄڻ سفر هليا - شيخ عبدالرزاق "راز"**

**توجَنين جي تانگهَ، سي سَجَڻَ سَفر هَليا،**
**لَئج لات، لطيف چي، ڪڏهن اِيندَم، ڪانگ!**
**ڪنهن سِڻاٽي سانگَ، پِرين پرڏيهي ڪِيا.**
(سر سامونڊي، ١-٢٥)

**پيهي منجھ پاتار - شيخ عبدالرزاق "راز"**

**اِيءَ گَت غَواصَن، جئَن سَمُنڊ سُوجهيائون،**
**پيهي مَنجھ پاتارَ جي، ماڻڪَ مِيڙيائون،**
**آٽي ڏِنائون، هيرو لعل هَٿَن سين.**
(سر سريراڳ، ٢-٩)

**ڪَڪَر مَنجِھ ڪَپارَ - بشير مورياڻي**

**<u>ڪَڪَر مَنجِھ ڪَپارَ</u>، جھُڙَ نيٽَئُون نَه لهي،**
**جهڙا منهنجا سُپرين، تِهڙا ميگھ ملهارَ،**
**ڪَڻ اکيون، ڪِل يارَ! وَڄَن سورَ سَنڌا ڪيو.**
(سر سارنگ، ١-٢١)

**آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ - (صوفي دريا خان جو ڪلام) ترتيب: نياز همايوني**

**وَهِلو وَرَ، وَريا پِرين، <u>آءُ ڪانگا لنئُه لات</u>،**
**ويا جي قَلاتِ، سي اُڏامِي آڻ پرين.**
(سر پُورب، ١-٦)

**گھِڙيا سي چَڙھيا - استاد بخاري**

**<u>گھڙيا سي چَڙھيا</u>، ايئن اَٿيئِي،**
**مَئي مَتي مِهراڻ ۾، پَئو ٿِپو ڏيئِي،**
**ته ميهار مِليئي، سنپُوڙو سِيٽاھ سين.**
(سر سُهڻي، ٥-٣)

**ماندي ٿي نه مارئي - استاد بخاري**

**<u>ماندي ٿي نه مارئي</u>، الله اوڏو آهي،**
**سؤ ورهين جا ڏُکڙا، هِڪڙي لحظي ۾ لاهي.**
(سر ڏهر)

**وِلولو ۽ ووڪ - استاد بخاري**

**رِجَن ۾ رڙثي، ڪَرَڪوَل جي ڪُوڪَ،**
**وِلوِلو ۽ وُوڪ، اي ءَ تان آه عِشق جي**
**(معذوري، ١٤-٤)**

**ڪاري ڪڪر هيٺ - استاد بخاري**

**ڪاري ڪَڪَر هيٺ، مُون جهيڙيندا چِڏيا،**
**ڪارا ڪُنَدَ هٿن ۾، اَڙلَ وَچِيرا هيٺ،**
**ٿي تَنين سين ڏيٺ، مونڻ جَنين مِيهڻُو.**
**(سر ڪيڏارو، ٣-٢)**

**ڏڪندو ڏور ٿئي - عبدالقيوم "صائب"**

**دارُون ۽ ڪارُون، جان ڪِي ڪيا ويجَ مُون!**
**ٻُڪي ڏيندا ٻاجھ جي، نِهاري ناڙُون،**
**جَنِ جُون سيڻ لهن سارُون، تَنِ تان ڏُڪندو ڏُور ٿئي.**
**(سريمن ڪلياڻ، ٢-١٨)**

**سجڻ نِتِ سوجهرو - (شاعري)ترجمو: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو**

**چَندَ تِنهنجي ذات، پاڙيان تان نهَ پرين سين،**
**تون اَچو ۾ راتِ سَجڻ نِتِ سوجهرو.**
**(سر ڪُنڀات، ١-١٣)**

**جوتيون جواهرن جون- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي**

**سي پُوچارا پُر ٿِيا، سمنڊُ سيويو جن،**
**آنڊائوُن عَميق مان، جُوتي جواهِرن،**
**لَڌائون، لطيفُ چي، لالُون مان لَهرِن،**
**ڪانهي قيمتَ تنِ، مُلهه مَهانگو اُنِ جو.**
(سر سريراڳ ، ٢-٣)

**رُسِ مَ رسڻ گهوريو - ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ**

**رُسُ مَ رُسَڻُ گهريو، اُٺُ اوراهُون آڻِ،**
**ليڙي جو، لَطِيفُ چي، تَنگُ سَوارو تاڻِ،**
**شَرمَنديون سَپين پَرين، پُنِيءَ لائِج پاڻِ،**
**اَچِي مُشڪَ ماڻِ، ته سوڍا! سُکياڻِي ٿِيان.**
(سرمومل راڻو، ٥-٧)

**تند تنوار - نثار حسيني**

**”مَٿي اُتي مُنهنجي، جي ڪوڙين هُون ڪَپارَ،**
**ته وارِيو وارِيو وَڍِيان، سِسِيءَ کي سَوَ وارَ،**
**ته پڻ تَندُ تَنوارَ، مُوهان مَٿانهُون، مَگَٽا!“**
(سورٺ، ٣-١٣)

**رُوحَ رِهاڻِ - حاجي اميد علي لغاري**

**هيڪلِيائي هاڻِ، پُورِينِديَس، پُنهونءَ ڏي،**
**ڪَندِيَس ڪوهيارَلَ سين، رُچي رُوحَ رِهاڻ،**
**رُلي چُلي چِپَرين، ڪَنهن پَرِ لاهِيان ڪاڻِ،**
**آهِيان گُهٽو اَجاڻِ، پَرَ سُورَ پِريان جا ساڻُ مُون.**
(سسئي آبري،٩-١٢)

**تَندُ، ڪَتارو ڪَنڌُ - عنايت بلوچ**

**ٿيئي پَرِچِيا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪتارو ڪَنڌُ،**
**”تَنهن جِهوئي ناه ڪِي، جو تو، چارَڻَ! ڪَيو پَنڌُ.**
**ايُ شُڪُر اَلحمدُ، جِئَن مَٿو گُهرِيوءِ مَگَّٽا!“**
(سورٺ،٣-١٠)

**ڏوريان ڏوريان مَ لهان - تاجل بيوس**

**صبحُ سِگَڙيُون ڪَٽِي وِيا وَڃائي وِيرَ،**
**ڏوريان ڏوريان، مَ لَهان، تَنِ بيراڳِيُن بَهيَر،**
**جَنِ جي آسَ مَنجِهه عَنبير، آئُون نه جيئَندي اُنِ ري.**
(رامڪلي، ١-١٦)

**ڪنڏيءَ ڪوئَر ترن - تاجل بيوَس**

**هيٺ جَرُ، مَٿي مَجَرُ، ڪَنڏِيءَ ڪَوئَر تَرَن،**
**وَرِئي واهُوندَنِ، ڪِينجُهرُ ڪَٿورِي ٿِئي.**
(سرڪاموڏ، ٢-٥)

**ڪَنڌيءَ اَڪ ڦلارِيا - تاجل بيوَس**

**سَچُ ڪِ سُڪو ڀورُ، ڪَنڌِيءَ اَڪَ ڦُلاريا،**
**جُنگَنِ چَڍِيو زور، سَرُ سُڪو سُونگِي گَيا؟**
(سر ڏهر، ١-٧)

**ڏکن آئون ڏُڏي - نثار بزمي**

**ڏاگهَنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَرِن، ڏُکَنِ آئُون ڏُڏي،**
**پُچان پيُر پُنهونءَ جو، وِجهان وِڪَ وَڏي،**
**لِڪِئي آئُون لَڏي، ناتَ پَتِنِ ڪيرَ پَنڌُ ڪَري؟**
(سر ديسي، ١-٣) رسالو، ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب)

**ڏاهيُون ڏُک ڏِسن - ڊاڪٽر ارجن شاد**

**اَلا! ڏاهي مَ ٿِيان! ڏاهِيُون ڏُڪَ ڏِسَنِ،**
**مُون سين مُون پِرِيَنِ، پورائيءَ ۾ پالَ ڪِيا.**
(ليلا چنيسر، ٢-٦)

**اُنا مينهن ملير تي - گوردن پارتي**

**ويڙِهيچَنِ ڏي ويندي، عُمَرَ! آئون مارُوئَڙَنِ ڏي ويندي،**
**ڏِيهَ ڏاڏاڻين پَڪَڙين،**
**اُنا مينهَن مَلِيرَ ۾، ڏاڳا ڏَبَرَ ڏُوندي،**
**ڏِيهَ ڏاڏاڻين پَڪَڙين.**
(سر مارئي، ٩ - وائي)

**وٽجارن وايون (ڪافي گو شاعرن جو ڪلام) - عبدالڪريم پلي**

**ويندي آئُون هو تنِ وَٽِ،**
**مُون وَه وَٽجارِنِ سين،**
**پَڳُهه ڪَنُ مَ پاتِٽِي! جانِي! مُون لئي جَهٽِ،**
**مُون وَه وَٽجارِنِ سين،**
**وايُون وَٽجارِنِ جون، اَديُون! اَڄُ نه هَٽِ،**
**مُون وَهُ وَٽجارِنِ سين.**
(سر سامونڊي، ٢- وائي)

**ڪائو ڪمايوم - معمور يوسفاڻي**

**ڪائو ڪَمايوم، موتي مُون نَه وَٽِجيا!**
**سِيهي جو سَيدُ جي، وڪَرُ وِهيايِوم!**
**هھڙو حالَ سندوم، توه تنهنجي اُبَهان!**
(سر سريراڳ، ١-٤)

**پڪن منجھ پساهه - معمور يوسفاڻي**

**سَنِهيءَ سُئيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين ساهُ،**
**وِيٺي سارِيان، سُومَرا! گولاڙا ۾ گاهُ**
**هِنيُون مُنهِنجو هُتِ ٿيو، هِتِ مِٽي ۾ ماهُ،**
**پَڪَن مَنجهه پَساهُ، قالِبُ آهي ڪوٽَ ۾.**
(سر مارئي، ٤-١٢)

**ستا اٿي جاڳ - معمور يوسفاڻي**

**سُتا! اُٿي جاڳُ، نِنڊَ نه ڪَجي ايتري،**
**سُلطاني سُهاڳُ، نِنڊُن ڪَندي نه ٿِئي.**
(سر ڏهر، ٣-٨)

**آڏي ڍال م ڍار - معمور يوسفاڻي**

**سُورهَ! مَرِين سوبَ ڪي، ته دِلِ جا وَهَم وِسارِ،**
**هَڻُ ڀالا، وِڙهُ ڀاڪُرِين، آڏِي ڍالَ مَ ڍارِ،**
**مٿان تيغَ تَرارِ، مارِ ته مَتارو ٿِيين!**
(ڪيڏارو، ٥-٥)

**ماڻڪ موتي لالَ - ترتيب: ايوب انصاري**

**سيوا ڪر سَمُونڊَ جي، جت جَرُ وهي ٿو جالَ،**
**سَئين وَهَن سيرَ ۾، ماڻِڪَ، موتِي، لالَ،**
**جي ماسو جُڙيئي مالَ، ته پُوڇارا! پُر ٿِيين.**
(سريراڳ، ٢-٣)

**باهيون بيراڳِن جون** (ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ جو اڀياس **- ترتيب: تاج جويو**

**پنيءَ پَڙڪَ ڪَنِ، باهيُون بيراڳِن جون،**
**هَلو ته سيڪِيون هَٿَڙا، مَٿي تَنِ مَچَن،**
**ملان سناسِيَنِ مون جَڙَ لڳي جانِ ۾.**
(رامڪلي، ٩-٢٥)

**ڪَوَنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، فتاح ملڪ**

**ڪَوَنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پَوَنُر پِري آڪاسِ،**
**بِنِين سَندي ڳالهڙِي، رازِق آندي راسِ،**
**تَنهِن عِشق کي شاباسِ، جَنهِن مُحَبَتي ميڙِيا.**
(ڪارايل، ١-٢٢)

**جي تو بيت پانيان (لطيفيات)، نور الدين سرڪي**

**جي تو بيتَ پانيا، سي آيتُون آهين،**
**نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.**
(سر سهڻي، ٦-٢٥)

**اچن پوئنر پنپوليا، علي دوست عاجز**

**جنهن تَڙَ ذوڙُون ڏُونِ، چوٽا چَندَنَ چڪَ ڪِيو،**
**اَچَن پوئنرَ پَنپولِيا، پاٽيءَ تَنهين پُونِ،**
**راوَلَ رَتو رُون، ڪو وَهُ لَڳو واسُئين.**
(مومل راڻو، ٣-٧)

**پرچن شال پَهُنوار- محمد شفيع انور هالائي**

**پَرچَن شالَ پَهنوَهارَ، ڍولا! مارُو مُون سان، لا!**
**مُون مُورائِين مَدِيُون، آهِن سيڻَ سَتارَ،**
**ڍولا! مارُو مُون سان، لا!**
(سر مارئي، ٨ وائي)

**وَليُون وٽن ڦُلاريا- ڊاڪٽر ادل سومرو**

**پهنوارن پاٻوهيو، ڪِي واهوندن وَسَ،**
**عُمَرَ انهيءَ ڏيه جا، ڏوٿين ڏنم ڏسَ،**
**وليون وٽ ڦلاريا، ڦُلرُ نڱيو لس،**
**آٽِيو وِجَهن آهُرين، سندا ٿُوهَن تَسَ،**
**ميوا، مَجر ماڪيون، سَپَ ڪا چکن چَس،**
**ماڙيءَ وهي مَسَ، مَلير ويندي مارئي.**
(سر مارئي، ٧-٣)

**اندر رت ريلا- سيد اظهر گيلاني**

**جڙجا هيم جَتَ، تنهن ڳجهي ڳاريم جندڙو،**
**آٽي اندر کوڙيا، ڪوهياري ڪَرَوَت،**
**سُورن ساڙي آهيان، سِڪان ڪي صحت،**
**اندر رَتَ ريلا، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.**
(سر معذوري، ٥-٦)

**ڪاڪِ نه جهليا ڪا پَڙي- منصور ويراڳي**

**ڪاڪِ نه جهَليا ڪاپَڙِي، موهِيا ڪنهن نه مال،**
**سوڍيون سِجهائي ويا، هِهڙا جَنِين حالَ،**
**جي چورين ڏِنا چالَ، ته پِه لاهُوتي لنگهي ويا.**
(مومل راڻو، ٣-١٧)

**پرچن شال پهنوار- عبدالقادر منور ابڙو**

**پَرچَنِ شالَ پَهنوارَ، ڍولا! مَارُو مُون سان، لا!**
**ڍولا! مَارُو مُون سان، لا!**
**مُون مُورائِين مَدِيُون، آهِن سيڻَ سَتارَ،**
**ڍولا! مارُو مُون سان، لا!**
(سر مارئي، ٨-وائي)

**تند تنوار- نور احمد پنٿي**

**”مَٿو مُور نه پاڙِيان، تُنهنجيءَ تَندُ تَنوارَ،**
**سِرَ ۾ سَجَڻُ ناهِ ڪي، موٽُ مَ، مَگَٽَهار!**
**ڪِينِهين مَنجه ڪَپارَ، لَڇِيندو ٿو لاهيان.“**
(سورٺ، ٣-١١)

**اديسي اسور وڃائي واٽ ٿيا- شرمانند لال پرپو لال ننڊن**

**سامِيُنِ سَمَرُ سور، گُوندَرَ گَبَرِيُنِ ۾،**
**جَڙِي ٻَڌائون جانِ ۾، پيغامَنِ جا پُورَ،**
**آديسي اَسُورَ، وَڃائي واٽَ ٿِيا.**
(رامڪلي، ٣-١٢)

**آءُ ڪانگا لَنئه لاتِ - شرمانند لال پرپو لال ننڊن**

**وَهِلو وَرُ، وَرِيا پِرِين، آءُ ڪانگا لَنئه لاتِ**
**ويا جي قلاتِ، سي اُڏامي آڻِ پِرِين.**
(پورب، ١-٦)

**ڪوٺن ڪُني آهيان- ترتيب: ادبي محفل بدين**

**پانڌي! پِريءَ پَهُنوارَ ڪي، چَيُم تِنءَ چَئَيج:**
**”سَندا سَنگَتِ ڏيهڙا، وَرَ! مَ وِساريج،**
**ڪوٺِين ڪُني آهيان، سِگهي سارَ لَهيج،**
**مُٺِ مانڌاٽي مُجيجِ، ته نِيَرَنِ ۾ نَئون ڪَرِيان.“**
(مارئي، ابيات متفرقه، ٢٥، رسالو ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**سي لاهوتي لڌي ويا - يار محمد ٿانوري**

**اَڄُ نه اوطاقُنِ ۾، سَندِي جوڳِينِ جوڙَ،**
**ساري سَناسِيُن کي، کامِي ٿِيَس کوڙَ،**
**مَنَ جنِين سان موڙَ، سي لاهُوتي لَڌي وِيا.**
(رامڪلي، ٨-٩)

**پن بوڙين پاتال ۾ - جمال الدين هوت**

**صاحِب! تُنهنجِي صاحِبِي، عَجَبُ ڏِٺِي سُون،**
**پَنَ بوڙِين پاتالَ ۾، پَهڻَ تارِين تُون،**
**جيڪَرَ اَچِين مُون، ته ميرِيائِي مانُ لَهان.**
(سر ڌهر، ٢-١٩)

**سورج شاخون ڪيون - علي محمد پٽي**

**ڪٽي نيڻَ خُمارَ مان جان ڪيائون نازُ نَظَرُ،**
**سورُجَ شاخُون جَهڪِيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ،**
**تارا ڪَتِيُون تائِب ٿيا، ديکيندي دِلبَرُ،**
**جهَڪو ٿيو جوَهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.**
(ڪنپات، ١-١٨)

**درد جون دانهون - پنهل فقير مهر**

**آءٌ اوراهُون سُپِرِين! وَڄُ مَ آڳاهُون،**
**ٿَڪي ڪَٽي ٿَرَنِ ۾، ٻاڪاريو ٻانهُون،**
**دَردَ جُون دانهُون، مُون مارينِدِيُون، موٽُ تُون.**
(سر سسئي آبري، ١٠-١، رسالو، ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**سورن جو سمر - پنهل فقير مهر**

**اُلَهي سِڄَ اَويرَ ڪي، ڏِنائِين ڏُونگَرُ،**
**سَسُئيءَ ڪي، سَيدُ چي، سُورَنِ جو سَمَرُ،**
**ڪُنَلِ رَڪِيو ڪَرُ، ويچاريءَ وِڻِڪارَ تي.**
(سر حسيني، ۱-۳)

**رُس مَ، رُسڻ گهوريو - نور شاهين**

**رُسُ مَ، رُسَڻُ گهوريو، راڻا چَڏِ رِياءُ؛**
**ميثِ مَدايُون، موٺُ تُون، ڪَري نِرتِ نِياءُ،**
**لالَنَ جو، لَطِيفُ چي، ڪونهي سُونهَن سِياءُ،**
**اَوڳُڻَ يَڪي آءُ، ته، سوڍا! سُڪِياڻِي ٿِيان.**
(سر مومل راڻو، ۵-۱۰)

**اَڪين م ٿِي ويه - ميمڻ روشن تبسم**

**اَڪِيُنِ ۾ ٿي ويهہ، ته آئُون واري يَڪِيان،**
**توکي ڏِسي نه ڏيهہ، آئُون نه پَسان ڪِي بِيو.**
(سر آسا، ۳-۱۲، رسالو، آءِ آءِ قاضي)

**مُون ۾ آهين تون - اڪبر ساگر**

**پائي ڪانُ ڪَمانُ ۾، ميان! مار مَ مون،**
**مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.**
(يمن ڪلياڻ، ٦-۱۰)

**تندون جي طلب جون - رحيم بخش ”قمر“**

**تَنُ تَسبيحَ، مَنُ مَڻِيون، دِل دَنبُورو جَنِ،**
**تَندُون جي طلبَ جُون، وَحدَتَ سِر وَڄَنِ،**
**”وَحدَہ لا شَريڪ لَہُ“، اهو راڳُ رَڳُنِ،**
**سي سُتا ئي سونهن، نِنڊَ عِبادَتَ اُنِ جي.**
(سر آسا، ٣-٣، رسالو آءِ آءِ قاضي)

**ڳاڙهيندين ڳوڙها - رحيم بخش ”قمر“**

**وَحَدہُ لا شَريڪَ لَہُ، ٻُڌءِ نه ٻوڙا،**
**ڪِي تو ڪَنين نه سُئا، جي گهَٽَ اندر گهوڙا،**
**ڳاڙِيندين ڳوڙها، جتِ شاهد ٿِيندءِ سامُهان.**
(سر ڪلياڻ، ١-١٣)

**چَنڊَ تُنهنجي ذات - رحيم بخش ”قمر“**

**چَنڊَا! تنهنجي ذاتِ، پاڙيان، نه پِرينِ سين،**
**تون اڇو ۾ راتِ، سَڄَڻ نِتُ سوجِهرا**
(ڪنياٿ، ١-١٣)

**آءُ نه ڳڌي پرينءَ کي - رحيم بخش ”قمر“**

**آئُون نه ڳَڌِي پِرينءَ کِي، تون ٿو لَهِين سِڄَ،**
**آئُون جي ڏِيئين سَنِيها، نيئي پِريان کي ڏِجِ،**
**وِجي ڪيچِ چَئجِ، ته ”ويچاري واٽَ مُئي!“**
(سر معذوري، ٢-٣)

**ڪٽي نيڻ خمار مان - رحيم بخش ”قمر“**

**ڪٽي نيڻَ خُمارَ مان، جان ڪيائون نازُ نَظَرُ،**
**سُورَجَ شاخُون جَهڪِيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ،**
**تارا ڪَتِيُون تائِب ٿيا، ديکيندي دِلبَرُ،**
**جهَڪو ٿيو جوَهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.**
(سر ڪنڀات، ١-١٨)

**روضي پاڪ رسول جي - رحيم بخش ”قمر“**

**اَجُ پڻ اُتر پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ٿو ڪَري،**
**روضي پاڪَ رَسُولَ جي، پَلِٽيو پَٽَ پَري،**
**وِڄُن ساڻُ وَري، ته سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.**
(سر سارنگ، ١-١٣)

**محبت جي ميدان ۾ - رحيم بخش ”قمر“**

**مُحَبَتَ جي ميدان ۾، سِرَ جو سانگُ مَ ڪر،**
**لاهي سِرُ لطيف چي، دوسن اڳيان ڌَرِ،**
**عشق نانگ اَپِر، خَبَرَ ڪاڏَنِ ڪي پوي.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٦-١٦)

**ماڻِڪَ موتِي - رحيم بخش ”قمر“**

**سيوا ڪر سمونڊَ جي، جِتِ جَرُ وهي ٿو جالَ،**
**سَئين وَهَن سِيرَ ۾، ماڻِڪ، موتِي، لالَ،**
**جي ماسو جُڙئي مالَ، ته پُوڄارا! پُر ٿيين.**
(سر سريراڳ، ٢-٣)

**سپ ۾ پنهون پاڻ - سڪندر خان ڪوسو**

**ووڙِيَم سَپ وَڻاڻَ، يارَ ڪارڻ جَتَ جي،**
**اللهُ بِڪُلِ شَيءِ مُحِيطُ، اي آرِياڻِي اُهڃاڻَ**
**سپَ ۾ پُنهون پاڻَ، ڪِينه ٻيو ٻَروچَ ري.**
(سر سسئي آبري، ۵-۱۴، رسالو ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**پن ٻوڙين پاتال ۾ - جمال الدين مؤمن**

**صاحِب! ٽُنهنجِي صاحِبِي، عَجَبُ ڏِنِي سُون،**
**پَنَ ٻوڙِين پاتالَ ۾، پَهَڻَ تارِين ٽُون،**
**جيڪَرَ اَچِين مُون، ته ميرِيائِي مانُ لَهان**
(سر ڏهر، ۲-۱۹)

**موڪيءَ مٿ اُپٽيا - ذوالفقار گاڏهي**

**موڪِيءَ مَٿَ اُپٽِيا، سويرا صبُوح،**
**اُچي جي، عبداللطيف چي، باسَ نه پهتئي بوءِ،**
**ڪَڙو جي ڪَڪُوه، نه به وَٽِ سِرَ گهُرن وٽيون.**
(سر يمن ڪلياڻ، ۴-۲۵)

**سدا سائر سير ۾ - مزمل ”سائر“ هاليپوٽو**

**پَسِي جهاجهه جَمالَ جي، جنِين پِيتي پِڪَ،**
**اَپُر اَڳانجهو ٿيو، سُورُ اُنِين کي سِڪَ،**
**هَڏِ نه پَڳِيَنِ هِڪَ، سَدا سائِرَ سيرَ ۾.**
(سر سسئي آبري، ۱-۴)

**آديسِيَنِ اَدَبُ، آهي اَڪَڙيَنِ ۾ - (زيرِ موضوع ڪتاب)- پروين موسيٰ ميمڻ**

**آديسِيَنِ اَدَبُ، آهي اَڪَڙيَن ۾،**
**نَسَبُ تَنِ جو ناهه ڪو، ڪونهي اُنِ حَسبُ،**
**سامِيَنِ سَپِن پَرين، رُوحَ ۾ رَهِيو رَبُ،**
**رِيءَ لانگوٽيءَ لَبُ، پاچِي ڪَنِ نَه پاڻَ سين.**
(سر رامڪلي، ٨-٧)

## ناول

**سسي نيزي پاند - محمد عثمان ڏيپلائي**

**عشق نه آهي راند، ته ڪي ڪَنسِ ڳِپِرُو،**
**جِيءَ جُسي ۾ جانِ جِي، پڇي جو هيڪاندِ،**
**سِسِي نيزي پاندِ، اُڇلِ ته اَڏ ٿئي.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٦-١٩)

**ڏکن پٺيان سک - ٺهلرام آسودو مل**

**ڏکن پٺيان سُک، سِگها ٿيندئي سَسئي،**
**پيرمَ چڙڇ پرينءَ جو، توٽي لُڪون لَکَ**
**ڏورِج پاسي ڏکَ، ته پَوي ٻاجھ ٻروچ کي.**
(سر حسيني، ٣-١٢)

**عشق ناهي راند - گوبند مالهي**

**عشق نه آهي راند، ته ڪي ڪَنس ڳِپِرُو،**
**جِيءَ جُسي ۾ جانِ جِي، پڇي جو هيڪاندِ**
**سِسِي نيزي پاندِ، اُڇلِ ته اَڏ ٿئي.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٦-١٩)

**ديسي سيڻ ڪِجن - گوبند مالهي**

**ديسي سيڻَ ڪِجَن، پَرَديسي ڪَهڙا پرين؟**
**لَڏيو لاڏُوٽا ڪَيو، پَنهنجي ديس وَڃَنِ،**
**پُڄاڻا پرِيَنِ، ڪَجي بَسِ پَنپورَ ڪان.**
(سر ديسي، ١-١٢)

**سوري آهه سينگار - ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو**

**سُوري آهه سينگارُ، اَڳِهين عاشِقَنِ جو،**
**مُڙَڻُ، موٽُڻ ميهَڻو، ٿيا نِظاري نِروارُ،**
**ڪُسڻَ جو قَرارُ، اصل عاشقن کي.**
(سر ڪلياڻ، ٢-٥)

**سوريءَ جَنين سيج - منصور ويراڳي**

**اَنڌا اُونڌا ويچَ! ڪَلَ ڪُجاڙيا ڪانيين؟**
**اسان ڏُکي ڏِيلَ ۾، تون پيارين پيچَ!**
**سوريءَ جَنِين سيجَ، مرڻ تَن مُشاهِدو**
(سر ڪلياڻ، ٢-٢)

**رُنم رَتُ ڦُڙا - بادام ناتوان**

**لَڪِيُون! آن پِرِ لِڪَ، ڪِي ڪوهيارا ورميا؟**
**جِنِين سَنديءَ سِڪَ، رُنَم راتِ رَتَ ڦُڙا.**
(سر حسيني، ١١-٣)

**پڙاڏو سو ئي سڏ - سراج الحق ميمڻ**

**پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لَهِين،**
**هُئا اَڳِهين گَڏُ، ٻُڌَڻَ ۾ ٻه ٿيا.**
(سر ڪلياڻ، ١-٢٢)

**مَرڻ مُون سين آءُ - سراج الحق ميمڻ**

**تو سَڱَ، ساهَ! گهٽن سين، جِئَڻَ! گوشي جاءُ،**
**مَرَڻُ! مُون سين آءُ، ته پنيءَ تو پنڌُ ڪَرِيان.**
(سر معذوري، ٣-١٠)

**ڪاهوڙي ڪجن - چام ساقي**

**ڪاهوڙِي ڪِجَن، پَسِيو پورِهيَتَ ويسَرا،**
**ڏوٿِيَڙا ڏُورِ ويا، رُجُنِ مَنجهه رَهَنِ،**
**ڪامُلِ آهي تَنِ، مُون پِرِيان جي ڳالهَڙِي.**
(سر ڪاهوڙي، ١-١٠)

**هڪ سسئي سؤ سور - سندري اُتم چنداڻي**

**پاڙِي ناهِ پَروُڙَ، ته ڪا راتِ رَنجائي گُذِرِي،**
**ٻانپِڻِ ٻَروچَنِ جي، گهائي وِڌِي گهورَ،**
**هِڪَ سَسُئِي ٻِئا سُورَ، ويا پِٽِيندا پاڻَ ۾.**
(سر حسيني، ٩-١٠، رسالو ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**حياتي هو تن ري - ڪلا پرڪاش**

**تَنَ طبيب نه ٿُون، سُڌِ نه لهين سُورَ جي،**
**سانڍَ پنهنجا ڏيَڙا، ڪَڍُ ڪٽي ۾ پُون،**
**ڪانَ گُهرجي مُون، حياتِي هوتَنِ رِي.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٢-١)

**سُورَن سانڍِياس - فضل احمد بچاڻي**

**سُورَن سانڍِياس، پُورَن پالي آهِيان،**
**سُڪَنِ جي، سَيدُ چي، پُڪي نه پِياس،**
**جيڪُسِ آئون هُياس، گُري گُوندَرَ وَلِ جي.**
(سر حسيني، ١٠-١٦)

**پِريَن پَڳَهه چوڙِيا - شهيد الله نصر / غلام نبي ناشاد**

**مون اُپي تَـڙَ پاسِ، پِريَنِ پَڳَـهه چوڙِيا،**
**هو اَلله هارَ اُهِريا، آئُون دَمِ دَمِ دُعا ڪَندياس،**
**آهَ نـه لاهِينداسِ، موٽي ايندا مان ڳَري**
(سر سامونڊي، ٣-٧)

**وسارِيان نه وسرن ــ عمرالدين بيدار**

**چيتارِيان چُٽُڪَڙِ، وِسارِيان نه وِسَرن،**
**ويروتار ڏُڪَن، سَجَڻَ پِڳِي هَڏَ جِيئن.**
(سر رپ، ١-٢٧)

**موٽي ماڳِ نه آئيا - لعل بخش جهرڪائي**

**اُونهي ۾ اوهري، جڏهن ويا جي،**
**موٽي ماڳ نه آئِيا، ماءِ! سامُونڊي سي،**
**ڪارو تنِين ڪي، جيڪُسِ وَهُ وري ويو!**
(سر سامونڊي، ١-١٢)

## ناٽڪ

### عاشق زهرَ پياڪ - رشيد ڀٽي

**عاشق زهر پياڪَ، وِهُ پسيو وِهسَنِ گهٽو،**
**ڪَڙي ۽ قاتِلَ جا، هميشه هيراڪَ،**
**لَڳِيَن لَنوُ، لطيف چي، فَنا ڪيا فِراقُ،**
**توٽي چِڪَنِ چاڪَ، ته پڻ آهَ نه سَلن عامَ ڪي.**
(سر ڪلياڻ، ٢-٢٣)

### پڙاڏو سو ئي سڏ - مراد علي مرزا

**پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لَهِين،**
**هُئا اَڳِهين ڳَڏُ، ٻُڌُڻ ۾ ٻه ٿيا.**
(سر ڪلياڻ، ١-٢٢)

### لهرِنِ لَڪَ لِباس - مراد علي مرزا

**لهرن لَڪَ لِباس، پاٽي پَسَڻُ هيڪَڙو،**
**اونهي تنهن عميق جي، واري چڱ وِماس،**
**جِتِ ناهي نهايت نِينهَن جي، ڪوءِ اُتِ پنهنجي ڪاسَ،**
**تَڙَن جي تلاش، لاهه ته لالَنَ لڳ ٿيين.**
(سر سهڻي، ٩-٣)

**مڙيا مَڇَ هزار - نثار حسيني**

**گهڙي گهَڙو هَٿِ ڪري، اِلاهي ٺُهارَ!**
**جَنگهه ڄَرڪي واتَ ۾، سِسي ڪي سيسارَ،**
**ڇُوڙا ٻيڙا ڇِڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙهيَس وارَ،**
**لَڪين ڇُهڻيس لوهِڻيُون، ٿيلهيُون ٿَرَنِئُون ڏارَ،**
**مِڙيا مَڇَ هزارَ، پاڳا ٿيندي سوهَڻِي!**
(سر سهڻي، ۱-۱۵)

**ڪاڪِ ڪَڙهي وڻ ٻريا - نثار حسيني**

**ڪاڪِ ڪَڙهي، وَڻَ ويا، ٻَرِيا مَحَلَ ماڳَ،**
**سوڍي جي، سَرَتيُون،! وڌِيَس وَهِ ويراڳَ،**
**سُورَنِ لائِيا سانگَ، سِگهو موٽِجِ، سُپِرين!**
(سر مومل راڻو، ۵-۱۳)

**ڪي جو ٻيجَلَ ٻوليو - نثار حسيني**

**ڪي جو ٻِيجَلَ ٻوليو، پِنيءَ ويهي پانَ،**
**راجا رَتولَنِ ۾، سيباڻو سُلطانَ،**
**آءُ مَٿاهُون، مَڱَڻا! مُقابِلِ ميدانَ،**
**گهورِيان لَکَ لَطِيفُ چي، تُنهنجي قَدَمَنِ تان قُربانَ،**
**مَٿو هِيُ، مِزمانَ! هلي آءُ ته هِتَ ڏِيَنءِ.**
(سر سورٺ، ۳-۱)

**ساموندين سڙه سنبا هِيا - نثار حسيني**

**پَرڏيهه، پُوريائُون، ساموُنڊِيُن سِڙهَ سَنباهِيا،**
**مان تَنُ مارِيائُون، پاٽان وجهي گُوندَرين!**
(سر ساموندي، ٣-١٦)

**ويئي رات وهامي - چنا شبير ناز**

**وٿ سورِيندي، وَلَها! ويو تيلُ بَري،**
**موٽُ، مُسافِرَ سُپرِين! چانگي تي چَڙهي،**
**راڻِي لاءِ رَڙي، ويئِي وهامِي راتڙي.**
(سر مومل راڻو، ٣-٣)

**پوچا ڏنم پير - سراج الحق ميمڻ**

**پُوچا ڏِنَم پيرَ، ڍَڪَڻ مٿي ڍولَ جا**
**مُون پانئِيو تنهن ويرَ، ڪوجهي ڪَندو پرَيئڙي.**
(ليلا چنيسر، ١-١٥)

**گهاٽُو گهر نه آيا - سراج الحق ميمڻ**

**اُپِي اوسِڙان اُسَ ۾، جهَليو ڪُنَ ڪِنارَ،**
**گهاٽُو گهَر نه آئِيا، وَڏي لَڳِيَنِ وارَ،**
**هُيَسِ جنِين هارَ، سي موڙي چَڙهيا مَڪُڙا.**
(سر گهاتو، ١-٨)

**جَرَ ۾ ڦوٽو جئن - سراج الحق ميمڻ**

**جَرَ ۾ ڦوٽو جئن، لهرين لڳي اَڏَ ٿيئي**
**تون به آهين، جهان ۾ ڪو ڏينهڙو**
**(----------)**

**دنگيءَ منجه درياه - علي بابا**

**دَنگي وچِ درياهَ، ڪِين ٻُڏي ڪِين اُپڙي،**
**هُو جي وادِي واٽيا، سي سُونهڻَ سپ سَڙيا،**
**مُعلم ماڳِ نه اَڳِئين، ڦلنگِي منجه ڦِريا،**
**ملاحَ! تنهنجي مَڪُڙي، اَچي چورَ چڙهيا،**
**جِتي ڏِينگَ ڏَرِيا، تِتي تارِي تنهنجي!**
(سر سريراڳ، ٣-١١)

**درياه توتي دانهن - امر جليل**

**ڪَنڌيءَ جَهليو ڪانهَن، عاشِقُ اُپو آهُون ڪري،**
**تو ڪيئَن پوڙي سُهڻي؟ ٻيلي! منهنجي ٻانهَن،**
**دَرياهَ! توتي دانهَن ڏِيندُسِ ڏِينهَن قِيامَ جي.**
(سر سهڻي، ٧-٧)

**ڪي ڏور به اوڏا سپرين - ممتاز مرزا**

**ڪي اوڏائي ڏُور، ڪي ڏُور به اوڏا سُپرين،**
**ڪي سَنپِرجَنِ نه ڪَڏهِين، ڪي نه وِسرَنِ مورِ،**
**جِئن مينهِن ڪُنڊِيءَ پُور، تِئَن دوسِتَ وَراڪو دِلِ سين.**
(سر بروو سنڌي، ٩-١١)

**سي ئي جوپن ڏينهن (ريڊيائي ناٽڪ) - ممتاز مرزا**

**سي ئي جويَنَ ڏِينهَن، جڏهن سَجَڻَ سَفَرِ هَليا!**
**رُئان رَهنِ نه سُپِرين، آيَلِ! ڪَريان ڪيئن؟**
**مون کي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻِجارو اوهِري!**
(سر سامونڊي، ١-٨)

**بوءِ بهار جي (ريڊيائي ناٽڪ) - شوڪت حسين شورو**

**اَسُورَ سَندي آسِري، وينو آهِ وڳَندُ،**
**هَڏِ نه ڏيندو هَندُ، آيَسِ بُوءِ بَهارَ جي.**
(سر بلاول، ٣-٣)

**تند، ڪٿارو، ڪنڌ - محمد قاسم بلوچ**

**ٿيئي پَرِچيا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪٿارو، ڪَنڌُ؛**
**"تنهن جِهوئي ناهِ ڪي، جو تو، چارَڻَ، ڪِيو پَنڌُ،**
**ايُ شُڪرُ اَلحمدُ، جِئَن مٿو گُهرِيوءِ، مَڱٽا!"**
(سر سورٺ، ٣-١٠)

(ساڳئي ئي عنوان سان عبدالڪريم بلوچ جو طبعزاد ناٽڪ نئين زندگي مئي 1928ع ۾ شايع ٿيو.)

**سوريءَ سڏ ٿيو - ڪيرت ٻاٻاڻي**

**سُوريءَ سڏُ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون!**
**وڃڻ تَنِ پيو، نالو نِينهُن ڳِنهَنِ جي.**
(سر ڪلياڻ، ٢-٣)

**سکن واري سڏَ (ريڊيائي ناٽڪ) - تنوير جوڻيجو**

**سُکَنِ وارِي سَڏَ، مَتان ڪا مُون سين ڪَري،**
**اَندَرُ جنِين اَڏَ، ڏُونگَرَ سي ڏورِينديُون.**
(سر سسئي آبري، ٣-٥)

**جوڳي ڏادي ذات - عبدالغفار سومرو**

**جوڳِي ڏادِي ذاتِ، جِيجان! سامِي ڏادي ذاتِ،**
**ماءُ، مُون قَبولُيا ڪاپَڙِي.**
**راتِيان ڏِينهان رُوحَ ۾، مُون کي سَندِيَنِ تاتِ،**
**ماءُ، مُون قَبولُيا ڪاپَڙِي.**
(رامڪلي، ٩- وائي ١)

**روئي ڏنو رات - ماهتاب محبوب**

**پيئي جا پِرِياتِ، سا ماڪَ مَ پَسو ماڙُها!**
**روئي ڇُڙِي راتِ، ڏِسي ڏُکويَنِ کي.**
(سر ڏهر، ٣-١٦)

*

# ڪهاڻين جا مجموعا

**جي تند برابر توريان - شيخ اياز**

**”سَوَ سِرَنِ پائي، جي تَندُ بَرابَر توريان،**
**اُتَّلَ اوڏانهِين ٿِئي، جيڏانهن ٻِيجَلُ ٻُرائي،**
**سَڪِٽو هَڏُ آهي، سِرَ ۾ سَجَڻُ ناهِ ڪي.“**
(سر سورٺ، ٣-١٢)

**مِٺيءَ لڌو مان - اياز قادري**

**سارِي رات سُبحانُ، جاڳِي جن ياد ڪيو،**
**اُنِ جِي، عبداللطيفُ چي، مِٺيءَ لڌو مانُ،**
**ڪوڙيين ڪَن سَلامُ، آڳِهِ اَچيو اُنَ جي.**
(سر سريراڳ، ٢-٢)

**پن ٻوڙين پاتال ۾ - حفيظ شيخ**

**صاحِبَ! ٿُنهجِي صاحِبِي، عَجبَ ڏِٺي سُون،**
**پَنَ ٻوڙين پاتالَ ۾، پَهَڻَ تارِين ٿُون،**
**جيڪَرَ اَچينِ مُون، ته ميرِيائي مانُ لَهان.**
(سر ڏهر، ٢-١٩)

**اَڄ پُڻ آڳَڙيا آيا - رسول بخش پليجو**

**اَڄ آڳَڙيا آئيا، سُوڌا سِراڻِي،**
**پيارِي پاڻِي، تيغُون ڪندا تِڪِيُون.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٣-٢٧)

**راڻا جي رجپوت - حميد سنڌي**

**<u>راڻا جي رَجپُوتَ</u>، مُومَلِ سَهِي پَسَندا،**
**پَڙهيا، پَڙتَ، پيرَ؛ توڙي مِيرَ، هَميرَ، مَرَندا،**
**مُومَلِ سَهِي پَسَندا.**
**مَڃِي رَضا رَبَ جِي، هِئان سَپِ هَلَندا،**
**مُومَلِ سَهِي پَسَندا.**
**ڪَلِمِي ساڻُ لَڏائِين، هادي! هِنَ هَنڌا**
**مُومَلِ سَهِي پَسَندا.**
**سَهُڪِي سَڪرات ڪَرِين، ولي! وِير وِداعَ.**
(سر مومل راڻو، ٢- وائي)

**سو مون سپ چمار - حميد سنڌي**

**<u>حَبيبَن هيڪارَ</u>، منجهان مِهرَ سڏ ڪيو،**
**سو مون سپ چمارَ، اورڻ اهو ئي ٿيو.**
(سر ڪلياڻ، ٣-١٣)

**جَن جُهونا ڳڙه جلايو - ظهور انصاري**

**ڪَپُرَ! گاروڙِيُنِ سين، وَڏو وِڌءِ وِيُر،**
**نانگَ نه ويندين نِڪرِي، تو ڏَرَ مَٿي پيرُ،**
**هِيُ تِنين جو ڍير، <u>جِن جُهونا ڳَڙُه جَلائيو.</u>**
(سر ڪارايل، ٢-٩)

**ماڻڪ مٽ سندوم -ناز سنائي**

**ماڻِڪُ مِٽُ سَندوم، اونداهيءَ ۾ سوجِهرو،**
**حَشَرَ ويلَ حِسابَ ۾، ڇَڏي نه ويندومِ،**
**سارِيو سَڏُ ڪَندومِ، ڪوهِيارو ڪيچَ ڌَڻِي.**
(سر ديسي، ٦-١٥)

**رات مُنهنجي رُوحَ ۾ - غلام نبي مغل**

**ڪَڪَرَ مَنجِهه ڪَپارَ، جُهڙُ نيٽنِئُون نه لَهي،**
**رات منهنجي رُوحَ ۾، اُنا پرين اَپارَ،**
**آءُ، ساجنَ! لهه سارَ، وِرهه وڪوڙي آهيان.**
(سر سارنگ، ١-١٦، رسالو: آءِ آءِ قاضي)

**ايڏو سُور سَهي - نجم عباسي**

**بَندَرِ جان پَئِي، ته سُڪاڻِيا! مَ سُمهو،**
**ڪَپَرُ ٿو ڪُنَ ڪري، جئَن ماٺي مَنجِهه مَهي،**
**ايڏو سُورُ سَهي، نِندَ نه ڪجي، ناکُئا!**
(سر سريراڳ، ٣-١٨)

**ڪنهن سان سور سليان - سهڙيندڙ: فيروز ميمڻ**

**پائي حالَ هَلي ويا، ڪنهن سان سُورَ سليان؟**
**ڪٽيو لَڄ لطيف چي، لَڪنَ منجهه لُڇان،**
**پانڌي ڪير پُڇان، وهان تان نه وَسِ پيو.**
(سر معذوري، ٣-٥)

**مَٿي سِنڌ سُڪار - نجم عباسي**

**سائينم! سدائين، ڪَرين، مَٿي سِنڌ سُڪار،**
**دوست! مِٺا دِلدارَ! عَالَمُ سَڀُ آباد ڪَرين.**
(سر سارنگ، ۴-۱۲)

**پينر هن پنيور ۾ - فتاح ملڪ**

**پينَرُ! هنَ پنيورَ ۾، گهايَلِ ٿِي گهارِيان،**
**سَڄَڻَ جي سانگِ وِيا، سيئي ٿِي سارِيان،**
**سي ڪِيئَن وِسارِيان؟ جي وَٺان مون واٽَ ٿِيا.**
(سر حسيني، ۳-۵)

**پاڙي ناه پَروڙ - بادل جمالي**

**پاڙِي ناهِ پَرُوڙَ، ته ڪا راتِ رَنجائي گُذرِي،**
**ٻانڀَڻِ ٻَروچَنِ جي، گهائي وِڌِي گُهورَ،**
**هِڪَ سَسُئي ٻِيا سوُرَ، وِيا پِٺِيندا پاڻَ ۾.**
(سر حسيني، ۱۰-۹)

**جِتي نِينهن اُچَل - ڊاڪٽر غفور ميمڻ**

**هَلو، هَلو ڪاڪِ تَڙين، جِتي نِينهَن اُچَل،**
**نه ڪا جَهَلَ نه پَلَ، سَپُڪو پَسي پِرِينءَ ڪي.**
(سر مومل راڻو، ۲-۸)

**موتي مهراڻ جا - ترتيب: فيروز احمد ميمڻ**

**ڪاري ڪيڙائُو، مٿي مِني موتِيا،**
**سودو ڪَنِ نه سونَ جو، وَڏا وِهائُو،**
**موتي جي مَهراڻَ جا، تَنِ جا طاماعُو،**
**سامُونڊي سائُو، لَنڪا لوپي آئِيا.**
(سر سامونڊي، ٣-٩)

**تو جَنين تاتِ - سندري اتم چنداڻي**

**تو جَنين جي تات، تَنِ پُڙِ آهي تنهنجي،**
**فَاذڪُروني اَذڪُرڪُم، اِيءَ پَروڙج باتِ**
**هَٿِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرِيَن جي.**
(سر ڪلياڻ، ٣-١٣)

**پڇڻ کي پڇاءِ - ريتا شهاڻي**

**پَتنگُ چايين پاڻَ کي، ته اَچي آڳِ اُجهاءِ!**
**پَچَڻ گهڻا پَچائِيا، تون پَچَڻَ کي پَچاءِ!**
**واقُف ٿي وِساءِ، آڳِ نه ڏِجي عامَ کي.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٣-١٠)

**سُورج شاخون ڪَديون - محمد علي پٺاڻ**

**اُپي اُپارِيامِ، نَڪَتَ سَپِ نَئِي وِيا،**
**هڪُ مَيو، ٻيو مينڊِرو، راتِ سَڄي سارِيامِ،**
**ڳوڙها ڳَلِ ڳاڙِيامِ، سُورج شاخُون ڪَدِيُون.**
(سر مومل راڻو، ٣-٢)

**ڪانڊي ڪَنگ ٿياس - علي گل عباسي / علي محمد عالماڻي**

**ڪانڊي ڪَنگ ٿياس، وَهَڻُ جَنازو، سُهڻي،**
**ٻَگها جي ٻيڻَنِ جا، ڪُلها تَنِ ڏناس،**
**اِڪيين مَلَڪَ ڏِٺاس، توءِ مَنَ ڪاڍو ميهارَ ڏَي.**
(سر سهڻي، ڪ-٣)

**ڪُنِيس ڪُويجَنَ - محمد شريف ڪوسو**

**ڪُنِيس ڪُويجَنِ، تَنَ طبيبَ نه ڳڏيا،**
**ڏيئي ڏنپَ ڏَڏَنِ، پاڻان ڏِيلُ ڏکوئِيو.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٢-ڪ١)

**سنڌِي سِڪَ سيرين - غالب لطيف**

**عاشقن الله جي، مُحبت رکي مَنِ،**
**سَنڌِي سِڪَ سيرِيَن، تَنَ ۾ آهي تَن جي.**
(سر يمن ڪلياڻ، ڪ-١)

**اکيون ميگهه ملهار - اڪبر اديب**

**اَکِيُون ميگهه مَلهارَ، صُورَتَ تُنهنجي سَپُ جڳُ موهِيو،**
**سَجَدو فِيلَ في الحَالَ ڪَيو، پَسي مطلَبَ نورُ نِراڙُ،**
**چاپَڻَ وَقِتِ چامَ جي، ڪِريا ڪُنگِرا ڪوٽَ ڪُفارَ،**
**صورت تنهنجي سپ جڳ موهيو.**
(سر سارنگ، ٣- وائي)

**وَرَ وطن چائي - شعبان بخت**

**وَرَ سي وَطَنَ جائِيُون، صَحرا سَتُرُ جَنِ!**
**گولاڙا ۽ گُگرِيُون، اوچڻَ اَباڻَنِ،**
**ويڙِهيا گُهمَنِ وَليين، جهانگِي مَنجِه جَهنگن،**
**مُون ڪي مارُوئڙَنِ، سُڄَ ڳڻائي سيڄَ ۾!**
(سر مارئي، ٣-١٥)

**ڪِهِ ڪٿوري - ع.ق. شيخ**

**لَڳو مَنجِه لَڪَنِ، آيَلِ، تازو پيرُ پُنهونءَ جو،**
**نه ڪنهن واءَ وڃائِيو، جهوريو تان نه جهَڪُنِ،**
**آيل تازو پير پنهون جو.**
**ڪِهَ ڪَٿُوريان اڳِرِي، هاٺِي جا هوتَنِ**
**آيل تازو پير پنهون جو.**
(سر حسيني، ٣- وائي)

**اکيون ميگَهه ملهار - خديجه شيخ**

**اَکيون ميگَهه ملهارُ، صورَت تنهنجي سَپُ جَڳِ موهيو،**
**سجدو فيل في الحال ڪيو، پَسي مطلب نُور نراڙ،**
**چاپَڻ وقت چامَ جي ڪِريا ڪُنگرا ڪوٽ ڪفار،**
**صورت تنهنجي سپ جَڳِ موهيو.**
(سر سارنگ، ٣- وائي)

**توکي ساري ساهه - ابن حيات پنهور**

**مُحِبَ منهنجا سپرينِ! آڻيندءِ الله،**
**توکي ساري ساهه، اُڪنديو آهون ڪري.**
(سر سارنگ، ٣-٦)

**پيئي جن پروڙ - ابن حيات پنهور**

**پيئي جَنين پَرُوڙ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي،**
**چَڏي سَپِ ضَرُورَ، لوچي لاهُوتي ٿِيا.**
(سر ڪاهوڙي، ٢-٦)

**رچي ريٿو ٿيا - ناز سنائي**

**رَچِي جي ريٿو ٿِيا، ڪينَ اُباتِجَنِ اُوءِ،**
**ڪُنپُ نه ڪاري تنهن ڪي، جو هالاري هوءِ،**
**توڙِي ڏوٻي ڏوءِ، ته لالِي تَنهين نَه لَهي.**
(سر مومل راڻو، ٣-٦)

**ڪڙيا ڪنٺهار - طارق اشرف**

**مُون ۾ عَيبَ اَپارَ،**
**آئُون جا طامعَ آهيان تُنهِنجي.**
**هيڪَ وِڃايمَ ويسلِي، جاٺي سَپِ چَمارَ،**
**آئُون جا طامعَ آهيان تُنهِنجي.**
**هِن مُنهِنجي حالَ جي، توکي سُڌِ، سَتارَ!**
**آئُون جا طامعَ آهيان تُنهِنجي.**
**جيئُن سي گُل گُلابَ جا، ڪڙيا ڪَنٺَهارَ!**
**آئُون جا طامعَ آهيان تُنهِنجي.**
**مون ڪي سِڪَ، سَيدُ چئي، آهي مَديني موچارَ**
**آئُون جا طامعَ آهيان تُنهِنجي.**
(سر بلاول، ١- وائي)

**رڻ گَجيو راڙو ٿيو - ميمڻ روشن تبسم**

**جِهمَندِيُون اَچَنِ، جهوليُون جُهونجهارَنِ جُون،**
**پايو پُڪَ پُهارَ جا، اُنِ جُون وَهُون واڪا ڪَنِ،**
**پِٽِينِ، پارَ ڪَڍَنِ؛ رڻُ گَجيو، راڙو ٿيو.**
(سر ڪيڏارو، ٣-٩)

**سامائي ته سک ويا - نيلوفر جويو**

**سِرِجي تان سُورَ، سامائي ته سُکَ ويا،**
**اهي بَيئِي پُور، مون نماڻيءَ نَصِيبُ ٿِيا.**
(سر حسيني، ١٠-١٧)

**سونَ وَرَنِيُون سودِيُون - ترتيب: پروين موسيٰ ميمڻ**

**سونَ وَرَنِيُون سودِيُون، رُپي راندِيُون ڪَنِ،**
**اَڳَرَ اوطاقُنِ ۾، ڪَتُورِيُون ڪَتُنَ،**
**اوتِيائُون عَبيرَ جا، مَٿي طاقَ تَڙَنَ،**
**باٽَنِ بيلُون بَڌيُون، پَسيو سونهن سَڙَنَ،**
**ٿِيا لاهُوتي، لَطِيفُ چي، پَسَڻَ لَئي پِرينِ،**
**اِجهي ٿا اَچَن، ڪاڪِ ڪَڪورِيا ڪاپَڙِي.**
(سر مومل راڻو، ٣-٣)

*

# سفرناما

**پريان جي پار - حڪيم محمد احسن**

**سَچا ساهَڙَ! مون کي ٿُون، اي وَهَيان واهَرَ! مون کي ٿُون،**
**اي! نيئِي اَولِ پِريان جي پارَ ڏي.**
**ڪُنَ جي ڪارونپارَ جا، وو! سي آئُون پانئِيان پُون،**
**اي نيئي اول پريان جي پار ڏي.**
(سر سهڻي، ٢- وائي)

**ماڻيءَ منجھ مهي - هري موٽواڻي**

**بَندَرِ جان پَئي، ته سُڪاڻِيا! مَ سُمهو،**
**ڪَپَرُ ٿو ڪُنَ ڪري، جئَن ماڻيءَ منجھ مَهي،**
**ايڏو سُورُ سَهي، ننڊ نه ڪجي، ناکُئا!**
(سر سريراڳ، ٣-١٨)

**جيڪي ڏنو هو مون - ڪيرت ٻاٻاڻي**

**جيڪي ڏٺو مان، سو جي ڏٺو جيڏيين،**
**گهَرَ وَرَ نِين سان، هُوند گهَٽِنِ گهوري چڙيا.**
(سر سهڻي، ١-٤)

**هينئڙي مَنجھ هُرنِ - ڪلا پرڪاش**

**چُرَنِ چُٽِڪَن چِتَ ۾؛ هُرَن مَنجھ هِنيين،**
**لُطفُ ٿِيو، لَطِيفُ چي، مَهرَ ڪي مِيين،**
**ڏُکيءَ ڪي ڏِئين، سَرَهايُون ساڙيهَ جُون!**
(سر مارئي، ٨-٥، رسالو: ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**پکا ۾ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا - وينا شرنگي**

**آئون ڪيئن چَڏيان، سُومَرا! تَن پَهنوارَنِ پَچارَ،**
**جَڙَ جَنِين جِي جانِ ۾، لَگِي رِيءَ لُهارَ،**
**ميخُون محَبت سَندِيُون، هِينئڙي مَنجه هَزارَ،**
**پکا ۾ پَهنوارَ، ڏِنِي مُون ڏينهن ٿِيا.**
(سر مارئي، ٣-١٨)

**ڏوري ڏوري ڏيھ - ڊاڪٽر تنوير عباسي**

**ڏورِي ڏورِي ڏيھ، ماءُ! ڪاهوڙِي آئِيا،**
**مَيَنِ پيرين ڪيھ، ڪُھ چاٽان ڪنهن پارَ جِي؟**
(سر ڪاهوڙي، ٣-٧)

**سامي سفر هليا** (درگاهن ۾ ماڳن بابت احوال) **- مخدوم غوث بخش مهر**

**تان ڪِي وَڻِنِ وَڄُ، جان آهِن اوطاقُن ۾،**
**سامِي سَفَر هَلِيا، رائو چِتائي رُڄَ،**
**اِهَڙا جَنِ اُهُڄَ، سي ڪَرَمِ مِلَندَءِ ڪاپَڙِي.**
(سر رامڪلي، ١-٥)

**ويھ مَ وساريج - ڊاڪٽر سليمان شيخ**

**ويھ مَ وساري، پُڇا ڪَر مَ پَندَّ جي،**
**نِرِمَلُ نِهاري، هَلَندِنِ تان هَٿِ ڪيو.**
(سر سسئي آبري، ١-٥)

**وايون وٽجارن جون - الطاف شيخ**

**نه سي تَڙ هوڙاڪَ، نه وايُون وَڻِجارَن جُون،**
**سَرَتِيُون! سامُونڊِيَنِ جا، اَجُ پُڻِ چِڪِيَمِ چاڪَ،**
**مارِينِهُون فِراقَ، پاڙيچِيُون، پِرِيَنِ جا.**
(سر سامونڊي، ١-٩)

**سي ئِي جوپَن ڏينهن - الطاف شيخ**

**سي ئِي جوپَنَ ڏينهن، جَڏهن سَجَڻَ سَفَرِ هَلِيا،**
**رُئان، رَهَنِ نه سُپِرين، آيَل! ڪَريان ڪيئن؟**
**مون ڪي چاڙهي چيئَن، وِيو وَڻجارو اوهَرِي.**
(سر سامونڊي، ١-٨)

**بندر ديسان ديس - الطاف شيخ**

**بَندَرَ ديسان ديس، اَمُلُھ نه مِلي وارِيين،**
**فَقِيراڻي ويسِ، اَمُلھ ڏِينِ اَتورِيا.**
(سر سامونڊي، ٢-١٦)

**سمنڊ جن ساٿيھ - الطاف شيخ**

**پَڳَھ پاسي ويھ، آيَلِ! سامُونڊِيَن جي،**
**تون ويسَري وِڪَ ڪَٽين، هُو پُورِيندا پَرڏيھ،**
**سَمُنڊُ جَنِ ساٿيھ، ڪوھ نه وِيئَين تَنِ سين؟**
(سر سامونڊي، ١-١)

**بندر بازاريون - الطاف شيخ**

**نَنگَرَ ۾ نارِيُون، پَگَهه کَٽِي پَندِ ٿِيا،**
**بَندَرَ بازاريُون، سُڃا سامُوندِيَنِ ري.**
(سر سامونڊي، ١-٦)

**جاني ته جهاز ۾ - الطاف شيخ**

**سڱَه سُڃاڻِيو چوءِ، ماءِ! سامُونڊي آئِيا،**
**مَانَ منهنجو هوءِ، جانِي هِنَ جهازَ ۾!**
(سر سامونڊي، ٢-١٣)

**جوين به ٿي ڏينهڙا - الطاف شيخ**

**وسارجَ مَ وينڻَ جويُن به ٿي ڏينهڙا،**
**لونِئِيُون سَهِنِ لوڪَ جا، وهاڻِيَ ٿِيون وينڻَ،**
**جويَن به ٿي ڏينهڙا.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٢- وائي)

**جاني آيو جوءَ ۾ - الطاف شيخ**

**جانِي آيو جُوءَ ۾، ٿِيو قَلَبَ قَرارُ،**
**وَهِلو، وِچائِين ويو، ڪَري غَمُ گُذارُ،**
**نظارو نِروارُ، پِيّ پَسايو پانهنجو.**
(سر سارنگ، ١-٣)

**سي ٻيڙيون رکين ٻاجھ سين - الطاف شيخ**

**ڦَرَڦُل، ڦوٽا، پارِچا، پاٽِيَڻَ، پاٽائون،**
**ڪونِيُون ڦِيمَتَ سَندِيُون، تَرَ ۾ تاڪِيائون،**
**لاڄُنِ مَنجِھ، لطيفُ چي، ٻيڙا ٻَڌائون،**
**نَذَرُ نَبِيءَ جامَ جو، چَڙھندي چَيائون،**
**جي ڇُھي چوڙِيائون، سي ٻيڙيون رَکين ٻاجَھ سين!**
(سر سريراڳ، ۵-۱۱)

**سمونڊ جي سيوين - الطاف شيخ**

**سمونڊ جي سيوين، تَنين ماڻِڪَ ميڙيا،**
**چلر جي چوئين، تَن سانڪوڻا ۾ ستيون.**
(سر سريراڳ، ۵-۷، رسالو: ڪلياڻ آڏواڻي)

**جت جر وهي ٿو جال - الطاف شيخ**

**سيوا ڪَر سَمُونڊَ جِي، جتِ جَرُ وَهي ٿو جالَ،**
**سَئين وَهَنِ سِيرَ ۾، ماڻِڪَ، موتِي لالَ،**
**جي ماسو جُڙِيَئِي مالَ، ته پُوچارا! پُرِ ٿِيين.**
(سر سريراڳ، ۲-۳)

**دنگيءَ منجھ درياھ - الطاف شيخ**

**دَنگي وچِ درياھ، ڪِين ٻُڏي ڪِين اُپِڙي،**
**هُو جي وادِي واڻيا، سي سُونھڻَ سپ سَڙيا،**
**مُعلم ماڳِ نه اَڳِيِين، ڦَلنگي منجھ ڦِريا،**
**ملاحَ! تنهنجي مَڪڙي، اَچي چورَ چڙھيا،**
**جِتي ڊِينگَ ڊَرِيا، تِتي تارِي تنهنجي!**
(سر سريراڳ، ۳-۱۱)

**موج نه سهي مڪڙي - الطاف شيخ**

**آڌو چِڪَڻُ، منهنجي موجَ نه سَهي مَڪُڙي،**
**ميڙي مَنايُن جو، بيحد چاڙهِيُم بارُ،**
**چِوَڻَ چارو نَاهه ڪو، بَديُون بي شُمارَ،**
**ڪَپَرُ ڪارُونپارَ، اُڪارِين اِحسانَ سين.**
(سر سريراڳ، ٢-١٢)

**سمنڊ سيويو جَن - الطاف شيخ**

**سي پُوڄارا پُر ٿِيا، سَمُنڊَ سيويو جَن،**
**آندائُون عَمِيقَ مان، جُوتِي جَواهَرن،**
**لَڌائُون لطيفُ چي، لالُون مان لَهرن،**
**ڪانِهي قيمَتَ تَنِ، مُلُهه مَهانگو اُنِ جو.**
(سر سريراڳ، ٢-٣)

**ڪنواريون ۽ ڪَنول - عبدالحئي پليجو**

**آڪُون، ڊاڪُون، سِر ڪَنڊ شاخُون، جِتِ چوڪا چَندنَ ڪَوَنَر،**
**مَيي سيئِي ماٽِيا، جِتِ نَه پِرَنِ پَوَنَر،**
**ڪُنواريُون ۽ ڪَوَنَرَ، ڪاهه ته پَسُون ڪاڪِ جا.**
(سر مومل راڻو، ٢-١٢)

### هو جي وڻ ولايت جا - عبدالحئي پليجو

اکيون آريءَ چام جون، انديءَ سين آهن،
هو جي وڻ ولات جا، سي مُون سُونهاين،
ڏسيو ڏيکارين، پيشاني پنهونءَ جي.
(---------)

### ووڙيم سپ وٿاڻ - عبدالحئي پليجو

ووڙيَم سَپ وَٿاڻَ، يار ڪارَڻِ جَتَ جي،
”وَاللهُ بِڪُلِ شَيءِ مُحِيط“ اِيءَ آرِياڻيءَ اُهجاڻَ،
سَپَ ۾ پُنُهون پاڻَ، ڪِينِهي ٻيو ٻَروچ ري.
(سر سسئي آبري، ٣-٦)

### پريان سندي پار ڏي - عبدالحئي پليجو

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نِيو مَنُ لائينِ، پِريان سَندي پارَ ڏي.
(سر سامونڊي، ٦-٢٥)

### بندر مون ڏور ٿيا - عبدالحئي پليجو

ٻُران، مانَ ٻُچان، بَندَرَ مون ڏور ٿِيا،
نه مون هَڙَ نه هَنجِ ڪِين، جو آئون چَئِي چَڙهان،
ايهين ڪجِ، پاتِڻِي! جنهن پَر پرين مِڙان،
ڪارُون تي ڪَرِيان، تو دَرِ اُپِي ناڪُئا!
(سر سامونڊي، ٣-١)

**ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون - عبدالحئي پليجو**

**جيڪَرَ اَچي هاڻِ، ته ڪَريان رُوحَ رُچَندِيُون،**
**آيَلِ! ڍوليي ساڻِ، هوند ڳر لَڳِي ڳالهيُون ڪَريان.**
(سر سامونڊي، ۱-۲۹)

**ڪَجلَ ڀِنَل نيڻَ - عبدالحئي پليجو**

**سَنهي لَڪِ، نَڪِ سَنئين، ڪَجَلَ ڀِنَلَ نيڻَ،**
**سامُونڊي! مون سيڻَ ڪِ تو ڪالَهه لَنگهائِيا؟**
(سر سامونڊي، ۱-۳٦)

**اَندر جَنِين اُڄ - ماهتاب محبوب**

**ساڃَنَ ڪارَڻِ سُڃَ، مَرُ قَبُولِي سَسُئِي،**
**اَندَرِ جَنِين اُڄَ، پاڻِي اُڃيو اُنِ ڪِي.**
(سر سسئي آبري، ۱-۸)

**پِرين جي پَرديس - عنايت بلوچ**

**اَڄُ پُڻِ اُتَر پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَر ڪيسَ،**
**وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لال لَبيسَ،**
**پِرين جي پَرديسَ، مون ڪي مِينهَنِ ميڙيا.**
(سر سارنگ، ۱-۱۰)

**سهسين ٿيا سارنگ - عنايت بلوچ**

**آگَمَ اِيئَڻ نه اَنگَ، جِهَڙو پَسَڻُ پرينءَ جو،**
**سيڻَنِ رِيءَ، سَيّد چي، رُوحَ نه رُچَن، رَنگ،**
**سَهَسِين ٿِيا سارنگَ، جانِي آيو جُوءِ ۾.**
(سر سارنگ، ١-٣)

**پَرديسي ڪهڙا پرين - عنايت بلوچ**

**ديسِي سيڻ ڪِجَن، پَرَديسِي ڪِهڙا پِرين،**
**لَڏِيو، لاڏُوٽا ڪِيو، پنهنجي ديسِ وَڃَن،**
**پُڄاڻان پِريَنِ، ڪِجي بَس پَنپورَ ڪان.**
(سر ديسي، ١-١٢)

**قدمَ ڪاپڙين جا - حسين بخش مرتضائي**

**وارو! ويراڳِيَنِ ڪي، ويلَ مَ وساريج**
**قَدَمَ ڪاپَڙِيَن جا، لِيلائي لَهيج،**
**پيِرَتَ پَسِيو پَٿَ جِي، وَڃَڻَ ڪي وَڃيج،**
**راتو ڏينهن رِڙهيجِ، آئُون نه جيئندِي اُنِ ري.**
(سر رامڪلي، ١-٦)

**خيما ڪاهوڙين - اشتياق انصاري**

**ڏُونگرين ڏِسجَن، اَڄ پُڻ رُون اُنِ جُون،**
**ڏوٿيئڙا ڏٿ ڪي، اَڄ آٽيئي نَه اَچَن،**
**خِيما ڪاهوڙِيَن، اَڄُ نه انهين پيٽيين.**
(سر ڪاهوڙي، ٣-١٤)

**ڏور به اوڏا سپرين - تاجل بيوَس**

**ڪي اوڏائِي ڏُور، ڪي ڏُور به اوڏا سُپرين،**
**ڪي سَنپرجَنِ نه ڪَڏِهِين، ڪي نَه وسَرن مورِ،**
**جيئن مينهن ڪُنڊِيءَ پُورِ، تيئن دوسَ وَراڪو دِلِ سين.**
(سر بروو سنڌي، ١-١١)

**اکيون پسي آئيون - رفيق جعفري**

**ڪِي جو ڪنهن پار، اکيُون پَسي آئيون،**
**ٿيون ديوانيون دِل ۾، اَپَر لَڳِين آر،**
**تِنهان پوءِ قرارِ، ستيون ڪين سَيَدُ چي.**
(سر آسا، ٢-٩)

# سوانح عمريون ۽ آتم ڪهاڻيون

**هو ڏوٿي هو ڏينهن - سيد پير حسام الدين راشدي**

**هُو ڏوٿِي، هو ڏينهن، هُو ڏُونگَرَ، هُو لَڪِيُون،**
**ڪنهن جنهن لڌا نينهن، پُٽا لُوسَنِ لُڪَ ۾.**
(سر ڪاهوڙي، ۱-۷)

**جنب گڏاريم جن سين - جي. ايم. سيد**

**مَتي ٿَرَ رَهِي، ويا گُڏاري ڏينهڙا،**
**ڪَڏِهن ڪونَه آئِيو، تَنِ پَهنُوارَنِ پَهِي،**
**وِيئڙا سي وَهِي، جَنَبُ گُڏاريَم جَن سين!**
(سر مارئي، ۹-۱۱)

**ويا سي وينجهار - غلام محمد گرامي**

**ويا سي وينجهار، هِيرو لَعل ونڌِينِ جي،**
**تَنِين سَندا پوئيان، سِيهي لَهَنِ نه سارَ،**
**ڪُتَن ڪُتِ لُهارَ، هاٽي اُنِين پيٽيين.**
(سر سريراڳ، ۳-۱۵)

**ڳالهيون پيٽ وَرن ۾ - ڊاڪٽر شمس عباسي**

**ڳالهِيُون پيٽَ ورَنِ ۾، وَڏِي وَٽَ ٿِيُون،**
**پَرَ سين مُون نه ڪِيُون، گوشي پِرِين نه گڏيا.**
(سر رپ، ۲-۲)

**جَهڙا گُلَ گُلابَ جا - غلام رباني آگرو**

**جهَڙا گُلَ گُلابَ جا، تِهَڙا مَٿَن ويسَ،**
**چوٿا تيل چَنبيلِيا، ها ها هو هَميشَ،**
**پَسِيو سُونهن سَيّدُ چي، نينهن اَچَنِ نيشَ،**
**لالڻ جي لَبِيسَ، آتَڻِ اَکَرُ نه اُجَهي.**
(سر مومل راڻو، ٣-١)

**سامي سَفرَ هليا - مخدوم غوث محمد گوهر**

**تان ڪِي وَٺِنِ ويهه، جان آهِنِ اوطاقُن ۾،**
**سامِي سَفَرِ هَلِيا، ڏُورِ چِتائي ڏيهه**
**چَڏِي سُکُ ساٽيهه، مَٿي گَنگا گَجِيا.**
(سر رامڪلي، ٨-۴)

**آديسي اٿي ويا (شاعرن جو تذڪرو) - ڊاڪٽر نواز علي شوق**

**اَڄُ نه اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَنوارِينِ،**
**آديسِي اُٿي ويا، مَڙهِيُون مُون مارِينِ،**
**هُو جي جِيءَ جِيارين، سي لاهُوتي لَڏِي ويا.**
(سر رامڪلي، ٨-٨)

**ٻري جَن ٻاري - ڊاڪٽر خان محمد پنهور**

**نُورِي ۽ نارِي، جوڳِيئڙا جَهانَ ۾،**
**ٻَرِي جَنِ ٻارِي، آئُون نَه جِيئندي اُنِ ري.**
(سر رامڪلي، ١-١)

**اڳي ايئن هُياس - فضل احمد بچاڻي**

**اَڳِي ايئن هُياس، جيئن پُنهُون ۽ ڌوتَم ڪَپڙا،**
**هاڻي ايئن ٿِياس، جيئن جتَ نه نِينِم پَاڻَ سين.**
(سر حسيني، ١٢-١٤)

**مارُو جي ملير جا - خادم حسين چانديو**

**جا عُمَرَ تو مُل عِيدَ، ساسان سُوءِ وَرَتِي سُومَرا!**
**ويئِي ويچارَنِ وِسَري، خُوشِي ۽ خَرِيدَ،**
**سِڪَڻَ ڪِيا شَهِيدَ، مارُو جي مَلِيرَ جا.**
(سر مارئي، ٣-١٨)

**سُپريان سندي ڳالهڙي (سوانح محمد يوسف) - ممتاز مرزا**

**ڌُٿُ نَه ڪُنو ڌوٿِين، جيڪِي ڌُٿُ ڪَرِينِ،**
**اُهجاٽِيُون عالَمَ جُون، اورِيائين آٽِينِ،**
**تِنهان پوءِ ڌَسِينِ، سپريان سَندي ڳالهَڙي.**
(سر ڪاهوڙي، ١-١٥)

**سدا سوئيتا ڪاپڙي (سوانح، علڻ فقير) - ممتاز مرزا**

**مَٿا مُوءَ ٿِيانِ، سَدا سُوئِيتا ڪاپَڙي،**
**ڪوني ڪنهن نه پُڇيا، اَندَرِ آندوهِيان،**
**جيڪا چماران، سا مَنجِهه گُوندَرَ گُذِري.**
(سر رامڪلي، ٦-٣)

**وساريان نه وسرن (خاڪا ۽ سوانح) - ممتاز مرزا**

**چيتارِيان چُٽُڪَڙِ، وِساريان نه وِسَرِي،**
**ويرو تارَ ڏُکَنِ، سَجَڻَ پَگِي، هَڏُ جيئن.**
(سر رپ، ١-٢٧)

**ماءُ ڪاهوڙي هليا (خاڪا) - ناز سنائي**

**ماءُ! ڪاهوڙِي هَلِيا، ڏُکائي ڏُونهان،**
**چَپَرَ جا سُونهان، ڏوٿِيَنِ ڏُٿَ چيتارِيو.**
(سر ڪاهوڙي، ١-٢٣)

**رچي جي ريٽو ٿيا - ناز سنائي**

**رَچِي جي ريٽو ٿِيا، ڪينَ اُباتجَنِ اوءِ،**
**کُنيُ نَه ڪاري تنهن کي، جو هالاري هوءِ،**
**توڙي ڏوبِي ڏوءِ، ته لالِي تِنهين نَه لَهي.**
(سر مومل راڻو، ٣-٦)

**ڏونگر جَنِ ڏورِيا - ناز سنائي**

**وييُون پَبِ پَئِي، ڪِيرون ڪاهوڙِيَنِ جُون،**
**آئُون تَن ڏوٿِيَنِ جو، پُڇان پيرُ، پَهِي،**
**رُجُنِ راتِ رَهِي، ڏونگرَ جَنِ ڏوريا.**
(سر ڪاهوڙي، ١-٣)

**ڏکيون جان نَه مڙن (انٽرويو ۽ سوانح) - سهڙيندڙ: ناز سنائي**

ڏُکِيُون جانِ نه مِڙَنِ، تان تان پنَڻُ نه ٿئي،
ٻِيُون هونهِين هَٿَ هَڻَن، رُوندِيُون رُوئَڻَ وارِيُون.
(سر حسيني، ٦-١٨)

**موهيا ڪنهن نه مال (سوانح سيد اڪبر) - ترتيب: حبيب الله ڏيرو**

ڪَنَ - ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙِي، لانگوٽِيا لالَ،
لاهُوتِي، لَطِيفُ چِي، موهِيا ڪنهن نه مالَ،
هِهڙا وَنِي حالَ، هَلو ته تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.
(سر رامڪلي، ٣-٧)

**حاصل جنين حال (جي. ايم. سيد) - سهڙيندڙ: آزاد قاضي**

واجَٽَ ويراڳِيَن جا، مُون وَٽِ وَڏو مالُ،
مَقالان مهند ٿيا، ڪونِهي وَٽِن قالُ،
حاصُلُ جَنِين حالُ، آئُون نَه جيئندِي اُنِ ري.
(سر رامڪلي، ١-٩)

**هوندا سي حيات - خان محمد پنهور**

مَرَڻا اَڳِي جي مُئا، سي مَري ٿِينِ نه ماتِ،
هوندا سي حَياتِ، جِيئَڻان اَڳِي جي جِيا.
(سر معذوري، ٣-٧)

**ڪارون وس ڪيام (سوانح محمد جمن) - سوز هالائي**

**ڪارُون وَسَ ڪِيامِ، ڙي هَئي هئي! وو، لَڏي ڏُورِ وِيامِ!**
**منهنجو هوتُ نَه موٽِيو، وو! ڪارُون وَسَ ڪِيامِ،**
**ٻَنڌَڻَ ٻاروچنِ جا، ٻِينگهي مَنجِهه پِيامِ،**
وو! منهنجو هوتُ نَه موٽِيو!
(سر حسيني، وائي، داستان ٻارهون)

**هوندا سي حيات - ڪٽياڻ مولٰي بخش**

**مَرَڻا اَڳي جي مُئا، سي مَري ٿِينِ نه ماتِ،**
**هوندا سي حَياتِ، جِيئَڻانَ اَڳي جي جِيا.**
(سر معذوري، ٣-٧)

**پرين جي پچار - محمد موسيٰ ڀٽو**

**جِيارِيَس سَنپارَ، ڪُهه ڪَرِيندَمِ گَڏجِي؟**
**وير و تارَ، وُجُودَ ۾، پِريَنِ جي پَچارَ،**
**سي سَجَڻُ هُونِ نه ڏارَ، جي هِنيين ۾ حَلُ ٿِيا.**
(سر سهڻي، ٣-٦، رسالو: ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**سَڪر سيئي ڏِينهن - محمد اسماعيل عرساڻي**

**سَڪَرَ سيئِي ڏِينهن، جي مُون گهارِيا، ٻَندَ ۾،**
**وَسايَمِ وَڏَ ڦُڙا، مَٿي، ماڙِيَنِ مينهن،**
**واجهاٽِيَس وِصالَ کي، ٿِيَس تَهوارُون تيئن،**
**نِيئَرُ منهنجي نِينهن، اُجاري اَڇو ڪِيو.**
(سر مارئي، ١١-٨)

**ڏِسي ڏوھ اَڪين سان (آتم ڪٿا جلد 1) - جمال ابڙو**

**ڪانڌَ ٻِيُنِ ڪيتَرا، مُون وَرُ وڏِي ڪانڌِ،**
**پاٽان ڀَڪي پاندِ، جي ڏِسي ڏوھ اَڪين سين.**
(سر ڏهر، ٣-٥)

**اونهي ڳالھ اسرار جي (جلد II) - جمال ابڙو**

**دوستَ ڪُهائي دادُلا، مُحِبَ مارائي،**
**خاصَن خَلِيلَنِ کي، سَختيُون سَهائي،**
**اَللهُ اَلصّمَدُ بي نِيازُ، سا ڪَري جا چاهي،**
**اِنهِيءَ مَنجھ آهي، ڪا اُونهِي ڳالِھ اِسرارَ جي.**
(سر ڪيڏارو، ٢-١٠)

**ڀولي ڀڪي آهيان (جلد III) - جمال ابڙو**

**ڀولي ڀَڪِي آهِيان، هُيَسِ اُگهاڙي،**
**ڏيئِي لِڪَ لاڙِي، ڪَڪَرُ ڪِيائِم ڪاڪِ جو.**
(سر مومل راڻو، ٨-٩)

**سيئي ٿي ساريان - سيد اظهر گيلاني**

**پينَرُ! هِنَ پَنپورَ ۾، گهايَلِ ٿِي گهارِيان،**
**سَڄَڻَ جي سانگِ وِيا، سيئي ٿِي ساريان،**
**سي ڪيئن وِيسارِيان، جي وَٽان مُون واٽَ ٿِيا.**
(سر حُسيني، ٣-٥)

**ڏک سکن جي سونهن - تاجل بيوس**

**ڏک سُکَنِ جي سُونهن، گهورِيا سُکَ ڏُکَن ري!**
**جَنِين جِي وِرُونهن، سجَڻُ آيو مان ڳري.**
(سر حسيني، ٢-٢٣)

**تان ڪي ڏونگر ڏوريان - محمد صادق ميمڻ**

**آئُون جيهائِي ذاتِ، تُون پاڻُ سُجاڻج سُپِرين!**
**تان ڪي ڏُونگَرَ ڏوريان، جان نَه وهامِي راتِ،**
**تُون پاڻُ سُجاڻجِ سُپِرين!**
(سر ڪاهوڙي، ٢- وائي)

**الا ڏاهي مَ ٿيان (آتم ڪٿا) - فتاح هاليپوٽو**

**اَلا! ڏاهِي مَ ٿِيان، ڏاهِيُون ڏُک ڏِسَنِ،**
**مُون سين مُون پِرِيَن، پورائِيءَ ۾ پالَ ڪِيا.**
(سر ليلان چنيسر، ٢-٦)

# متفرقه موضوع

مضمون نويسي - مقاله نگاري، تنقيد ۽ تحقيق، سارونٽيون، خط، انٽرويو، ڪالم، ڊائريون، تاثر، اخلاقيات ۽ لطيفيات جي موضوعن تي مشتمل ڪتاب.

**ماڻِڪَ موتِي لعلَ - (مضمون) لال چند امر ڏنو مل**

**سيوا ڪر سمنڊَ جِي، جتِ جَرَ وهي ٿو جالَ،**
**سَئين وَهَن سِيرَ ۾، ماڻِڪ موتي، لعلَ،**
**جي ماسو جُڙيئي مالَ، ته پُوچارا! پُر ٿيين.**
(سر سريراڳ، ٢-٣)

**روحَ رهاڻ - ڊاڪٽر ايچ. ايم گربخشاڻي**

**پيهِي جان پاڻَ ۾، ڪِيَم رُوحَ رهاڻ،**
**ته نَڪو ڏُونگَرُ ڏيه ۾، نَڪا ڪيچِيَنِ ڪاڻِ،**
**پُنهُون ٿِيَسِ پاڻِ، سَسُئِي تان سُورَ هُئا.**
(سر سسئي آبري، ٥-٢)

(روح رهاڻ جي عنوان سان هڪ اهم مخزن ڀ سنڌي ادب ۾ گهڻو وقت شايع ٿيندا رهيا آهن، جن ۾ پهرين جو چيئرمل پرسرام ۽ ٻئي جو حميد سنڌي ايڊيٽر رهيا آهن).

**ساهڙ جا سينگار - علامه آءِ آءِ قاضي**

**ساهَڙَ جا سِينگارَ، اَڻَ لِکيا اَڳِي هُئا،**
**نَه ڪا ڪُن فَيڪُونُ هُئي، نَه ڪا ٻِي پَچار،**
**مَلَڪَنِئان مَهدِ هُئِي، توڏِيءَ جِي تَنوارَ،**
**مُحبَتَ ساڻُ ميهارَ، لايائين، لَطِيف چي.**
(سر سهڻي، ٦-١)

**اَج پڻ چِڪِيَم چاڪَ - جي. ايم. سيد**

**اَج پُڻ چِڪِيَم چاڪَ، وَنهِينِ ويڙِيچَنِ جا،**
**سُورَن اَچِي، سُومَرا! اَندَرِ ڪِي اوطاقَ،**
**مارُوءَ جي فِراقَ، هَڏَ منهنجا ڪَپِيا.**
(سر مارئي، ابيات، متفرقه، ٥٢)

**ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون** (تاريخ، سوانح، ادب ۽ تنقيد) **- سيد حسام الدين راشدي**

**اج پڻ آنديون، اوٺين ڪتابتون ڪي،**
**ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، سڻ تون عمر سي**
(سر مارئي، ----)

**ايڏو شان شعور (ايڊيٽوريل، ڪالم) - علامه غلام مصطفيٰ قاسمي**

**جانِبَ تُون جيڏو، آهِين شانَ شَعورَ سين،**
**مون تي ڪَر منهنجا پِرين، توهه تُسِي تيڏو،**
**اِيءُ ڪامِلَ! ڪَمُ ڪيڏو، جيئن نَوازِيم نِگاهَ سين.**
(سر بروو سنڌي، ٢-١)

**ڪتين ڪَرَ موڙيا (ويچار، جانچنائون چوٽيون) - شيخ اياز**

**ڪَتِيَن ڪَرَ موڙِيا، ٽيڙو اُپا ٽيئي،**
**راڻو راتِ نَه آئِيو، ويلَ ٽَرِي ويئِي،**
**ڪوءِ سا ڪاٽِي راتَڙِي! جا پِرِيَنِ رِيءَ پيئِي،**
**مُون ڪي ڏَنءُ ڏيئِي، وَڃِي ڍولو ڍَٽِ قَرارِيو.**
(سر مومل راڻو، ٣-٥)

**سَرَ لوهيڙا ڳِپيا (نوٽس، ڊائريون) - شيخ اياز**

**سَرَ، لوهِيڙا ڳِپِيا، ڪُسَرَ نِسَرِيا،**
**تو ڪيئن وِسَرِيا، ڍولِيا، ڏينهَن اَچَڻَ جا؟**
(سر ساموندي، ١-٢٨)

**جي ڪاڪَ ڪَڪوريا ڪاپڙي (خط) - شيخ اياز**

**جي ڪاڪِ ڪَڪوريا، ڪاپَڙِي، تَنِ لَهي نَه لاڻِي،**
**ڪَڙي ڪَيَف خُمارِيا، مَئي پِي مَوالِي،**
**ڪَري حاصُلُ هَلِيا، ڪَيِفِيَتَ ڪَمالِي،**
**وَتَنِ وِصالِي، لُڌِوٽِيان لوڏِي ٿِيا.**
(سر مومل راڻو، ٣-۴)

**ڳِچين سندا ڳَچ - (مضمون) ڊاڪٽر حميده کهڙو**

**پتنگَنِ پَهِ ڪِيو، مِڙِيا مَٿي مَچَ،**
**پَسِي لَهسَ نه لِڇيا، سَڙِيا مَٿي سَچَ**
**سندا ڳِچِيَنِ ڳَچَ، ويچارَنِ وِڃائيا.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٣-١٦)

**ڏيئي ڏنپ ڏڏن - دادا سنڌي**

**تَن طبيب نه گڏِيا، ڪُنيس ڪويچن،**
**ڏيئي ڏَنيَ ڏڏن، پاٽان ڏيل ڏڪويو.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٢-٣، رسالو: آءِ آءِ قاضي)

**تَن سِپون سُوجهي ڪَڍِيون پاتاران پيهي - سنتنداس جهانگياڻي**

**ويا جي عَمِيقَ ڏي، مُنهن ڪائو ڏيئِي،**
**تَن سِپُون سُوجهي ڪَڍِيُون، پاتاران پيهِي،**
**پَسَندا سيئِي، اَمُلَ اَکَرِيُنِ سين.**
(سر سريراڳ، ٢-١١)

**الا ڏاهي مَ ٿيان (مضمون) - پوپٽي هيرانندائي**

**اَلا! ڏاهي مَ ٿِيان! ڏاهِيُون ڏُکَ ڏِسَنِ،**
**مُون سين مُون پِريَنِ، پورائيءَ ۾ پالَ ڪَيا.**
(سر ليلا چنيسر، ٢-٦)

**چُرن چُٽِڪن چِت ۾ - پوپٽي هيرانندائي**

**چُرَنِ، چُٽِڪَنِ چِتَ ۾، سَدا مَنجه سَرِيَر،**
**لَڏي ڪنهن لوءِ وِيا، مارُو منجه مَلِيرَ،**
**وينِي پُوچِيان پِيرَ، مانَ مِلَنيِمِ ڪڏِهين.**
(سر مارئي، ٨-٦)

**جيڪي ڏنو مون - دادا گرداس واڌواڻي**

**جيڪين ڏنو مون، سو جي ڏنو جيڏِئين،**
**گَهَرَ وَرَ نِين سان، هُوند گهَٽِنِ گهوري چڏيا.**
(سر سهڻي، ١-٧)

**ڪنول پاڙون پاتار ۾ - ڊاڪٽر هرو مل سدارنگاڻي**

**ڪَوَنر پاڙُون پاتار ۾، پوَنر پري ۾ سُجَ،**
**بِنهي سَندِي ڳالهڙِي، عِشقَ اِيّ اُهَجَ،**
**توءِ نه لَهين اُجَ، جي پِيئو پِيئَنِ پاڻَ ۾.**
(سر ڪارايل، ١-٢٣)

**نِرتي تَندُ نِيازُ سين (بين الاقوامي ادبي ڪانفرنس 1988ع جا مقالا)**

**نِر تِي تَندُ نِيازُ سين، بُرائِي بِيجَلَ،**
**راڇا رَتولَنِ ۾، اونائِي اَمُلَ،**
**رازُ ڪِيائين راءَ سين، ڪنهن موچارِيءَ مَهَلَ،**
**”اَنا احمَدُ بِلاَ مِيم“، سَينَ هَنئِي سائِلَ،**
**ڪنهن ڪنهن پيئِي ڪَلَ، تَه هردوئِي هيڪُ ٿِيا.**
(سر سورٺ، ٢-٣)

**انڌا اونڌا ويچ - رسول بخش پليجو**

**اَنڌا اُونڌا ويچَ! ڪَلَ ڪُجاڙيا ڪائِين؟**
**اسان ڏُکيءَ ڏِيلَ ۾، تون پيارِيين پيچَ!**
**سُوريءَ جَنين سيچَ، مرڻ تَنِ مُشاهدو.**
(سر ڪلياڻ، ٢-٢)

**وهڻ مون نه وِڙاءُ (مضمون، خط ۽ ڪهاڻيون) - رسول بخش پليجو**

**چَوڏارِي چَڙا، بُرَنِ ٻيلايَنِ جا،**
**سُتي سَنپارَڻِ، جو، پِيُمِ ڪَنِ پَڙاءُ،**
**وهَڻُ مون نه وَڙاءَ، سُٽِيو جهانءِ جِهڇي هِنيُون.**
(سر سهڻي، ٣-٢)

**رتيءَ جي رهاڻ - ترتيب: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي**

**اَدِيُون! آئُون اَچاڻ، مُون سَڳُ سُڃاڻِي نَه ڪِيو،**
**هُوندَ نه سَنئِمِ هيتَرِي، ڪوهِياري جِي ڪاڻِ،**
**رَتِيءَ جيءَ رهاڻِ، جِي اَڙايُمِ جَتَ سين.**
(سر سسئي آبري، ٥-١٩)

**منهنجي وس واڪا - ڪريم ڏنو راڄپر**

**آڏتِرچا، آهُڙا، ڏُونگَر ڪي ڏاڪا،**
**ڪِيَم آهِ عَجِيبَ ڪي، سِڪَ مَنجهان سا ڪا،**
**پيئِي هَٿِيڪي هوتَ ڪي، ڪُوڪَ وَڃِي ڪَن ڪا،**
**مَنهنجو وَسُ واڪا، ٻُڌَڻَ ڪَمُ ٻَروچَ جو.**
(سر ديسي، ٦-١)

**جانب جو جَمال (مقالا: لطيفي ڪانفرنس) - اطلاعات کاتو سنڌ**

**جِتِ آهِ نه ناهِ ڪا، اِيءُ خاڪِيءَ جو خيال،**
**جانِبَ جو جَمالُ، پَسڻا ئِي پَري ٿِيو.**
(سر آسا، ٣-٣)

**سَڏَن مَٿي سَڏَڙا - علي احمد بروهي**

**واڪو هَڏِ مَ لاهِ، سَڏَن مٿي سَڏَڙا،**
**مانَ تنهنجِي ڪاءِ، سَگَرَ ۾ سارَ ٿِئي.**
(سر حسيني، ١٠-٣)

**ڳُجهه ڳُجهاندَرَ ڳالهيون - علي احمد بروهي**

**بي دَرِ وانءُ مَ ڪيڏاهِين، اَلا! تُون چامَ مَگيندين مَگٽا!**
**ڳُجهه ڳُجهاندَرَ ڳالِهيُون، رازُ نه رَکِيائِين،**
**اَلا تُون چامَ مَگيندين مَگٽا!**
(سر پرڀاتي، وائي، داستان پهريون)

**ڏِيئا تيلَ ڦليلَ جا - علي احمد بروهي**

**ڏِيا تيلَ ڦُليلَ جا، باريَم تائِين، بانگَ،**
**يولو يَٿ رَهائِيو، ڪنهن سَٿاٽي سانگَ،**
**چانگي چَڙهِي آءُ تُون، لالَ! وَرائي لانگَ،**
**ڪوڙيين پَتين ڪانگَ، اُڏايامِ، اَچيج تُون.**
(سر مومل راڻو، ٣-٣)

**اَمُلَه اڻ توريا - فقير امداد علي سرائي**

**بَندَرَ ديسان ديس، اَمُلُه نه مِلي وارِيين،**
**فَقِيراڻي ويس، اَمُلَه ڏِينِ اَتوريا.**
(سر ساموندي، ٢-١٦)

**وڏي وٿ هيام - سوپو گيانچنداڻي**

**وَڏِي وَسَ هُيامِ، ٻاروچا ڀَنڀَور ۾،**
**وَڃِي ڏُورِ پِيا، سانگينِ ڀُنِيءَ سُپرِين.**
(سر حسيني، ۵-۲)

**ڏونگر سي ڏوريندين - ڊاڪٽر درِشهوار سيد**

**پينَرُ! آئُون پورِي، مُون سَڳُ سُڃاڻي نَه ڪيو،**
**ڏِيندا مُون ڏيرَ ويا، جهجَھُ ۽ جهورِي،**
**لَڳِي جَنِ لورِي، ڏُونگرُ سي ڏوريندِيُون.**
(سر سسئي آبري، ۵-۱۸)

**قَدمَ ڪاپڙِين جا - فقير امداد علي سرائي**

**قَدَمَ ڪاپَڙِيَن جا، لَڳا ۾ لاهُوتَ،**
**جِنِين سين ياقُوتَ، آئُون نَه جيئندِي اُنِ ري.**
(سر رامڪلي، ۱-۷)

**ڀَلَئه پايو سچ - علي نواز وفائي**

**اَگهِيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٽَ ٿِي،**
**ڀَلَئه پايو سَچُ، آچِيندي لَجَ مَران.**
(سر سريراڳ، ۳-۱۳)

**رتيءَ جي رهاڻ - علي نواز وفائي**

**اَدِيُون! آئُون اَچاڻِ، مُون سَڱُ سُڃاڻِي نَه ڪِيو،**
**هُوندَ نه سَنِيَمِ هيتَرِي، ڪوهِيارِي جِي ڪاڻِ،**
**رَتِيءَ جِيءَ رهاڻِ، جِي اَڙِايُمِ جَتَ سين.**
(سر سسئي آبري، ۵-۱۹)

**نظارو نينهن جو - ڪريم بخش خالد**

**ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا جُنگَ جُوانَ،**
**ڌَرتِي ڌُبِي، لَرزِي، ٿَرٿَلِيا آسمانَ،**
**ڪَرَهَ هُئِي ڪانَ، هو نظارو نِينهن جو.**
(سر ڪيڏارو، ۲-۷)

**وکر سو وهاءِ (ترجمو) - محبوب علي جوکيو**

**وَکَرُ سو وِهاءِ، جو پَئِي پُراڻُو نه ٿِيي،**
**ويچِيندي وِلاتَ ۾، ڌَرو ٿِيي نه ضاءِ،**
**سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آڳهه جنهن جي اُبَهينِ.**
(سر سريراڳ، ۳-۲)

**آڏو ٽَڪر ٽَرُ - عبدالواحد آريسر**

**وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَڙُ وَڏو ڪيو،**
**نِهارِينديَس نِڪَٽِي، بوتَنِ ڪارَڻِ بَرُ،**
**آڏو ٽَڪَرَ ٽَرُ، مَتان روهه رَتيُون ٿِيين!**
(سر ديسي، ۳-۲۰)

**نائي نيڻ نِهار - عبدالواحد آريسر**

**وَڃين چو وٽِڪار، هِتِ نه ڳولِين هوتَ کي،**
**لِکو ڪِينَ، لَطيفُ چي، باروچو بئي پارِ،**
**ٿِيءُ سَتِي، بَڌُ سَندِرو، پِرتِ پُنهُونءَ سين پارِ،**
**نايو نيڻَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.**
(سر سسئي آبري، ٣-١١)

**ڳچيءَ ڳانا لوهه - عبدالواحد آريسر**

**ڳچيءَ ڳانا لوهه جا، زيرِيُون ۾ زَنجِيرَ،**
**پَيڪَڙا پيرَنِ ۾، ڪونِيَنِ اَندِرِ ڪِيرَ،**
**چارِي چَوگانَنِ ۾، واهِيَتَ ڪَنِ وَزِيرَ،**
**ڇَنِ نه ڇَڇي آهِيان، اِهَڙِيءَ سَٿَ سَرِيرَ،**
**مارُو جامَ مَلِيرَ، پُڇج ڪِي پَهنوارِ ڪي.**
(سر مارئي، ٦-١٣)

**سِرَ جي صدا سُرَ ۾ - عبدالواحد آريسر**

**مَحَلين آيو مَڱَڻو، سازُ ڪَٽي سُرندو،**
**سِرَ جي صدا سُرَ ۾، گُهور هَٽي گُهرندو،**
**مَٿي ريءَ مَلوڪَ جي، چارَڻُ نَه چُرندو،**
**جُهونا ڳَڙه جُهرندو، پُوندي جهانِءِ جهروڪَ ۾.**
(سر سورٺ، ٣-٣)

**هَٿين هٿ ڪڙولَ - طارق اشرف**

**هَٿين هَٿ ڪَڙولَ، هِينئَڙي پِيَم هُنِ جا،**
**سانگِي سارِيَم، سُومَرا! ڏاڻِي پاسي ڍولَ،**
**ٻاٻاڻَنِ سين ٻولَ، ڪِيَمِ نَه ڪوٽ ويهَڻَ جا.**
(سر مارئي، ٦-١٦)

**ڪنڌيءَ ڪوئنر تَرنِ - ڪاشف محمد حسين**

**هيٺِ جَرُ، مَٿي مَڃَرُ، ڪَنڌِيءَ ڪَوئَنر تَرَن،**
**وَرِئي واهُوندَنِ، ڪِينجُهرُ ڪَٿورِي ٿِئي.**
(سر ڪاموڏ، ٢-٥)

**اندر تون اُجار (اخلاقيات) - امام غزاليءَ جي ڪتاب جو ترجمو**

**اَکَرُ پَڙهه اَلِفَ جو، وَرَقَ سَڀِ وِسارِ،**
**اَندَرُ تُون اُجارِ، پَنا پَڙهندين ڪيترا.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٥-٢٩)

**آديسي اُٿي ويا - ڪامريڊ مير محمد ٽالپر**

**اَڄُ نه اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَنوارِين،**
**آدِيسِي، اُٿي وِيا، مَڙهِيُون مُون مارِينِ،**
**هُو جي جِيءَ جِيارين، سي لاهُوتي لَڏي وِيا.**
(سر رامڪلي، ٨-٨)

**حقيقت هن حال جي (لطيفيات) - سليم پٽو**

**حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جي، جي ظاهِرُ ڪَريان زَبانَ،**
**لڳِي ماٺِ مِرُوئَنِ ڪي، رَسي سُورُ شَبانَ،**
**ٿاڪَرِ ٿِڪي ڪانَ، جَبَلُ سَڀِ جَلِي وَيا.**
(سر ڪوهياري، ٥-٦)

**هھڙا سيڻ سُڏير - سليم پٽو**

**ڏُونگَرَ پُونيينِ ڪِيرَ، سَجَڻَ ميخُون ڏُونگرين،**
**هھڙا سيڻَ سُڏِيَر، ڪينَ لَهَنديئنءَ ڪي ٻِيا.**
(سر ڪوهياري، ٢-١٦، رسالو: آءِ آءِ قاضي)

**جيڪِي منجَھ جَھان - يوسف سنڌي**

**جيڪِي مَنجھ جَھانَ، سو تارِيءَ تَڳِي تُنھنجِي،**
**لُطفَ جِي، لَطِيفُ چي، تو وَٽِ، ڪَمِي ڪانَ،**
**عَدُلَ چُٽان آن نه، ڪو ڦيرو ڪج فَضُلَ جو.**
(سر سريراڳ، ٢-١)

**توکي ساري ساھ - ابن حيات پنھور**

**مُحِبّ منھنجا سُپِرين! آڏِينڌُءِ اَللهُ**
**توکي ساري ساھ، اُڪَنڊِيو آھُون ڪَري.**
(سر سارنگ، ٣-٦)

**جهڙا گل گلاب جا - ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ**

**جهَڙا گُلَ گُلابَ جا، تِهَڙا مَٺَن ويسَ،**
**چوٽا تيل چَنبيلِيا، ها ها هو هَميش،**
**پَسِيو سُونهن سَيّدُ چي، نينهن اَچَنِ نيشَ،**
**لالَڻَ جي لِبيسَ، آتَڻِ اَکَرُ نه اُڃهي.**
(سر مومل راڻو، ٣-١)

**اوجاڳي اُجاريا (لطيفيات) - ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر**

**مَرَڻُ مُسلّمُ جِنِ، واحِدُ تِنِ نه وِسري،**
**مَٺي سَڳَرَ ڪاپَڙي، نانگا نِندَ نه ڪَنِ،**
**نيڻَ سَدائِين تَنِ، اوجاڳي اُجاريا.**
(سر رامڪلي، ١٠-١٣، رسالو: علامه آءِ آءِ قاضي)

**پائي پٽ ڪٺا - (مقالا) ڊاڪٽر نور افروز خواجه**

**”پائی پَٽَ ڪٺا، مُون تان مُورَ نَه مڱيا،**
**تازِي طَنبيلَنِ ۾، گهوڙا گهر گهٽا،**
**هاٿِيءَ ڪارَڻِ هيڪَڙي، آن ڪا تَندُ هَٽا،**
**جا مَٺي تو مَٽيا، تنهن سِرَ جو آهِيان سيڪَڙُو.“**
(سر سورٺ، ٢-٩)

**اگهيا سُٺ سَندا - (مضمون ۽ مقالا) ڊاڪٽر نور افروز**

**ڪو جو وَهه ڪاپاتيين، ڪَنَبنِ ۽ ڪِتَن،**
**ڪارَڻِ سُودَ سَوارُيون، آتَڻَ مَنجِهه اَچنِ،**
**اُنِ جي سُونهَن سَيدُ چي، صَرافَ ئي سِڪَنِ،**
**اَگهيا سُٺَ سَندِنِ، پائي تارازِيءَ نَه تورِيا.**
(سر ڪاپائتي، ١-١٨)

**سون برابر سڳڙا (مقالا) - ترتيب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**

**سونَ بَرابَر سَڳِڙا، لُون لُون بَرابَرِ لَکُ،**
**رُپو جنهن رَدِ ڪِيو، ڪُوڙِ تِهِين کي ڪَکُ،**
**مُون مارُوءَ جو مَکُ، تيلُ نه لائِيان تُنهنجو.**
(سر مارئي، ٢-٣)

**لا مون تنهن وڻ سنديون - (ترتيب) آزاد قاضي**

**ڳِلا ڪا مَ ڪَري، لِکِيو تان نَه ٿَري،**
**ٻَڙِي جيڏِيُون! منهنجي وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.**
**جو سينگارُ سَرَتِيِن، سو مُون ناهه ڳَري،**
**منهنجي وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.**
**لامُون تنهن وَڻَ سَندِيُون، لوڏِيان، لايان ڳَري،**
**منهنجي، وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.**
(سر ڪوهياري، وائي، داستان پهريون)

**آيو چام تماچي - (ترتيب) آزاد قاضي**

**پَکا پَکارِيو، چامُ تَماچِي آئِيو،**
**گُوندَرَ لاهِيو، گَندِريُون! آتَڻَ اُجارِيو،**
**ڪِينجهُرُ قَرارِيو، سَمِي سامَ بَخشي.**
(سرڪاموڌ، ٢-١٠، رسالو: علامه آءِ-آءِ قاضي صاحب)

**حاصل جَنين حالُ - ترتيب: آزاد قاضي**

**واچَٿَ ويراڳِيَنِ جا، مُون وَٿِ وَڏو مالُ،**
**مَقالان مهند ٿِيا، ڪونِهي وَٽِنِ قالُ،**
**حاصُلُ جَنِين حالُ، آئُون نَه جيئندِي اُنِ ري.**
(سر رامڪلي، ١-٩)

**ديسي سيڻ ڪجن - ترتيب: تاج جويو**

**ديسي سيڻَ ڪِجَن، پَرَديسي ڪَهڙا پِرين؟**
**لَڏيو لاڏُوٽا ڪَيو، پَنهنجي ديس وَڃَنَ،**
**پُڄاڻا پِرِيَنِ، ڪِجي بَسِ پَنپورَ ڪان.**
(سر ديسي، ١-١٢)

**حُسينيءَ جي هاڪ (لطيفيات) - ترتيب: تاج جويو**

**حُسينيءَ جي هاڪَ مادَرِ! مارِي آهِيان،**
**ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُکَ سين، راتِيان چِڪَنِ چاڪَ،**
**بِڇان پِرِ فِراقَ، مَتان پوئِم پرينءَ سين.**
(سر حسيني، ٥-١٠)

**واڇڙ ويراڳين جا (خطن جي ترتيب) - تاج جويو**

**واڇڙ ويراڳين جا، مون وڻ وڏي وڻ،**
**سون سپوئي سڳيون، پسي ڪينَ مَ ڪٿِ،**
**ويساهي ويلَ ڪنهين، پورب ويندو پَٿَ،**
**هُل ڪنيائون هَٿُ، آئون نه جيئندي ان ري.**
(سر رامڪلي، ١-٨)

**ڏاهيُون ڏکَ ڏِسَنِ (فلسفو) - ترجمو: ڊاڪٽر گل**

**اَلا! ڏاهِي مَ ٿِيان، ڏاهِيُون ڏُک ڏِسَنِ،**
**مُون سين مُون پِرِيَن، پورائِيءَ ۾ پالَ ڪِيا.**
(سر ليلا چنيسر، ٢-٦)

**مڙيا مٿي مچ (حُر تحريڪ جو احوال) - سهڙيندڙ: فقير محمد نظاماڻي**

**پتنگَنِ پَهِ ڪِيو، مِڙِيا مَٿِي مَچَ،**
**پَسِي لَهسَ نه لِڇِيا، سَڙِيا مَٿي سَچَ،**
**سندا ڳِچِيَن ڳَچَ، ويچارَنِ وِڃَائيا.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٣-١٦)

**ڏيهاڙِي ڏَنيَ ڏين - ڪريم بخش خالد**

**ڪُهَنِ ءِ ڪونِين، اِيءَ پَر سَنڌِي سَڄَڻين،**
**سُورِيءَ چاڙهيو سُپِرِين، ڏَنيَ ڏِيهاڙِي ڏِين،**
**وينا وِره وَڻِنِ، آءُ وايوڙِئا وِهاءِ تون.**
(سر ڪلياڻ، ٣-٢١)

**جر ٿَرِ تِڪَ تَنوارَ (لطيفي مضمون)**

سهڙيندڙ: شمشير الحيدري ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جا ميمبر

**جَرِ ٿَرِ تِڪَ تَنوارَ، وَڻِ ٽِڻِ وائِي هيڪَڙِي،**
**سَپِيئِي شَيءِ ٿِيا، سُورِيءَ سَزاوارَ،**
**هَمَهَ مَنصُورَ هَزارَ، ڪَهِڙا چاڙهِيو چاڙهِئين؟**
(سر سهڻي، ٩-١)

**هو جي پهڻ پب جا ( تنقيد) - مشتاق باگاڻي**

**ڏُونگَرَ! ڏُکوينِ کي، ڳَلَ سُڪا ڳوڙها،**
**هو جي پَهَڻَ پَبَ جا، پَڇِي ٿِيا پورا،**
**گوندَرَ جا گهوڙا، وَڃَنِ جانِ جُدا ڪِيو.**
(سر ڪوهياري، ٢-١١)

**ڪِڙيا ڪنڌار (پاراڻو ادبَ) - غلام مرتضيٰ پنٽي**

**مُون ۾ عَيبَ اَپارَ، آئون جا طامع آهِيان تنهنجي،**
**جيئن سي گُل گُلاب جا، ڪِڙيا ڪَنڌَارَ،**
**آئون جا طامع آهِيان تنهنجي.**
(سر بلاول، وائي، داستان پهريون)

**واڻون ويهه ٿيون (مضمون) - اضعف هالائي**

**ڪيچان اوري ڪيتريون، مَعذُورِيُون مُيُون،**
**واڻُون وِيهه ٿِيُون، ڪُه چاٽان ڪيهِيءَ ويا؟**
(سر ديسي، ٣-٣)

**پرچن شال پنهوارَ - سهيڙيندڙ: عرفان مهدي**

**يَرَچَن شالَ پَهُنوارَ، يولا! مارو مُون سان، لا!**
**مُون مُورائِين مَدِيُون، آهِنِ سيڻَ سَتارَ،**
**يولا! مارُو مُون سان، لا!**
(سر مارئي، وائي، داستان اٺون)

**فائق هليا فردوس ۾ - حڪيم عبدالعزيز سرهندي**

**جَنّتَ سَندِيَنِ جُوءِ فائِقَ هَلِيا فِردُوسَ ڏي،**
**فانِي ٿِيا "في اللهَ" ۾، هُوءِ ۾ پِيا هُوءِ،**
**رَبَ! ڏيکارِيين رُوءِ، اُنِين جي اِحسانَ سين!**
(سر ڪيڏارو، ٦-١٢)

**اندر تون اُجار - صاحبزاده علامه نعمت الله ڪرمي نقشبندي**

**اَکَر پَڙهُ اَلِفَ جو، وَرَقَ سَڀِ وِسارِ،**
**اَندَرُ تُون اُجارِ، پَنا پَڙهندين ڪيترا.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٥-٢٩)

**سي آيتون آهن (مقالا) - تقوي نعيم**

**جي تو بيتَ پانئيا، سي آيتُون آهِنِ،**
**نِيو مَنُ لائِينِ، پرِيان سَندي پارَ ڏي.**
(سر سهڻي، ٦-٢٥)

**جي منهنجو جَن سين - حڪيم خليفو عبدالحميد خان چانڊيو**

**لاهِيان جي نه چِتان، اَلا! اُنِ مَ وِسَران،**
**مَڙِهيو مَنجهاران، جيُ منهنجو جَنِ سين.**
(سر سامونڊي، ٢-۴)

**سبحان تنهنجي صاحبي (طب ۽ سائنس) - عبدالهادي ٿيبو**

**سبحان! تُنهِنجِي صاحِبِي، عَجَبُ ڏِنِي سُون،**
**پَنَ ٻوڙين پاتالَ ۾، پَهَڻَ تارِين تُون،**
**جيڪَرَ اَچِين مُون، ته ميرِيائِي مانُ لَهان.**
(سر ڏهر، ٢-١٩)

**نيئر منهنجو نينهن (جيل ڊائري) - اعجاز علي خواجه**

**سَڪَر سيئِي ڏينهن، جي مُون گهارِيا، ٻَندَ ۾،**
**وَسايَم وَڏُڦَڙا، مَٿي، ماڙِين مينهن،**
**واجهاٽِيَس وصالَ کي، ٿِيَس تَهِوارُون تيئن،**
**نِيئَرُ مَنهنجَي نِينهن، اُجاري اَچو ڪِيو.**
(سر مارئي، ١١-٨)

**جوڳيئڙا جهانَ ۾ - جڳديش لچاڻي**

**جوڳِيَئَڙا جَهانَ ۾، هئا مَنجِه حَمامَ،**
**آرا مان اَرَڳُ، ٿِيا، اوڏا نَہ آرامَ،**
**ڪيائُون قِيامَ، آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.**
(سر رامڪلي، ١-٢)

**تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا - جامي چانڊيو**

**متو آهين مچ، ٿلهو ٿيو ٿو ٿونا هٽين،**
**جاتو ڏني اچ، تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا.**
(سر ڏهر، ١-١٣)

**وکر سو وِهاءِ (مضمونن جو مجموعو) - پروين موسيٰ ميمڻ**

**وَکَرُ سو وِهاءِ، جو پَئِي پُراڻُو نه ٿِيي،**
**ويچِيندي وِلاتَ ۾، ذَرو ٿِيي نه ضاءِ،**
**سا کا هَڙَ هَلاءِ، آڳهه جنهن جي اُپِيِن،**
(سر سريراڳ، ٣-٢)

**مُلهه مَهانگا سپرين (ادبي تاريخ - اڻ ڇپيل) - پروين موسيٰ ميمڻ**

**جي مَٿي وٿِ مِڙَنِ، ته سپڪنهِين سَڏَ ٿِيئي،**
**سِرَ ڏني سٿِ جُڙِي، ته عاشقَ اِيئن اَچنِ،**
**لڌا تي لَپَنِ، مُلهه مَهانگا سُپرين.**
(سر ڪلياڻ، ٢-٣١)

**سُونهان سُڏيون ڏين (سوانح - اڻ ڇپيل) - پروين موسيٰ ميمڻ**

**سُونهان سُڏيون ڏين، هِن ديواني درياه جيون،**
**ڪُوڙ اوڏا ئي ڪِينَ ڪي، رُڳو سچ سودين،**
**عجزَ جو اڌ راتِ ڪي، وَکَرُ وِهائين،**
**ساٿُ نباهِيو نِينِ، ثابت اِنهَين سيرَ مان.**
(سر سريراڳ، ٣-١٧، رسالو: آءِ آءِ قاضي صاحب، ص ٣٠٤)

**جي پارڪو پارس جا (لطيفيات) - پروين موسيٰ ميمڻ**

**جي نَه سُڄاڻِنِ سَچَ کي، ويھ مَ تِنِ ۾ وَٽِ،**
**اَمُلھ کي اَڌَ ڪَري، پاڻان هَٽَندا پَٽِ،**
**وَڃي مهرَ تني وَٽِ مَٿِ، جي پارَڪُو پارسَ جا.**
(سر سريراڳ، ٣-١٢)

**پلئه پايو سچ - پروين موسيٰ ميمڻ**

**اڳهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪن موٽ ٿي،**
**پَلئِه پايو سَچُ، آچيندي لڄ مران.**
(سر سريراڳ، ٣-١٣)

# متفرقه موضوعن تي مشتمل نوان لطيفي بيت
(5-1-2021)

**عالم سڀ آباد ڪرين (لطيف شناسي) ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

**سائينم! سدائين، ڪَرِين مَٿِي سنڌ سُڪار،**
**دوس! مٺا دِلدار، عَالَم سَڀ آباد ڪَرين.**
(سر سارنگ، ۴-۱۲)

**اٿي رائو ريل (تحقيق ۽ تنقيد) ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

**ٿڪيائي ٿَرَ ٿيل، چَڙِهه چُڪيائي چوٽيين،**
**هلندي هُوت پنهونءَ ڏي، پوءِ مِڙِئي پيل،**
**اُٿي رائو ريل، ويئڻ تان واري وري.**
(سر سسئي آبري، ۸-۱۳)

**درد جو دارون (لطيف شناسي) - ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

**تون حبيب، تُون طبيب، تُون دردَ جو دارون،**
**دوا آهين دِل ڪي، تنهنجيُون تنوارُون،**
**ڪريان ٿي ڪارُون، جيئن ٻُڪي ٻنئون نه ٿئي.**
(سر يمن ڪلياڻ، ۱-۲)

**پورائيءَ ۾ پال ٿيا (مضمون ۽ مقالا) - ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

**الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏِسَن،**
**مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا،**
(سر ليلان چنيسر، ٢-٦)

**سدا وسين تون (مهاڳ، تبصرا ۽ تاثر) - ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

**ڏاتار ته تون، ٻيا مڙيئي مڱڻا،**
**مينهن ته مُندائتا وسڻا، سدا وسين تون،**
**جي گهر اچين مُون، ته ميرِيائي مانُ لهان.**
(سر پرڀاتي، ١-٢٦)

**ڪوڙين ڪايائون تنهجون (لطيف شناسي) - منظور قناصرو**

**ڪوڙين ڪايائون تنهجيون لِکَن لَکَ هزار،**
**جِيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، دَرسَنِ ڏارو ڏارُ،**
**پريم تنهجا پارَ، کهڙا چئي ڪيئن چُوئان.**
(سر يمن ڪلياڻ، ١-٢٣)

**آچيندي لڄ مران - لڇمڻ ڪومل**

**اَگهِيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَن، موٽ ٿي،**
**پلئه پايو سَچُ، آچيندي لَڄَ مَران.**
(سر سريراڳ، ٣-١٣)

**لهرن لک لباس – (مضمون مقالا) - نذير ناز**

**لَهرنِ لَکَ لباسَ، پاڻي پَسڻُ هيڪڙو،**
**اُونهي ته عميق جي واري چڏوماسَ،**
**جت ناھ نهايت نينهن جي، کوءِ اُت پنهنجي کاس**
**تڙن جي تلاس، لاھ ته لالن لڳ ٿينئين.**
(سر سهڻي، ٩-٣)

**اديون! عبداللطيف چي (لطيف شناسي) - نذير ناز**

**ڪَرھا مَ ڪاھِيو، مِيان ڪيچي،**
**آئون آرياڻيءَ عرضُ چُوندي،**
**اديون! عبداللطيف چي، سَجَڻَ ڪي ساراھيو،**
**آئون آرياڻي عرضُ چُوندي.**
(سر سسئي آبري، وائي٣)

**پئي پراڻو نه ٿئي - (ترتيب: احسان لغاري)**

**وَڪَرُ سو وِھاءِ، جو پئِي پُراڻو نه ٿِئِي،**
**ويچيندي وِلاتَ ۾، ذرو ٿيي نه ضاءِ،**
**سا ڪاھَڙَ هلاءِ، اَڳِھ جنهن جي اُبَهين**
(سر سريراڳ، ٣-٢)

**ڪوڙيين ڪن سلام - رڪيل مورائي**

**ساري رات سُبحانُ، جاڳي جَنِ ياد ڪيو،**
**اُن جي عبداللطيف چي، مِٽيءَ لڌو مانُ،**
**ڪوڙيين ڪَنِ سلامُ، آڳھ آچيو اُنَ جي.**
(سر سريراڳ، ٢-٢)

**واجهائي وَطنَ کي - ناصر مورائي**

**واجهائي وَطنَ کي، ساري ڏيان ساهه**
**هيءُ سِرُ ساڻيهه سامهون منهنجو نِج، مِيان!**
**مقامياڻي مارئين، وَجي ٿَرِ ٿيان،**
**مُيائِي جِيان، جي وَجي مَڙهه مَليرَ ڏي.**
(سر مارئي، ٦-١١)

**جي گهاريا بند ۾ - استاد نظاماڻي**

**سَکَر سي ئِي ڏِينهن، جي مُون گهاريا بَندَ ۾،**
**وَسايَم وَڏ ڦُڙا، مَٿي ماڙَين مينهن،**
**واجهاڻيس وِصال کي، ٿيس تَهوارُون تِيئَن،**
**نيئر مُنهنجي نِنيهن، اُجاري اچو کيو.**
(سر مارئي، ١١-٩)

**محبت پائي مَنَ ۾ - مخدوم جميل الزمان**

**مُحَبتَ پائي مَنَ ۾، رنديا روڙيا جَن،**
**تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اَگهائيو.**
(سر کاپائتي، ١-١٧)

**اُتر لڳا آءُ پرين - مخدوم جميل الزمان**

**سَرَ نِسِريا پاندَ، اُتر لڳا آءُ پرين!**
**مون تو کارڻ کانڌَ! سَهسين سُکائون کيُون.**
(سر سامونڊي، ١-٢٧)

**رُوحَ رَچنديُون - مخدوم جميل الزمان**

**جيڪَرَ اچي هاڻ ،ته ڪَريان رُوح رُچَنديُون**
**آيل! ڍوليي ساڻِ، هُوند ڳرِ لڳي ڳالهيُون ڪِريان.**
(سر ساموندي، ١-٢٩)

**پيهي منجھ پاتار (لطيف شناسي) - ڊاڪٽر بشير احمد شاد**

**اِيءَ گت غواصَنِ، جيئن سَمُنڊ سُوجهيائُون،**
**پيهي منجھ پاتار جي، ماڻِڪَ ميڙيائُون،**
**آڻي ڏِنائُون، هيرو لعل هٿن سين.**
(سر سريراڳ، ٢-٩)

**ڪيچان آيو قافلو - وينا شرنگي**

**ڪيچان آيو قافِلو، پليرو پانيان،**
**پَٽي جا پيرَن جِي، لِڳَن کي لايان،**
**چنبيلي چايان، جي مُون نِهو پاڻ سَين.**
(سر ديسي، ٣-٧)

**ماندي ٿي نه مارئي - استاد بخاري**

**ماندي ٿي نه مارئي، الله اوڏو آهي،**
**سؤ ورهين جا ڏکڙا، هڪ لحظي ۾ لاهي.**
(-----------)

**تو جَنِين جي تاتِ - محمد طالب پنهور**

**تو جَنِين جي تاتِ، تَنِ پُڻ آهي تنهنجي،**
**فاذڪُروني اَذُڪَرڪُم، اِيءَ پَروڙِج باتِ**
**هٿ ڪاتِي، ڳُرُ واتِ، پُڇڻ پَرِ پرِيَن جي.**
(سر ڪلياڻ، ٣-١٣)

**سَمُنڊ سُوجهيائون - آزاد قاضي**

**اِيءَ گَت غواصَنِ، جيئن سَمُنڊ سُوجهيائُون،**
**پيهي منجهه پاتار جي، ماڻڪَ ميڙيائُون،**
**آڻي ڏِنائون، هيرو لعل هٿن سين.**
(سر سريراڳ، ٢-٩)

**سندي سِڪَ سپرين (ناول) - غلام رسول پرهياڙ**

**اج پُڻ اَڪرِيَن، سَڄَڻ پنهنجا سارِيا،**
**ڳِلَن تان ڳوڙهن جُون، بُوندون بَس نه ڪَنِ،**
**سَندِي سِڪَ پِرين، لوڪ ڏِنئي نَه لهي.**
(سر بروو سنڌي، ١-١٠)

**ڏونگر جن ڏوريا - عبدالواحد آريسر**

**وييون پبِ پيئي، ڪِيرون ڪاهوڙين جُون،**
**آئون تَنِ ڏوٿين جو، پُڇان پير پَهي،**
**رُجُنِ راتِ رهي، ڏونگر جَن ڏوريا.**
(سر ڪاهوڙي، ١-٣)

**اک الٽي ڏار - ايوب گاد**

**اک اُلٽي ڏارِ، وَنءُ اُبتو عامَ سين،**
**جي لهوارو لوڪُ وَهي، ٿُون اوچو وَهه اوپارِ،**
**منجهان نوچَ نِهار، پُرُ پُنيرو پرينءَ ڏي.**
(سر آسا، ٢-٢١)

**ٿيندو تن طبيب - نذيرناز**

**ٿيندو تَنَ طبيب، دارون منهنجي دردَ جو،**
**ٻُڪي ڏيندم ٻاجهه جي، اچي شالَ عجيبُ،**
**دارُون منهنجي درد جو.....**
(سر ڪلياڻ، داستان ٿيون، وائي)

**تون چير تون چانءَ - وينا شرنگي**

**جيڏو تنهنجو نانءَ، ٻاجَهه به تيڏيائي مڱان،**
**ريءَ ٿنيين، ريءَ ٿوٽيين، ٿُون چِيَر ٿُون چانءُ،**
**ڪُڇاڙو ڪهانءُ، توکي معلوم سڀ ڪا.**
(سر ڏهر، ٢-٢٣)

**پاڻ سچاٽج سپرين - وينا شرنگي**

**جي مُون موڙهي مَتِ، ته تون پاڻ سُچاٽج سُپرين،**
**اصَل اَوايَن جا عيبَ، ڍَڪين ٿُون اُت،**
**ايءَ پر ٿُنهنجي ٻَت، جِئن وَلهيون ڍَڪِين وِلها.**
(سر ليلان چنيسر، ٣-٧)

**وايون وڏجارن جون - وينا شرنگي**

**تپڙين تنوارين، ماءِ ساموندي آئيا،**
**مون کي جيارين، وايُون وڏجارَن جُون.**
(سر ساموندي، ٢-٦)

**سارنگ سار لهيج - وينا شرنگي**

**سارنگَ! سارَ لهيج، الله لَڳَ اُجِيَن جي،**
**پاڻي پُوجَ پٽن ۾، اِرزان اَنُ ڪَريج،**
**وَطنُ وسائيج، ته سنگهارَنِ سُکُ ٿئي.**
(سر سارنگ، ١-٢٩)

**جيڪي ڏنو مون - آغا سليم**

**جيڪي ڏنو مون، سو جي ڏنو جيڏيئن،**
**گَهرَ وَرَنين سان، هُوند گهٽِن گهوري چڏيا.**
(سر سهڻي، ١-٤)

**دوست ڪهائي دادلا - اظهر گيلاني**

**دوست ڪُهائي دادلا، مُحب مارائي،**
**خاصَن خَلِيلن کي، سَختيون سَهائي،**
**الله الصَمُد بي نياز، ساڪري جا چاهي،**
**انهيءَ منجه آهي، ڪا اونهي ڳالهه اسرارَ جي.**
(سر ڪيڏارو، ٢-١٠)

**اندر جنين اڏ - علي گوهر کهاوڙ**

**سُڪن واري سَڏَ، مَتان ڪا مُون سين ڪَري،**
**اَندَرُ جَنين اَڏَ، ڏونگرَ سي ڏوريندِيُون.**
(سر سسئي آبري، ۳-۵)

**ڪَيَرُ ٿو ڪُن ڪري - علي گوهر**

**بندر جانِ پئي، ته سُڪاڻيا! مَ سُمهو،**
**ڪَيَرُ ٿو ڪُنَ ڪَري، جِيئَن ماڻِي مَنجھ مَهي،**
**ايڏو سُور سَهي، نِنڊ نه ڪجي ناکُئا.**
(سر سريراڳ، ۳-۱۸)

**گل چنو گرنار جو - تاجل بيوس**

**گُلُ چنو گِرنارَ جو، پَٽَڻ ٿيو پٽين،**
**سَهسَين سورَٺِ جهڙيُون، اُپيُون اوسارِين،**
**چوٽا چارڻَ هَٿَ ۾، سِرُ سينگارِيو ڏين،**
**ناريون ناڏَ ڪَرِين، راڇا راتَ رَمَگيو.**
(سر سورٺ، ۳-۱۲)

**جوپن به ٽي ڏينهڙا - نواز زنئور**

**وسارج مَ ويڻَ، جوپن بَه ٽي ڏِينهڙا،**
**لُونيون سَهن لوڪَ جا، وِهاڻي ٿيون ويڻ،**
**جوپن به ٽي ڏينهڙا.**
**راتِيُون جاڳَن جي، سي آئون ڪندڙي سيڻ**
**جوپن به ٽي ڏينهڙا**
(سر يمن ڪلياڻ، وائي، ۲، داستان پنجون)

**سنها پانءِ مَ سَپَ - حافظ ابن سبيل**

**سَنهَان پانءِ مَ سَپَ، وِياءُ واسينگن جا،**
**جَنين جي جهَڙَپَ، هاٿي هَنڌان ئي نه چُري.**
(سر ڪارايل، ٢-٣)

**چوٽا تيل چنبيليا - مارو جمالي**

**جهڙا گُل گلابَ جا، تِهڙا مَٿَن ويسَ،**
**چوٽا تيل چنبيليا، ها ها هو هميش،**
**پسيو سُونهن سَيدُ چي، نينهن اَچنِ نيش،**
**لالڻ جي لبيس، آتڻ اَڱرُ نه اُجهي.**
(سر مومل راڻو، ٣-١)

**تن سپون سوجهي ڪيون (مضمون) - عبدالحئي پليجو**

**ويا جي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئِي،**
**تَن سپون سُوجهي ڪيون، پاتاران پيهِي،**
**پسندا سيئي آمُل اَکڙِين سِين.**
(سر سريراڳ، ٢-١١)

**تنهن عشق کي شاباس - ڪوثر برڙو**

**ڪوئنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پونرُ پري آڪاس،**
**بِنهي سَندِي ڳالهڙِي، رازق آندي راس،**
**تنهن عشق کي شاباس، جنهن مُحبتي ميڙيا.**
(سر ڪارايل، ١-٢٢)

**سَهائي سُپرين جي - ايوب گاد**

**پَتَنگُ چايين پاڻَ کي، پَسي مَچ مَ موٽُ،**
**سهائي سُپرين جي، گِهڙُ ٿيين گهوٽُ،**
**اچان تون اروٽُ، کُوري خَبَر نَه لهِين.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٣-١٢)

**مارو منهنجي مَنَ ۾ - فقير غلام علي**

**تيل نه لائيان تُنهنجو، مون ماروءَ جو من،**
**ڪريان ٻي نه ڪَنِ، آهَرَ انهينءَ آهيان.**
(سر مارئي، ٣-٥)

**جن جهوناڳڙهه جلائيو - رسول بخش پليجو**

**ڪَپُرَ گاروڙيَنِ سين، وڏو وڌوءِ ويرُ،**
**نانگ نه ويندين نِڪري، تو ڏَرِ مٿي پير،**
**هيءُ تَنين جو ڍيرُ، جَن جُهونا ڳڙهه جلائيو.**
(سر ڪارايل، ٢-٩)

**ڪهڙي مَنجهه حساب؟ - ج ع منگهاڻي**

**ڪهڙي منجهه حِسابَ؟ هُئَڻ منهنجو هوتَ ري،**
**گولي! پَچُ گناهه ڪان، ڪونهي سُولُ ثوابَ**
**هُئَڻ منهنجو هوت ري لا!**
**نه ڪي سَوَت ۾، نه ڪي منجهه رَبابَ،**
**هُئَڻُ منهنجو هوت ري لا!**
(سر سهڻي، وائي، داستان پهريون)

**ڪُنيس ڪُويجن (تنقيد) - مبارڪ علي لاشاري**

**ڪُنيس ڪُويجن، تَنَ طبيب نه گڏيا،**
**ڏيئي ڏنبِ ڏڏنِ، پاڻا ڏيل ڏُکوئيو.**
(سر يمن ڪلياڻ، ٢-١٧)

**آهين تون ئي تون (لطيف شناسي) - ترتيب: ناصر بلوچ**

**ڪيو مُطالعُ مون، هُو جو وَرَقُ وِصالَ جو،**
**تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نه لحظي جيتري**
(سر يمن ڪلياڻ، ٥-٢٣)

**بهادر گڏيا بهادرين - جي.ايم سيد**

**بهادُر گڏيا بهادُرين، ڪڙڪ ڪِلوِل ڪَن،**
**وِجَهن ڏَڙَ ڏڙنِ تي، هاڪارين هَٽَنِ،**
**ڪِرَن، ڪنڌ نَچَنِ، رِڻُ گجيو، راڙو ٿيو.**
(سر ڪيڏارو، ٣-٥)

**آئون جي اهائي ذات (آتم ڪهاڻي) - فاطمہ الزهره**

**آئون جيهائي ذات، تون پاڻ سُجاڻج سپرين،**
**اويون آديسين، جون، پريان ساري رات،**
**تون پاڻ سجاڻج سپرين.**
(وائي، داستان ٻيو، سر ڪاهوڙي)

**پردا سپ پاسي ٿيا (آتم ڪهاڻي) - پروفيسر نورالصباح قاضي**

**پاڻ پڙدِو پاڻ ڪي، طالب! سٽيج تون،**
**نڪا ها نه هُون، پڙدا سپ پاسي ٿيا.**
(سر آسا، ۴-۳۲)

**قلم جنين جي هٿ ۾ (خاڪا) - علي محمد "درد" سولنگي**

**الله سائين! سائين! پُٺان پرينئون مَ پاهين،**
**مون تان آسرو آهي اوڏاهين.**
**جتي ديرو دوست جو، سا ڪيئن جوءِ آڳاهين،**
**مون تان آسرو آهي اوڏاهين.**
**قلم جنين جي هَٿَ ۾، سي سيڻ سپاجها سائين،**
**مون تان آسرو آهي اوڏاهين.**
(داستان ٿيون، وائي ۳، سر آسا)

**آڱم ڪيو اچن (مضمون ۽ مقالا) - ڊاڪٽر نور افروز خواجہ**

**آڱَمَ ڪِيو اَچَنِ، سَڄَڻَ سانوَڻَ مينهن جيئن،**
**پاسي تَن وَسَن، جي سَپُ ڇَمانَدرُ سڪيا،**
(سر سارنگ، ۸-۳)

**مُشِڪَ ڪٿوريءَ مَڻُ (مضمون ۽ مقالا) - ڊاڪٽر نور افروز خواجہ**

**ڪانگل قريبَن جا، اَچي وائِيءَ وَڻُ،**
**تو ۾ بوءِ بهار جي، مُشڪَ ڪٿوريءَ مَڻُ،**
**اَچي عَجيبَن جو، اورانگِهجِ اَڱڻُ،**
**توکي پسي تَڻُ، سورنئيان صافُ ٿئي.**
(سر پورب، ۱-۱۹)

**اجهاميو ٻران (ناول) – ظفر جوڻيجو**

**نيڻَ ته ننڊون ڪَنِ، پڳو آرَسُ اکيين،**
**اُجهاميو ٻران، توکي ساريو سپرين.**
(سررپ، ٢-٧)

**منهنجان ولڙين واس - محمد علي دائودپوٽو**

**واجهائي وَطنَ کي، آئون جي هِتِ مُياسِ،**
**گور منهنجي سُومَرا! ڪِج پنهوارن پاسي،**
**ڏج ڏاڏاڻي ڏيهَ جي، مَنجهان وَلڙين واسِ،**
**ميائي جياسِ، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.**
(سر مارئي، ٦-١٢)

**ٻري هن ڀنڀور ۾ - ڊاڪٽر نسيمان**

**مُون سڏيندي سَڏڙا، ساٿي سَڏُ نه ڏِين،**
**وَلهِي جي وَٿاڻَ تي، توڏُ نه تَنوارين،**
**هيڏا هاڃا ٿين، ٻُرِي هِنَ ڀنڀور ۾.**
(سر حسيني، ٣-١٠)

**مون سي ڏٺا ماڻُ - کيمچند شرما**

**مون سي ڏٺا ماڻُ، جَنين ڏٺو پرينءَ کي،**
**رَهي اڇجي راتڙي، تَن جُنگن سنديءَ جاءِ،**
**تَنين جي ساڃاءِ، ٿُرهو ٿيئي تارَ ۾.**
(سر ڪاهوڙي، ١-٣)

**جيڪي منجھ جهان - عبدالحئي پليجو**

**جيڪِي مَنجھ جَهانَ، سو تاريءَ تِڳِي ٿُنهنجي،**
**لُطف جي لَطيف چي، تو وَٽِ ڪَمي ڪانَ،**
**عَدَل چُٽان آن نَہ، ڪو ڦيرو ڪِجِ فَضلَ جو.**
(سر سريراڳ، ٢-١)

**اندر جنين اڏ (مائي جندو بابت) - شمس جعفراڻي**

**سُڪَن واري سَڏَ، متان ڪا مُون سين ڪَري،**
**اَندَرُ جنين اڏ، ڏونگر سي ڏوريندِيُون.**
(سر سسئي آبري، ٣-٥)

**سامِيَن سَمَرُ سُورَ (ڊراما) - محمد علي پٺاڻ**

**سامِين سَمَرُ سُورَ، گُوندَرَ گَبرِيَنِ ۾،**
**جڙِي ٻڌائون جان ۾، پيغامَن جاپُورَ،**
**آديسي اَسُورَ، وَڃائي واٽَ ٿيا.**
(سر رامڪلي، ٣-١٢)

# حڪايتن سان منسوب شاھ صاحب جا بيت

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سڄو ڪلام بامقصد، بامعنيٰ ۽ بي انتها اثر انگيز آهي. هن املھ خزاني ۾ جابجا علم، عقل، سمجھ، سياڻپ، معنيٰ ۽ معرفت جا اڻملھ موتي وکريل نظر اچن ٿا. سندس ڪلام کي تصوف، شاعراڻي اسلوب ۽ موسيقيءَ جي حوالي سان پرکجي يا سندن دؤر جي سياسي، سماجي، تاريخي، معاشي، مذهبي، علمي ۽ اخلاقي حالتن جي تناظر ۾ تحقيقي تور ڪجي، پروڙ اها پوندي ته چڻ هڪ هڪ لفظ منديءَ تي ٿڪ، ِهِڪ هِڪ سٽ چڻ ڳٽيل ڳتيل، موقائتي ۽ مهلائتي آهي.

شاھ صاحب جو ڪلام سندن عملي زندگيءَ جي تفسير آهي، جنهن ۾ سندن ذاتي احساسن، سوچن ۽ سمجھ جي عڪس سان گڏ سنڌ ڌرتيءَ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي ترجماني آهي. هو نه صرف عظيم شاعر ۽ موسيقار هو، پر هڪ وڏو سڄاڻ شخص هو. جنهن جي رسالي ۾ سنڌ جي ڪلاسيڪل داستانن کان سواءِ به هن ڌرتيءَ جي ڪيترن اهم تاريخي واقعن جي نشاندهي ٿيئي ٿي. واقعات نگاري ۽ موقعي مهل سان ڇيل بيتن جو جيڪڏهن جائزو ورتو وڃي ته هڪ وڏو ڪتاب ترتيب ٿي سگهي ٿو. انهيءَ کان علاوه ڪيترائي اهڙا بيت آهن جيڪي سندن طبع جي باري ۾ چاڻ ڏين ٿا. اهي بيت سندن ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ معلومات جي لاءِ اهميت رکن ٿا. هن مقالي ۾ شاھ صاحب جا اهڙا حڪايتن وارا اهي بيت پيش ڪيا ويا آهن.

هي بيت شاھ صاحب جي حياتيءَ جي دور سان واسطو رکن ٿا. سندن سوانح جو احوال مڪمل طور اڃا تحقيق طلب آهي پر هن وقت تائين جيڪا معلومات سامهون آئي آهي، انهيءَ مطابق شاھ صاحب جي

باري ۾ پھريون احوال سندن ئي دؤر جي مشهور عالم ۽ مؤرخ مير علي شير قانع ٺٽويءَ جي ٽن ڪتابن، "تحفة الڪرام"، "مقالات الشعراء" ۽ "معيارِ سالڪان طريقت" مان ملي ٿو. 1851ع ۾ سر بارٽل فريئر سنڌ جي ڪمشنر سرڪاري مترجم ڊبليو سائودي (W-Southy) کان شاھ جي مختصر سوانح حيات لکرائي جيڪا نومبر 1851ع ۾ شايع ٿي ۽ ان جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر دائود پوٽي ڪيو جو (نئين زندگي ڊسمبر 1958ع ۾ ڇپيو ۽ سندن ڪتاب "مضمون ۽ مقالا" ۾ پڻ ڏنل آهي) ڊاڪٽر نبي بخش ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار موجب ته هن احوال ۾ گھڻي ڀاڱي شاھ سائينءَ سان منسوب غير معتبر روايتون شامل آهن. رچرڊ ايف برٽن جي، سنڌ جي باري ۾ لکيل ڪتاب ۾ شاھ صاحب جي باري ۾ ڪجھ مختصر ڄاڻ ملي ٿي جو 1851ع ۾ شايع ٿيو، جنھن جو محمد حنيف صديقي "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون" جي عنوان سان ترجمو ڪيو آهي.

1866ع ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ، "شاھ جو رسالو"، ترتيب ڏنو، جنھن ۾ شاھ جي سوانح جو مختصر احوال ڏنل آهي. 1882ع ۾ ڏيارام گدو مل جي ڪتاب "سگما" ۾ شاھ صاحب جي باري ۾ 40 صفحا ڏنل آهن. 1887ع ۾ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، انگريزيءَ ۾ "Life of Shah Abdul Latif Bhittai" لکيو، جيڪو پوءِ سنڌيءَ ۾ "احوال شاھ عبداللطيف ڀٽائي" جي عنوان سان ترجمو ڪيائون، جنھن ۾ شاھ صاحب جي سوانح سان گڏ سندن ڪلام جي تصوف جي حوالي سان پرک ڏنل آهي. مرزا صاحب جو انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب شاھ صاحب جي 228 ورسيءَ جي موقعي تي 1980ع ۾ شايع ٿيو.

1888ع ۾ هزھائينس مير عبدالحسين خان سانگي "لطائف لطيفي" فارسيءَ ۾ لکيو. هن صاحب پاڻ بذاتِ خود پٽ شاھ تي وڃي جيڪي حالات معلوم ٿيا سي ان ۾ قلمبند ڪيا. مير سانگي شاھ صاحب

جو وڏو معتقد ۽ هر جمعي تي ڀٽ شاهه تي ويندڙ هو. ڪين فقيرن، درويشن ۽ بزرگن کان جيڪي به شاهه صاحب جي قولن ۽ ڪرامتن جون حڪايتون معلوم ٿيون، سي هن لطائف لطيفي ۾ ڏنيون. هيءُ ڪتاب عقيدت ۽ احترام سان جوڙيل آهي. شمس العلما مرزا قليچ صاحب کان اڳ لکيل هن ڪتاب کي ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بنيادي ماخذ قرار ڏنو آهي. (”لطائف لطيفي“ جو سنڌي ترجمو عبدالرسول قادري بلوچ ڪيو آهي.) انهيءَ کان پوءِ ڪيترن ئي عالمن، اديبن ۽ شاهه جي شارحن هِن ڏس ۾ قلم کنيو، جنهن ۾ ليلا رام وطڻ مل لالواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، دين محمد وفائي، علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي، غلام محمد خانزئي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، لال چند امرڏنو مل، نارائڻ داس ميوارام ڀمڀاڻي، لطف الله بدوي، پروفيسر اڪرم انصاري، مولانا غلام محمد گرامي، الياس عشقي، سيد حسام الدين راشدي، پروفيسر محبوب علي چنا، سائين جي. ايم. سيد، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، غلام محمد شاهواڻي، جي الانا، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر تنوير عباسي، سراج الحق ميمڻ، حميد سنڌي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر دُرِ شهوارِ سيد، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر اياز قادري، ممتاز مرزا، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي، پروفيسر موتي لال جوتواڻي، ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، پروفيسر سليم ميمڻ، محمد حسين ڪاشف، محمد سليم ڀٽو، معمور يوسفاڻي، سيد اظهر گيلاني، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، تاج جويو، ج-ع منگهاڻي، ڊاڪٽر اُمّ ڪلثوم، انب گوپانگ، غلام مصطفيٰ مشتاق، ڊاڪٽر احسان دانش، استاد لغاري، راهب لاڙڪ،

ڊاڪٽر پروين موسىٰ (راقم الحروف) ۽ ٻين ڪيترن جا نالا هِنِ ڏس ۾ ڪڻي سگهجن ٿا.

شاهه صاحب سان لاڳاپيل روايتن ۽ حڪايتن جو جيستائين تعلق آهي، انهيءَ ۾ ڏيهي عالمن خاص طور مير عبدالحسين خان سانگي، شمس العلما مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا ڪتاب اهميت رکن ٿا. مير سانگي ۽ قليچ صاحب انگريزن جي دؤر جا قادر الڪلام شاعر ۽ اهلِ علم شخص هئا. جن معتبر روايتن کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر ممڪن آهي ڪٿي ڪو واڌاءُ به هجي، جيڪو گهڻي عقيدت ۽ احترام سبب يا ڪٿي روايت جي تصديق نه هئڻ سبب هجي. ڊاڪٽر نبي بخش اهم روايتن کي پنهنجي ڪتاب "شاهه عبداللطيف رحه" ۾ آندو آهي. هيٺ انهن حڪايتن مان چند جو بيتن سميت مختصر ذڪر ڪجي ٿو:

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي لاءِ مشهور آهي ته پاڻ پٽ پاراتي کي نه پسند ڪندا هئا ۽ نه ئي ڪنهن کي بددُعا ڏنائون. انسانيت جي دشمنن لاءِ بيشڪ چون ٿا ته، "ڏڪاريا ڏيهه مان شل موذي سڀ مرن" پر خاص طور شخصي بد دُعا ڪنهن کي نه ڏنائون، باقي مغلن لاءِ سندن هيءَ هڪ حڪايت مشهور آهي ته:

ڪوٽڙيءَ ۾ آباد، مغلن جي اڳواڻ بيگ مرزا جو گهر شاهه صاحب جي والد حبيب شاهه جي گهر جي ويجهو هو ۽ هو سيد صاحب سان عقيدت رکندڙ هئا. هڪ دفعي سندن نياڻي سيده بيگم جي بيمار ٿيڻ تي هو سيد حبيب شاهه کي دُعا لاءِ وٺڻ آيا پر هن پنهنجي بيماريءَ جي سبب ڪري پنهنجي فرزند شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي موڪليو ۽ شاهه صاحب کي جڏهن بيبي صاحبه جو هٿ ڏيکاريو ويو ته پاڻ سندن چيچ جهلي چيو ته، "جنهن جي چيچ سيد هٿ ۾ تنهن کي لهر نه لوڏو"، انهي ڪري مغل ڪانئس سخت ناراض ٿي پيا ۽ ساڻن ابتا پير هلڻ لڳا. ڪجهه

وقت ڪان پوءِ ڦورن مغلن تي حملو ڪيو، جنهن ۾ سندن وڏو نقصان ٿيو ۽ هو پنهنجا ماڻهو وٺي پويان مقابلي خاطر ويا. شاهه صاحب کي جڏهن خبر پئي ته ڪين انساني همدردي ۽ پاڙي جي ننگ جي ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي فقيرن جي مدد جي آڇ ڪئي پر هنن سندن ٽي دفعا چوڻ جي باوجود به مدد قبول نه ڪئي، جنهن تي شاهه صاحب جن جلال ۾ اچي فرمايو ته:

**بيگ تنهنجي بيگي، ڪونٽڙيءَ ۾ ڪان،**
**اٿم آس الله ۾، دَل مارينئي مانَ.**
(ص 40، لطائفِ لطيفي)

(هن حڪايت جو تحفة الڪرام ۽ معيار سالڪان طريقت ۾ پڻ ذڪر آهي.) روايت آهي ته حضرت شاهه صاحب جي والد جي وفات کان اڳ جڏهن سندن طبيعت ناساز ٿي ۽ وصال جون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون، تڏهن سيد حبيب شاهه پنهنجي فرزند ڏي هيءُ بيت چوائي موڪليو.

**ڪِنهن جِنهن نينهن ننڌاهه، جئن مون واجهائيندي نه ورو،**
**جيڪين مئي ڪندا، سو جانب ڪريو جيئري.**
(سر حسيني، ١٠-٢٣)

شاهه صاحب جن جواب ۾ هي بيت ڏيرائي موڪليو:

**متان ٿيين ملور، ڪين آڳاهون آهيان،**
**ڏسڻ ۾ ڪَرَ ڏور، حَدَ بِنهي جي هيڪڙي.**
(سر حسيني، ١٠-٢٣)

روايت آهي ته پٽ ڏٽيءَ جي فيض سبب پوريءَ سنڌ ۾ سندن مشهوري سندن حياتيءَ ۾ ئي ٿي ويئي هئي. جنهن تي ڪانئن ڪيترائي حاسد ساڙ ڪائڻ لڳا. ميان نور محمد ڪلهوڙي سندن دعوت ڪئي ۽ دعوت کان پوءِ آزمائش طور حسين و جميل عورتون سندن خدمت ۾ موڪليون پر پاڻ مراقبي ۾ مگن هئا. جڏهن ميان ڪلهوڙي اچي روبرو

ڏنو ته حيرت ۾ وٺجي ويو ۽ انهيءَ پرک وٺڻ تي شرمندو پڻ ٿيو. شاهه صاحب ميان نور محمد جي سوال تي ورنديءَ ۾ هيءُ بيت ڏنو:

**ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نه مال،**
**جي چورين ڏنا چال، ته په لاهوتي لنگهي ويا.**

روايت آهي ته حضرت شاهه صاحب استغراق جي حالت ۾ ويٺل هئا ته مٿانئن واري وري ويئي، سندن والد سيد حبيب شاهه ڪين ڳولهيندو جڏهن اُتي پهتو ته ، هيءَ مصرع چيائون:

**لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لٽجي،**
شاهه صاحب انهيءَ آواز تي ورندي ڏني ته:
**پئي ڪٽي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.**

حڪايت آهي ته حضرت شاهه صاحب جن مخدوم ثاري جي ملاقات لاءِ ننگر ٺٽي جي واٽ تي روانا ٿيا ته رستي ۾ سندن ڪن تي سوزو گداز وارو آواز پيو، هڪ شخص سندن بيت جي هيءَ سٽ جهونگاري رهيو هو:

**هيڪليائي هيل، پورينديس پنهونءَ ڏي**

ڪانئس پڇڻ تي ڪين معلوم ٿيو ته هن شخص هالا ڪنڊيءَ جي ويجهو هيءَ سٽ ٻڌي آهي پر ڪيس هاڻي آرام نٿو اچي ۽ فراق جي درد ۾ مبتلا آهي، پاڻ ڪيس قرب ڪري فرمايائون ته هن بيت جي ٻي سٽ چوان؟

اهو فقير ته اهو ئي ٻڌڻ لاءِ آتو هو، تنهن هڪدم هائوڪار ڪئي، پاڻ فرمايائون:

**آڏا ڏونگر لڪيون، سوري سڄن سيل،**
**ته ڪر ٻيليائي ٻيل، سور پريان جا ساڻ مون.**

مڪمل بيت ٻڌڻ شرط ان شخص جو روح پرواز ڪري ويو ۽ لطيف سائينءَ جن ڪانئس ڏاڍو متاثر ٿيا ۽ پنهنجي فقيرن کي انهيءَ جو مثال ڏيندا هئا. پاڻ ۽ سندن فقيرن جو جڏهن به اتان گذر ٿيندو هو، تڏهن

ان شخص جي قبر تي ختمو پڙهندا هئا.

چون ٿا ته شاهه پٺائيءَ ”لاهوت“ جي سير جو ارادو ڪيو ته سندن والد کين چيو ته هيءُ سفر خطري وارو آهي ۽ جبلن ۾ نانگ بلائون ۽ پيون گهڻيون خطرناڪ شيون آهن، پر پاڻ ورنديءَ ۾ چيائون ته:

**نڪو جِن جهان ۾، نڪو سُڃي نانگ،**
**سسئيءَ ڇڏيو سانگ، ته چپر مڙيوئي چاڙڪي.**

هڪ دفعي ٺٽ ۾ شاهه صاحب جون اکيون اُٿي پيون، جنهن ڪري اکين تي ڪپڙو ڏيئي ڇڏيائون. ساڻن، ڪامل بزرگ مخدوم صابر ولهاري ملاقات لاءِ آيو، جنهن سان گڏ ملا حسين نالي شخص ساڻ هو. جنهن کين چيو ته توهان جو والد ته شريعت ۽ تقويٰ جو صاحب هو ۽ ظاهر ۽ باطن سان سينگاريل هو، پر توهان ڇو دنيا جي لذتن کان پاڻ کي پري ڪيو آهي؟ پاڻ جواب ڏنائون:

**پَهنوارڪي پرهي، جي هُوند چکيائِين،**
**ته ميهارڪي مَهِي، ساجهر ڇڏيائين.**

حڪايت آهي ته راهوجن جي ڳوٺ ۾ شاهه سائينءَ جي فقيرن کي رات پيئي پر ڳوٺ جي ماڻهن ساڻن راهي ڪانه، بلڪه انهن فقيرن، زالن جون جٺيون، جهليون، شاهه صاحب کي جڏهن خبر پيئي ته هيءُ بيت چيائون:

**راهو جن ۾ راتِ، شالَ قادر وجهي نه ڪنهن جي،**
**رَنون رَبَ رُلايون، آهر اڳلي واٽ،**
**پَليجن ڪان پاٽ، پَرجي آئي پَتَ جي.**

راهوجن جي ڳوٺ جون زالون ڏڌ ڪٽي ”گجن“ شهر ۾ وڪڻڻ ويون هيون، شاهه صاحب جن پنهنجي فقيرن جي باراني پوک ڏسڻ ويا، تڏهن اُتي ڏڌ گهريائون جيڪو کين ملي سگهيو، تڏهن پاڻ چرچي طور هيءُ بيت چيائون:

**هڏا ڪٽ ڪليون، ڪوپاريون ڪَهِي،**
**چڏيئون ڪانه پنٽي، سندي ڏُڏَ ڏهي،**
**گجن ساڻ گهي، اونڌا ڪري آئيون.**

حڪايت آهي ته شاهه پٺائيءَ وٽ ڪنهن مهاڻي پلو تحفي ۾ آندو. مليل پلي کي فقيرن پچايو، ته بچو، محمد عالم ۽ وروَ وچ مان ڪجهه حصو پهرين ڪاڍو. فقيري دستور موجب جا به شيءِ ايندي هئي فقيرن ۾ برابر ورهائبي هئي. شاهه صاحب پڻ پنهنجي فقيرن جيترو حصو ڪٽندا هئا. جڏهن رحمون فقير پلو تيار ڪري سندن خدمت ۾ آندو ۽ کين سڄي معاملي جي خبر پيئي تڏهن فقيرن جي تنبيهه لاءِ چرچي ۾ هيءُ بيت چيائون:

**ڦوٽو هو فڪرو، وروءَ ور پيو،**
**ڪاڙهو ڪلين تي، بچي پڙڪيو،**
**آيو جو ٿيو، تنهن پچڙي ني پاڻ سين.**

روايت آهي ته جاني ڏيري زميندار جو پٽ عنايت، لطيف سائينءَ جو معتقد ٿي پٽ تي اچي ويٺو، پڻس به ٽي دفعا ڏڪ چنبا هٽي واپس وٺي ويو پر چوڪر هر هر وري اچي پٽ تي شاهه سائينءَ وٽ ويهي، جڏهن جاني انين پيري پٽ کي وٺڻ آيو ۽ شاهه صاحب کي عرض ڪيائين ته، "دولت ناموس ۽ اقتدار وارو آهيان ۽ پٽ جو درويش ٿيڻ کهڙيءَ ريت پسند ڪريان" تڏهن شاهه صاحب هيءُ بيت چيو:

**جاني جڙي بنڌ، عنايتا اوتاهين،**
**چکين ته چريو ٿئين، ميخاني جو منڌ،**
**آهي گهٽو اوکو، فقيريءَ جو فند،**
**کين ڪيندو ڪنڌ، مَنجهان سِڪ سيد چئي.**

شاهه صاحب جي صحبت ڪري عنايت فقير پاڻ وڏو شاعر ۽ بزرگ طور مشهور ٿيو.

روايت آهي ته شاهه صاحب حج بيت الله جي زيارت جو ارادو

ڪيو پر هڪڙيءَ منزل تي ڏڻ ٻڪرين جي ڪي پري ڪان سهڪندو پاڻيءَ جي دٻي تي ايندو ڏٺائون ۽ پاڻي پيئڻ ڪان پوءِ سندن اهو ذوق ۽ شوق نه رهيو، مرڳو منهن ڦيرائي بيهي رهيون ۽ ڦولڙيون لاهي پيشاب ڪرڻ لڳيون. اهو لقاءُ ڏسي پاڻ هي بيت فرمايائون ته:

**ڳوليان مَ لهان شال مَ ملان هوت،**
**مَنَ اندر جا لوچ، مَچَڻِ ملڻ سين ماٺي ٿيئي.**

هڪ انڌي شخص شاهه صاحب کي اکين جي روشني لاءِ دُعا ڪرڻ جو سوال ڪيو. ان وقت پاڻ عروج جي حالت ۾ هئا. ٿوريءَ دير ۾ انڌي کي اکين جي روشني ملي ته هو خوشيون ڪرڻ لڳو. شاهه صاحب تان جڏهن اها حالت گذري ۽ ڪانئس خوشيءَ جو سبب پڇيائون ته هن اکين جي صحيح ٿيڻ جي خبر ٻڌائي، پاڻ فرمايائون:

**سوئي راهه رد ڪري، سوئي رهنما،**
**وتُعِزُّ من تشاءُ، و تذل من تشاءُ.**

(ص 71، احوال شاهه عبداللطيف)

شاهه صاحب جي باري ۾ هيءُ واقعو مشهور آهي ته ڪنهن موقعي تي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ٻين عالمن سان گڏجي شاهه صاحب وٽ سندس سازن کي بند ڪرائڻ لاءِ پهتو. پاڻ هن صاحبِ شريعت جي اچڻ جو ٻڌي، سڀ ساز اڳواٽ ئي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪرائي رکيا هئائون، مگر جيئن ئي مخدوم صاحب، شاهه صاحب سان سوالن جوابن ۾ مشغول ٿيو ته ساز از خود ڪوٺيءَ ۾ وڄڻ لڳا. مخدوم متاثر ٿي، شاهه صاحب ڪان محبت سان موڪلايو ۽ ان موقعي تي ڪين چيائين ته اسان کي ڪو نصيحت جو بيت ٻڌايو، پاڻ هيءُ بيت پڙهيائون ته:

**گندي ۽ گراهه، جن سَناسين سانڍِيو،**
**تَنِين ڪان الله، اجان آڳاهون ٿيو.**

(مخدوم صاحب ٻڌي چيو ته، تحقيق اهو صحيح آهي. (ص 30،

شاھ عبداللطيف رحه، تحقيقي مضمون)

پڻائي صاحب، ڪو ٽيسر (ڪڇ) ۾ ويو، اتي هڪ هندو فقير ڏٺائين جو تپسيا ۾ وچن مطابق پانهون ٻڌي جهلي بيٺو هو. شاھ صاحب جي ساڻس گفتگو ٿي، پوءِ ڪيس چيائين ته:

**هِنيون نہ سڪائين هوت لئي، ٿو سڪائين پانهُون،**
**ڏيکارِين ٿو ڏيھ کي، دتا ڪيو دانهُون،**
**پاڻهين منيءَ پاڻ کي، ته ڪو آديسي آئُون،**
**اِي پنڌ آڳاهون، ڪي ڪاهي رسيا ڪاپڙي.**

هيءَ حڪايت دادي ليلا تلسي داس کان زبان ملي، جيڪا کين سندن استاد ٻڌائي هئي (ممڪن آهي ڪتابن ۾ آئي هجي، منهنجي نظر مان نه گذري هجي).

روايت آهي ته، هڪ لڱا ڪي ماڻهو، پٽ ڌڻيءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ چيائون ته مسلمان ۽ هندوءَ جي فرق تي روشني وجهو! شاھ صاحب جن ماٺ ۾ رهيا. جڏهن ٻيهر پڇيو ويو تڏهن فرمايائون ته منهنجي مريد مَدَن کان پڇي اچو، جيڪا ورندي ڏي سا مون کي ٻڌائجو. اهي گڏجي مدن وٽ ويا، جيڪو ان وقت کوھ تان پاڻي پري رهيو هو. مدن کين وراڻيو ته "مسلمان ڏوڙ ته هندو ڇائي". انهن ماڻهن حيران ٿي، مدن جي ورندي اچي شاھ صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪئي. انهيءَ تي شاھ سائينءَ چيو ته ابا! سچ ٿو چئي، ٻنهي جي حقيقت اها ئي آهي.

معنيٰ ته، مسلمان مٽيءَ (ڏوڙ) ۾ ملڻو آهي، ته هندو ڇائي يعني (رک) ٿيڻو آهي، داديءَ موجب ته استاد هي بيت پڻ پڙهندو هيو.

**اِن پر نه ايمانُ، جئن ڪلمي گو ڪوٺائين،**
**دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،**
**منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.**

**ڪوڙو تون ڪُفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ،**
**هندو هڏ نه آهيين، جٽيو تو نه جُڳاءِ،**
**تِلڪِ تَنين کي لاءِ، سچا جي شِرڪَ سين.**
(سُر آسا، 15-15)

اهڙيءَ ريت ٻيون حڪايتون ۽ بيت ملندا جن ۾ پنيان ننديا وڏا واقعا موجود آهن، هتي ڪي ٿورا مثال طور ڏنا ويا آهن.

*

## اُهي عنوان جن جا بيت ملي نہ سگهيا آهن

هيٺ انهن ڪتابن جا عنوان ڏجن ٿا، جن ۾ گمان آهي ته شاهه صاحب جي بيتن مان چونديل آهن پر في الوقت اُهي بيت هٿ ٿي نہ سگهيا آهن.

### شاعريءَ جا ڪتاب

| | |
|---|---|
| چپر ۾ چڙيون - مخدوم طالب المولىٰ | سوريءَ مٿي سڏ - شعبان علي منگي |
| ڪي پڙاڏو ڪي سڏ - جي. الانا ”عاجز“ | گهايا گهٽا گهوٽ - رحيم بخش ”قمر“ |
| ڪاري رات ڪهنگ - شيخ اياز | لوچين سي لهن - ميمڻ روشن تبسم |
| سج تريءَ هيٺان - تنوير عباسي | سچڻ آيو سهنج ٿيا -رحيم بخش ”قمر“ لاکو |
| ڪوڪڻ يا ڪلياڻ - استاد بخاري | سورن سندي سيج - قاضي فيض محمد |
| ميلا ملهالا - استاد بخاري | لڳي جيءَ جهوري - عبدالجبار قاسم |
| پير نه هٿن پوئتي - استاد بخاري | |
| اندر اوتون جوتون - استاد بخاري | جهڙا چنيءَ چٽ - رسول بخش رضا ڏاهري |
| ساٿيه جا سور - عبدالڪريم گدائي | وگهہ جا وريام - ابراهيم منشي |
| سڪ جو سمونڊ - علي محمد مجروح | |
| جڏهن اُلا اُپ ۾ - آتم ناٿن شاهي | بوندون بهار جون - احمد خان گلزار |
| حق جو هوڪو - سيد اظهر گيلاني | رڻ سچو رت ڦڙا - ذوالفقار سيال |
| اندر جا آلاپ - منصور ويراڳي | سوريءَ مٿي سيج - بشير احمد ميمڻ |
| جوڳيءَ جاڳايوس - سبحان شاهه | پرينءَ جي پُڪار - پنهل فقير ”مهر“ |

### ناول

| | |
|---|---|
| سوريءَ پائنين سيج - گوبند مالهي | پڪيئڙا ولر ڪان وڇڙيا - گوبند مالهي |
| اندر جي اُجل - ڊاڪٽر بدر اُجڻ | جي ماريا نہ موت - ڊاڪٽر تنوير عباسي |
| جيءَ ۾ جهوري تن ۾ تات - پوپٽي هيرانندائي | ڏونگر منجهہ ڏيئو - پورس پوليوائي / پرويز |

## ناٽڪ

**وڍيا جي ويڇن - رشيد ڀٽي** **اجان ڪي آهن - ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور**

**سنگهارن جي سار - غالب لطيف**

## ڪهاڻين جا مجموعا

**پنهل ڪان پوءِ - شيخ اياز** **سڄڻ سڪ ۾ سور - رشيد آخوند**

**سورن سندو ساٿ - پريم پياسي** **جيڪي منجهه من ۾ - نجم عباسي**

**پيرين سنديون پاٽيون - عبدالقيوم صائب**

**ڪڙا ڪوٽ پڳاس - دودو سومرو** **اديون ڏيوم صلاح - شوق سنڌي**

**سوريءَ چڙهيو سچ - جي. ايچ. حيدري**

**دل اندر درياءُ - مدد علي سنڌي** **منهنجي وس ناهي جيڏيون - تنوير جوڻيجو**

## سفرناما

**سردار سار لهيج - شهيد عبدالله شاهه** **جڙيل جن سان جند - هري موٽواڻي**

**سي سپ سانڍيم ساهه سين - موتي پرڪاش** **جتي منهنجا اونيئڙا - ريٽا شاهاڻي**

**سانپاهو سمونڊ جو - الطاف شيخ** **خبرون ڪيڙائن جون - الطاف شيخ**

**اوهريا جي عميق ڏي - الطاف شيخ** **ديسين وٺ پرديس - قاضي عمر**

**ڏوريم ڏيساور - عبدالحئي پليجو** **راڻل تو بن رات - عبدالحئي پليجو**

**ڏايا ڏونگر ڏيهه جا - محمد علي نظاماڻي** **اديون ڙي اوهان چا ڏنو - تاجل بيوَس**

## سوانح عمريون / آتم ڪٿائون

جئن ڏٺو آهه مون - جي. ايم. سيد    گهڙيون گهاريم جن سين - ميمڻ عبدالمجيد

سڄڻ پيٽان وڍيا - محمد صالح شيخ    منهن تنين مشعل -ڊاڪٽر تنوير عباسي

جي جوت جلائي ويا -منصور سارنگ    سانگي ڪي ساريام - شيخ عبدالرزاق راز

سڄڻ لڌي سار - گلاب هڪڙو    ڏونگر نيٺ ڏرن - امان شيخ

پنڌ اٽانگا پٻ جا - پرويز

## متفرقه موضوعن تي ڪتاب

جيڪس ويا جبروت - ابراهيم جويو
ائٽ جي اوٽ - پاوناٽي جهٽمل خوبچند
نينهن جا نعرا - ڊاڪٽر عطا محمد حامي
سوريءَ چڙهيو سچ - گلزار سومرو
قلم وهي ويو ڪانهن - سومار شيخ
سچڻن جا سنيها - محبوب علي جوکيو
آري اڇن شال - حميد سنڌي
نسورو ئي نور - مولوي دين محمد ٻگهيو
وچڙيا ڪين ورن - رياض انور
ڪينئن وساريان ويڙهيچن - وينا شرنگي
چپر جي چولي - انب گوپانگ
ورچي نه وينئي - آزاد قاضي
ڳالهيون من اندر جون - محمد شفيع
هي سي واڪا واءُ ۾ - اعجاز قريشي
جَرَ ۾ ٿو جرڪان - تاج جويو
پره منهنجي پاند ۾ - پره سنڌي پليجو
سندي ذات هنجن - عبدالواحد آريسر
وريا واهرو - عبدالواحد آريسر
سوريءَ چڙهيو سچ - گلزار سومرو
دل اندر ديرا - غلام رسول ابڙو
وينئي ويچن وٽ - ڪاشف محمد حسن
جي مون ماٽڪ ميڙيا - سرور سيف
ڏونگر ڏک ڏنام - يوسف سنڌي
ڏيهي ڏور ٿيا - معمور يوسفاڻي
ڏونگر نيٺ ڏرن - رنڌير سنگهه
تو پچاڻان سپرين - ناز سنائي
سنيها سرير ۾ - محمد ملوڪ انڙ
ڪونجون ڪُرڪن روه تي - شيخ اياز
اندر ملهه امُلهه - حيدر لغاري

# نوان عنوان

شاهه صاحب جي بيتن مان چند نوان عنوان هيٺ ڏجن ٿا، جن مان ايندڙ ليکڪ کي پنهنجي ڪتابن جا عنوان چونڊڻ ۾ يقيناً ڪجهه مدد ملي سگهندي.

(هيءُ عنوان شاهواڻي صاحب جي ترتيب ڏنل، ”شاهه جو رسالو“ سنڌيڪا اڪيڊمي ڇاپو 2005، مان ورتل آهن.)

| رسالي جو صفحونمبر | عنوان | | |
|---|---|---|---|
| | | 473 | واڪو هڏ مَ لاهه |
